# کينجھر

(١١)

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي

٢٠٠٥ع

# ڪينجھر


سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو سنڌ

2005ع



جناب مظهرالحق صديقي وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي سنڌي شعبي جي هڪ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي



هندستان مان سنڌي اديب دوري تي آيا. ان موقعي تي نڪتل تصوير-
جناب محمد ابراهيم جويو. ڊاڪٽر هدايت پريم ۽ رشمي راماڻي
(هند جي شاعره)

# ڪينجھر

## (تحقيقي جرنل)

(1ٿ)

سرپرست اعليٰ:

مظهرالحق صديقي

وائيس چانسيلر

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

سرپرست:

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم

ڊين فيڪلٽي آف آرٽس

نگران ايڊيٽر:

ڊاڪٽر هدايت پريم

ايڊيٽر:

پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجہ

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | ڊاڪٽر پروفيسر نور افروز خواجه | 5 |
| **جمال ابڙو ڪارنر** | | 7 |
| جمال ابڙو- سنڌي سماج جو هڪ نمائنده ڪهاڻيڪار | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 9 |
| جمال ابڙو- سنڌ جو اهم ڪهاڻيڪار | ڊاڪٽر قاضي خادم | 18 |
| جمال ابڙي جي افسانن جو جائزو | پروفيسر نور افروز خواجه | 22 |
| **سنڌي ادبي ڪانفرنس** | | 47 |
| ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 49 |
| تعليم جو معيار وڌائڻ ۾ سنڌي اديبن جو ڪردار | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 54 |
| ايڪويهين صدي عيسوي ۾ سنڌي اديب جو ڪردار | ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | 70 |
| ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار | ڊاڪٽر نور افروز خواجه | 76 |
| ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار | ڊاڪٽر قمر جهان مرزا | 87 |
| ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار | ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو | 96 |
| **سنڌي ادب ۽ ٻولي** | | 102 |
| جونڊ سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 104 |

| | | |
|---|---|---|
| سيد نجف علي شاهہ ڪمترنقوي | ڊاڪٽر هدايت پريم | 123 |
| سُر ڪاموڏ جي روشنيءَ ۾ شاهہ جي دور جي سماجي حالتن جو جائزو | ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو | |
| سنڌي ناٽڪ: موجوده صورتحال | شوڪت حسين شورو | 141 |
| شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سماجي فڪر | شيخ محمد اسماعيل | 151 |
| نظم | اير ڪمل | 165 |
| زيورنامہ | علي اڪبر اسير قريشي | 180 |
| نرمل جيوتاڻي | آزاد قاضي | 198 |
| حضرت مخدوم غلام حيدر صديقي هالائي | ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي | 214 |

# پيش لفظ

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي طرفان ڪينجهر تحقيقي جرنل جو يارهون جلد اوهان جي هٿن ۾ آهي، هڪ نئين روايت قائم ڪندي هن جرنل کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون حصو "محترم جمال ابڙو ڪارنر" آهي. جمال ابڙو ويهين صديءَ جي افسانه نگارن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. سندس افسانن کي سنڌي ادب ۾ نمايان حيثيت حاصل آهي. هن پنهنجي دور جي سماج جي ترجماني ڪندي ڪيترين ئي سماجي، معاشي ۽ اخلاقي ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "پشو پاشا" جي نالي سان شايع ٿيل آهي. هن ڪارنر ۾ سندس زندگيءَ، سندس لکيل افسانن ۽ مضمونن بابت مواد شامل ڪيل آهي.

ٻيو حصو سنڌي شعبي طرفان "ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي ادب ۾ سنڌي اديب جو ڪردار" واري موضوع تي سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي وڏن وڏن عالمن، اديبن ۽ استادن پنهنجا مقالا پيش ڪيا هئا. اهي سڀ مقالا ترتيبوار هن حصي ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

ٽئين حصي ۾ سنڌ جي عالمن، اديبن، سنڌي ادب جي استادن ۽ سنڌي شعبي جي شاگردن جا مختلف موضوعن تي لکيل مقالا شامل ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ علمي، ادبي، تخليقي ۽ تحقيقي مضمون شامل آهن. اميد ته پڙهندڙ خواتين و حضرات انهن مان ضرور فيضياب ٿيندا ۽ پنهنجي معلومات ۾ اضافو ڪندا.

آئون سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر، سائين مظهرالحق صديقي صاحب جي تعاون جي شڪرگذار آهيان ۽ ڊين فيڪلٽي آف آرٽس

محترم ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب کان سواءِ انهن عالمن، اديبن ۽ ليکڪن جي پڻ شڪرگذار آهن جن هن جرنل لاءِ پنهنجا مقالا لکي، اسان جي همت افزائي ڪئي آهي ۽ آئنده پڻ انهن ئي اهڙي اميد رکان ٿي ته هو اسان سان هميشه تعاون ڪندا رهندا.

پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه

صدر شعبه سنڌي

محترم جمال ابڑو کارنر

جمال ابڙو- سنڌي سماج جو هڪ نمائنده ڪهاڻيڪار

ڊاڪٽر غلام علي الانا

جمال ابڙو- سنڌ جو اهم ڪهاڻيڪار

قاضي خادم

جمال ابڙي جي افسانن جو جائزو

ڊاڪٽر نور افروز خواجه

ڪوشش ڪندو آهي، ۽ پوءِ هو (سماجيات جو ماهر)، جن نتيجن تي پهچندو آهي، تن کي ٻين جي اڳيان اثرائتي انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ، واضح لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

4- سنڌي زبان کي، موليٰءَ ڪريم جي فضل ۽ ڪرم سان، هر دور ۾ اهڙا اديب ۽ شاعر نصيب ٿيا، جن جي ڪلام، قوم ۾ نئون جوش ۽ نئون جذبو پيدا ڪيو. اُهي اديب ۽ شاعر، پنهنجي پنهنجي دور ۾، سنڌي سماج، سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان جا بهترين ترجمان رهيا. اهڙن اديبن ۾، محترم جمال اَبڙو هڪ قداور اديب طور، سنڌي ادب تي ڇانئجي ويو. هن کي سنڌي سماج ۽ سنڌي ادب جو هڪ نمائنده ڪهاڻيڪار مڃيو ويو.

5- جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪڏهن ٿي ۽ ڪنهن ڪئي، تنهنجي باري ۾ مون پنهنجي مقالي: "حقيقت نگاريءَ جو هڪ مثالي ليکڪ: محترم جمال ابڙو"، ۾ تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

جمال ابڙو، ٻئي دور جو، جديد ڪهاڻي نويس هو. هن ون يونٽ جي قائم ٿيڻ واري عرصي (1954ع) ۾، پنهنجين ڪهاڻين ذريعي سنڌ جي ادبي ماحول ۾ شهرت حاصل ڪئي، ۽ پنهنجو اعليٰ معيار ۽ مقام قائم ڪيو. هن جي ڪهاڻين ۾، هارين نارين، مزورن ۽ محنت ڪش ماڻهن جي مسئلن جو ذڪر ملي ٿو.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي مجموعي "پشو پاشا" جا چار ايڊيشن شايع ٿيا: پهريون ايڊيشن 1959ع ۾، ٻيو ايڊيشن 1972ع ۾، ٽيون ايڊيشن 1976ع ۾، ۽ چوٿون ايڊيشن 1992ع ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي جي باري ۾، برصغير جي مهان شاعر ۽ نثر نويس، شيخ اياز ۽ سنڌ جي هڪ ٻئي وڏي مفڪر، نقاد، لطيف شناس، ڪهاڻيڪار ۽ قوم پرست سياسي رهنما محترم رسول بخش پليجي، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

محترم شيخ اياز، جمال ابڙي جي مجموعي "پشو پاشا" جي چوٿينَ ڇاپي (1992ع) جي مهاڳ ۾ فرمايو ته:

"روسي اديب، "اِساڪ بيبل" به جمال جي "پشو پاشا" وانگر فقط هڪ ئي ڪتاب، "سرخ رسالو" لکيو هو، جنهن لاءِ "اسٽالن ڪيس مارايو هو، پر هُو دنيا جي ادب ۾ امر ٿي چڪو آهي. جمال ڪي به سنڌي ادب ۾ امرتا ملي چڪي آهي. هن جي پوري ڪتاب جو جڏهن ترجمو ٿيو ته هُو پوري برصغير جي ادب ۾ پنهنجي جاءِ والاريندو."

محترم رسول بخش پليجو، "پشو پاشا" جي ٽئين ڇاپي جي مهاڳ ۾، پنهنجي راءِ ۾ فرمائي ٿو ته:

"پشو پاشا مان پڙهندڙن تي اهو اثر ويهي ٿو ته ملڪ جي نظام بدلائڻ لاءِ صرف هڪ ڇيڪري، جهنگلي، الڙ ۽ ضدي پهلوان جي ضرورت آهي، جو ڪنهن من موهڻيءَ نازنين جي عشق ۾ نوڪر ڪائي، بغاوت تي آماده ٿي وڃي ۽ پوءِ زوردار تقريرن سان قوم کي ميدان جنگ ۾ آڻي بيهاري. سياسي تنظيم اقتصادي ۽ سياسي نظرين ۽ تحريڪن جي بکيڙن ۾ پوڻ جي ضرورت ڪانهي."

جمال جي مذڪوره مجموعي (پشو پاشا) ۾ هي ڪهاڻيون شامل ٿيل آهن:

مان مرد، بدتميز پيراڻي، شاهه جو ڦر، بدمعاش، منهن ڪارو، هُو حُر هو، ڪارو پاڻي، مهرباني، خميسي جو ڪوٽ، لاري، سينڌ، ماءُ جي جهولي پشو پاشا.

جمال جي ڪهاڻي "فرشتو"، کيس هڪ اَڏول ڪهاڻيڪار ثابت ٿي ڪري. "شاهه جو ڦر ڪهاڻيءَ ۾، سنڌي سماج جي حقيقت تي مبني تصوير

چٽيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي ته سنڌ ۾ "سيد خاندان. جو وڏو احترام ڪيو ويندو آهي. هڪ معمولي سيد به پاڻ کي "اهل بيت" "عليءَ جو اولاد" ۽ "سيد سڳورو" چوائيندو آهي. هُو چاهيندو آهي ته سماج ۾ هن کي وڏي عزت ملي، هُو پاڻ کي مٿيرو يعني "اهل بيت" ۽ غير سيدن کي "اُمتي" سمجهندو آهي.

اسان جي جيل ياترا واري زماني ۾، 1971ع ۾، حيدرآباد جي سينٽرل جيل ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي ناميارو قوم پرست شاگرد ليڊر، سيد مهر علي شاهه کي به، اسان سان گڏ رکيو ويو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي اُستادن ۽ آفيسرن ۾ مرحوم محمد عمر ميمڻ، محترم حميد سنڌي، محترم نواز علي پٽو، پروفيسر ارجن لال، آفتاب مرزا، ديوداس، اشوڪ ڪمار ۽ آءٌ هڪ ئي وارڊ ۾ رهندا هئاسين. سيد مهر علي شاهه ۽ نندلال ورياڻيءَ کي اسان سان گڏ رکيو ويو هو. سينٽرل جيل ۾، هر قيدي، سيد مهر علي شاهه کي، انهيءَ ڪري تمام گهڻي عزت ڏيندو هو جو هُو سيد هو. هر قيدي، هن کي پيرين پوندو هو. "شاهه جو ڦر" افسانو، اهڙي ماحول جو چٽو نقشو چٽي ٿو. "شاهه جو ڦر" افساني جو مرڪزي خيال به اهوئي آهي. جمال ابڙي جي، ان وقت جي همعصر ڪهاڻيڪارن توڙي اڄوڪا ڪهنه مشق ڪهاڻيڪار ۽ نقاد، "شاهه جو ڦر" ڪهاڻي کي جمال ابڙي جي هڪ بهترين ڪهاڻي تسليم ڪن ٿا.

مون جمال ابڙي جون جيڪي ڪهاڻيون پڙهيون آهن، اُنهن مان، منهنجي نظر ۾، "پشو پاشا"، سندس بهترين ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار، پشو پاشا، جمال ابڙي جو هڪ امر ڪردار آهي. جمال جو اهو ڪردار، سنڌ جي وڏيرڪي ماحول کان تنگ اچي، وڏيرا شاهيءَ خلاف بغاوت ڪري ٿو. جمال جي هن ڪردار جي باري ۾ محترم رسول بخش پليجو لکيو آهي ته:

"پشو پاشا جو مقصد هڪ اهڙو مثالي ڪردار پيش ڪرڻ آهي، جو نہ فقط اسان منجهان ۽ اسان جو هجي، پر ساڳئي وقت اسان جي اڳواڻي ۽ رهبري بہ ڪري، اسان کي موجوده، پستيءَ ۽ ذلت جي حالت مان ڇوٽڪارو ڏياري، ۽ اسان جي آسن ۽ اميدن کي حقيقت ۾ بدلائي ڏيکاري- اُن جو مقصد، سماج جي غير-انساني ماحول ڏانهن اشارو ڪرڻ جي بدران، اُن کي عمل ۽ جدوجهد جي وسيلي بدلائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي راهہ ڏيکارڻ آهي. "پشو پاشا" عوام جي ڪامياب جدوجهد جي ڪهاڻي آهي."

جمال ابڙي جا ڪردار، سنڌي سماج جا پنهنجا ڪردار آهن. اُهي ڪي اوپرا يا ڌاريا ڪردار نہ آهن. هن پنهنجا ڪردار، پنهنجي سماج مان ئي ڪنيا آهن. اُهي ڪردار ، پڙهندڙن کي، ڏٺل وائٺل ۽ جاتل سڃاتل ڪردار محسوس ٿين ٿا. اهي ڪردار اسان مان آهن، اسان جهڙا آهن، اهي ڪردار اهي انسان آهن، جيڪي اسان وانگر زندگي گذارين ٿا. اِهي، اُهي ماڻهو آهن، جيڪي زندگيءَ جي ڏکن سکن، امنگن ۽ جذبن سان واسطو رکن ٿا.

جمال جي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيل واقعا ۽ مسئلا ڪي اڻ ڏٺل يا اوپرا نہ آهن پر اُهي سنڌي سماج جا مسئلا آهن، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. سندس ڪهاڻين- "شاهہ جو قرض"، بدمعاش، خميسي جو ڪوٽ ۽ پشو پاشا ۾ بيان ڪيل واقعا، سنڌي سماج جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا.

جمال ابڙو، سنڌ جي شهري توڙي ديهي زندگيءَ جي حالتن کان پوريءَ طرح واقف هو. انهن ٻنهي قسمن جي زندگيءَ جي روزمره جي ماحول کي هن، پنهنجي مشاهدي واري فن جي وسيلي بيان ڪيو آهي. سندس اهڙو هڪ لاثاني مشاهدو، سندس ڪهاڻيءَ، لاڙيءَ ۾، پسي سگهجي ٿو.

هاڻي تہ خير، سڄيءَ سنڌ ۾، سواءِ حيدرآباد ۾، قاسم آباد کان

لطيف آباد تائين هلندڙ بسن، يا ٽنڊي محمد خان کان ڦلڪارن ۽ اهڙن ٻين ڳوٺن ۾ هلندڙ بسن جي، باقي سڄيءَ سنڌ ۾ هلندڙ بسون بهتر حالت ۾ هونديون آهن. هاڻي اهي بسون، ڪامورن جي اچڻ جو انتظار نٿيون ڪن. هر بس پنهنجي وقت تي هلندي آهي، اڳي ته جڏهن ڪو مختيارڪار، صوبيدار يا جمعدار سفر ڪرڻ چاهيندو هو، ته اها بس تيستائين ڪانه چُرندي هئي، جيستائين اهو صاحب بس ۾ اچي نه چڙهي، پر جمال صاحب، پنهنجي افسانې، لاريءَ ۾ اُن دور جي ڏڪا اسٽارٽ، ۽ هئنڊلن تي چالو ٿيندڙ خسته ۽ ڪٽارا قسم جي بسن جو ذڪر ڪندي، سماجي اوڻاين کي واڪو ڪيو آهي. مطلب ته جمال ابڙي، پنهنجين ڪهاڻين ۾ سماج جي هر مسئلي کي، مشاهدي جي مدد سان، نمايان ڪيو آهي.

منهنجي خيال ۾، جمال ابڙو، سنڌ جو پهريون ڪهاڻيڪار هو، جنهن ڪارو-ڪاريءَ جهڙيءَ رسم جي خلاف، پنهنجو قلم کنيو هو. جمال جو افسانو "سينڌ"، ڪارو ڪاريءَ واريءَ، نفرت ڀريل رسم جي سلسلي ۾، حقيقت سان ڀريل مشاهدو آهي. هيءَ ڪهاڻي، هڪ نماڻي، نياڻيءَ کي، ڪارو-ڪاريءَ جي رسم جو شڪار بنائڻ واري موضوع جو، هڪ ڀرپور مشاهدو آهي.

جمال ابڙي، پنهنجا ڪردار سنڌي سماج مان چونڊي، انهن جي روزمره واري ماحول ۾ زندگيءَ جي منظرن کي، سادن پلاٽن ذريعي، حقيقت نگاريءَ واري فني خوبيءَ جي مدد سان، انهن ڪردارن جي ڏک، درد ۽ پيڙا جا نقش، اهڙي ته دل جهوريندڙ انداز ۾ چٽيا آهن، جو پڙهندڙ پنهنجيءَ دل جي اکين سان، اهي درد ۽ پيڙائون محسوس ڪندي، پنهنجو درد ۽ پنهنجون پيڙائون، وساريو ڇڏي، ۽ هن جي دل ۾، اُنهن ڪردارن لاءِ همدردي ۽ اُلفت جي احساسن ۽ جذبن سان گڏ، منجهس شمت ۽ حوصلي جي قوت جو احساس جاڳيو پوي.

جمال ابڙي، پنهنجن افسانن ۾. امير طبقي جي انهن نوجوانن مردن توڙي عورتن تي طنز بہ ڪئي آهي. جيڪي مغربي تهذيب جي روشن پهلوئن کي نظرانداز ڪري، اُن جي اونداهي پهلوءَ جا پيروڪار بنجي وڃن ٿا.

حاصل مطلب تہ جمال ابڙي سنڌي زندگيءَ جي ڌار ڌار پهلوئن ۽ ڌار ڌار واقعن تي لکيو آهي. هن سنڌي زندگيءَ جي گوناگون مسئلن ۽ داخلي ڳالهين تي قلم کنيو آهي. هن جي ڪهاڻي ۾ سنڌي جيوت جو ڀرپور اپياس آهي، هن جي ڪهاڻين ۾ سنڌي جيوت جي سچي تصوير چٽيل آهي، حقيقت نگاريءَ واريءَ خوبيءَ جي مدد سان. اُن جي اصلي روپ جو بيان آهي.

جمال ابڙي، سنڌي عوام جي وندر ۽ وروونهن لاءِ ڪو نہ لکيو آهي، پر هن سنڌي سماج جي حقيقي منظرن جي باري ۾ حقيقت نگاريءَ کان ڪم ورتو آهي. انهيءَ ڪري هُو سنڌي سماج جو علمبردار ۽ هڪ نمائنده ڪهاڻيڪار جي حيثيت رکي ٿو.

## حوالا

1- الانا. غلام علي. ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. چام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1987ع.

2- ايضاً. مقالو حقيقت نگاريءَ جو هڪ مثالي ليکڪ- جمال ابڙو. ڪلاچي سيپٽمبر 2004ع. شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.

3- شيخ اياز: جمال ابڙو- ڪهاڻيون. مضمون ۽ شخصيت. ڪراچي. ثقافت ۽ سياحت کاتو. حڪومت سنڌ. 1992ع.

4- جمال ابڙو: پشو پاشا. ٽيون ڇاپو. ورسٽي پبليڪيشن. ڪراچي يونيورسٽي. 1976ع.

5- پليجو. رسول بخش: پشو پاشا.

6- لغاري. اڪبر: سنڌي ادب جو مختصر جائزو. نيو فيلڊس پبليڪيشن. ٽنڊو ولي محمد. حيدرآباد سنڌ. 1993ع.

7- نور افروز خواجه، ڊاڪٽر: ورهاڱي کان پو ۽سنڌي ناول جي اوسر، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد.
8- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: چونڊ سنڌي افسانا. ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1976ع.
9- عبدالمجيد، ميمڻ، سنڌي، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جو جائزو
10- عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي تاريخ،
11- ايضاً: سنڌي ادب جو جائزو
12- ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، ڪراچي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.

قاضي خادم

# جمال ابڙو– سنڌ جو اهم ڪهاڻيڪار

مختصر ڪهاڻي، افسانوي ادب جي نهايت مقبول صنف رهي آهي، يورپ ۽ آمريڪا ۾ ان جي شروعات 19 صديءَ ۾ ٿي ۽ ان ئي وقت اها هڪ مقبول عام صنف بنجي وئي جيڪا ان وقت عروج تي پهتل ناول جي صنف سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي چڪي هئي، امريڪن ليکڪ ايڊگرايلن پو، واشنگٽن ارونگ، روسي مئڪسم گورڪي، ترگنيف ۽ چيخوف، برطانوي ڪيٿرن مينسفيلڊ، سمرسيٽ ماهم، فرانسيسي فلابير، موپاسان، ايمل زولا، مارسيل پروسٽ ۽ ڪئين اهڙا ڪهاڻيڪار پنهنجي فن جي بي انتها بلندين کي ڇهي چڪا هئا جو انهن جا اثرات برطانوي فرانسسي تسلط جي ڪري برصغير هند و پاڪ جي ادب تي اچي پيا ۽ ناول سان گڏوگڏ مختصر ڪهاڻيءَ به 19 صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ پهرين بنگالي، اردو ۽ آخر ۾ سنڌ ۾ پير پاتو جنهن جا اوائلي اهڃاڻ مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻين ۾ نظر اچن ٿا. ليڪن ويهين صديءَ جي ٽئي ڏهاڪي ۾ مختصر ڪهاڻي نويسن جو هڪ خوبصورت ڳٽڪو، جنهن ۾ شيخ اياز، جمال ابڙو، نجم عباسي، رباني، سراج، نورالدين سرڪي، شيخ عبدالرزاق راز، سوڀو گيانچنداڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، زينت عبدالله چنه، اياز قادري، ثميره زرين، شمشير الحيدري ۽ ان کان پوءِ هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي نالن جو، جن ۾ ڪي نهايت مشهور ٿيا ۽ ڪي گهٽ نسيم کرل، امر جليل، طارق اشرف، غلام نبي مغل، حفيظ شيخ، مراد علي مرزا، رسول بخش پليجو، الله بچايو سمو، ناصر مورائي، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجو،

شوڪت شورو، خيرالنساءِ جعفري، ليليٰ بانا، مهتاب محبوب، راقم الحروف به هن لڏي ۾ شامل ٿيو ۽ مسلسل افسانا لکندو رهيو، جنهن جو هڪ مجموعو سمنڊ اپسمنڊ جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ڪيترا افسانا اردوءَ جي اهم رسالن ۾ ترجمو ٿي ڇپيا ۽ مترجمن ۾ آفاق صديقي، ڊاڪٽر عبدالحق حسرت ڪاسڪنجوي، ڊاڪٽر سعديه نسيم، حميد ڪاشميري ۽ جام ساقي جهڙا نالا شامل آهن، انهن ڇپائيءَ جي گهٽ ذريعن، صرف مهراڻ، نئين زندگي ۽ سهڻي ۾ ڪن وقت به وقت نڪرندڙ رسالن ۾ شايع ٿيڻ جي ڪري انهن جا مجموعا گهٽو ڪري خانگي ادارن طرفان شايع ڪيا ويا، اهو ڪهاڻيڪارن جو سلسلو جاري آهي، پر اليڪٽرانڪ ميڊيا جو زور وٺڻ ڪري مختصر ڪهاڻي توڙي ناولن جو زور گهٽجي ويو آهي.

مٿي ڄاڻايل ڪهاڻيڪارن مان سواءِ ڪن چند جي جن ۾ نسيم کرل، امر جليل، غلام نبي مغل، نجم عباسي ۽ محمد عثمان ڏيپلائي جهڙن ليکڪن کانسواءِ شيخ اياز، جمال ابڙو، رباني، اياز قادري وغيره جا افسانا تعداد ۾ گهٽ آهن، مقصديت ۾ زور آهن ۽ يادگار حيثيت رکن ٿا. اياز جو سفيد وحشي، جمال جو پشو پاشا، ربانيءَ جو شيدو ڌاڙيل، نجم عباسيءَ جو پٿر تي ليڪو ۽ اياز قادريءَ جو بلو دادا انهن جا مثال آهن. ليڪن هن ئي جتي ۾ ڪي اهڙا ڪهاڻيڪار به آهن جن هڪ اڌ ڪهاڻي لکي ليڪن اهي امر ٿي ويا، نورالدين سرڪي، سوڀوگيانچنداڻي، شمشيرالحيدري ۽ ان سان گڏ هڪ ٻيو نالو اهڙو جنهن کي ڪڏهن به ڪهاڻيڪار ڪونه ڪوٺيو ويو، اهو نالو آهي، محمد ابراهيم جوئي، جنهن جي هڪ مختصر ڪهاڻي "روزي جي ماني" هڪ ڏينهن جي ڳالهه جي سري سان مهراڻ ۾ شايع ٿي.

هي هڪ مڪمل افسانوي مختصر ڪهاڻي، آهي جنهن ۾ اسان جي ڪلچر، معاشرت ۽ مذهبي مت پيد تي اهڙو طنز ڪيل آهي ۽ ايترو

مختصر انداز ۾ جنهن جو مثال جمال جي پيراڻي، نسيم کرل جي ڪافر ۽ امر جليل جي اروڙ جو مست جهڙين ڪهاڻين ۾ ئي ملي ٿو. منهنجي نظر ۾ محمد ابراهيم جوئي جي "روزي جي ماني" هيستائين سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل مختصر ڪهاڻين ۾ اهم ترين حيثيت رکي ٿي، هن ۾ سنڌ جو سماجي پس منظر واضح رهي، وڏيرا شاهي، پيري فقيري ۽ ڪامورا شاهيءَ ڪانپوءِ وچولي درجي ڪي سفيد پوش طبقي جي ٻه چاپڙائيءَ تي هن ڪان وڏيڪ وار ڪونه ٿيو آهي.

هن پس منظر ۾ جڏهن جمال ابڙو جي ڪهاڻين تي نظر وجهبي ته انهن جي اصلي حيثيت واضح ٿئي ٿي. هن جي مختصر ڪهاڻين ۾ `جاگيرداري ۽ وڏيراشاهي نظام سان ٽڪراءُ، امير ۽ غريب جي وچ ۾ فرق، ذات پات جو ڦير ۽ جديد طرز فڪر جو انداز ملي ٿي. هت اهو واضح ڪرڻ ضروري آهي ته ويهين صديءَ ۾ دنيا ۾ ٽڪرا ٽڪرا انقلاب ۽ وڏيون جنگيون لڳيون ۽ انهن جي اثر هيٺ نه صرف Physical نقشا تبديل ٿيا ليڪن انساني فڪر ۾ به وڏيون تبديليون آيون. خاص طور تي روسي ڪميونسٽ انقلاب عام انسان کي عام فڪر جو مرڪز بنايو. ان جو اثر سڄي دنيا جي فطري زندگيءَ تي پيو. برصغير ۾ ترقي پسند تحريڪ شروع ٿي، انگريز راڄ جي خلاف اڳ ئي سياسي تحريڪون هلي رهيون هيون. جن کي وڏن عالمن ۽ اديبن جي پٺ پرائي هئي، مٿان هي انقلاب در انقلاب جنهن جا باني ليکڪ ئي هئا ۽ جمال ابڙو انهن ۾ نمايان حيثيت جو حامل هو.

جمال جون ڪهاڻيون سادي سودي پر دلچسپ انداز ۾ لکيل آهن، خاص طور تي پشو پاشا (جنهن ۾ افسانوي عنصر گهٽ آهي) پيراڻي ۽ خميسي جو ڪوٽ– هن جي ڪهاڻين کي تمام گهڻي پذيرائي ملي. هڪ مخصوص دور کان پوءِ جمال ڪهاڻيون لکڻ بند ڪري ڇڏيون ليڪن

ڪافي عرصي کان پوءِ وري هن پنهنجي آتم ڪهاڻي ڪي جيڪا پڻ سنڌي پڙهندڙن ۾ ڏاڍي مقبول ٿي. جمال جي ڪهاڻين جا سنڌي ادب، ٻولي ۽ سماج تي اڻمٽ اثرات ڇڏيل آهن، جيڪڏهن ائين چئجي ته موجوده سنڌي سماج ۾ جيڪي مثبت روايتون شامل ٿيون آهن، تن ۾ جمال ابڙو جي افسانن جو به هٿ آهي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو.

سنڌي ادبي دنيا ۾ جمال ابڙي کي نثر ۾ جيڪا مڃتا ملي، ان جو ڪو ڪاٿوئي ڪونهي. اها خبر نه ٿي پوي ته هن هڪ مخصوص دور کان پوءِ مختصر ڪهاڻي لکڻ ڇو ڇڏي ڏني، ليڪن هن جيترو ڪجهه به لکيو تنهن ڪيس سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پنهنجو مقام ڏياري ڇڏيو. هن جون ڪهاڻيون مثالي بڻجي، ڇڪيون ۽ پيڙهيل مظلوم طبقي جو جائز حمايتي ٿي اڀريو ۽ ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته ويهين صديءَ جي اهم ڪهاڻيڪارن ۾ هن جي حيثيت هميشه نمايان رهندي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه

# جمال ابڙو جي افسانن جو جائزو

## تعارف

جمال جو پورو نالو جمال الدين ابڙو ولد علي خان ابڙو آهي، سندس پيدائش ڳوٺ سانگي، ميهڙ تعلقي، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 2 مئي 1924ع، 27 رمضان شريف ۾ ٿي، پاڻ شروعاتي تعليم ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ منگواڻي جي ميونسپل پرائمري اسڪول، گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ بمبئي يونيورسٽيءَ مان 1941ع ۾ پاس ڪيائين. ڊي جي ڪاليج حيدرآباد ۽ ڊي جي سنڌ ڪراچي ۽ بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهه ۽ شاهاڻي ڪاليج لاڙڪاڻو مان 1948ع ۾ ايل-ايل بي جو امتحان پاس ڪيائين ۽ پنهنجي پاءُ شمس الدين ابڙي سان گڏ وڪالت شروع ڪيائين. 51-1949ع تائين پوليس پراسيڪيوٽر شهدادپور ۾ رهيو ۽ 1952ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري سب جج ڪري چونڊيو ويو. سندس پهرين ڪپري، سکر شڪارپور، خيرپور ميرس، سجاول، ٽنڊوالهيار، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ پوسٽنگ ٿيندي رهي. آخر پاڻ سيشن جج جو عهدو حاصل ڪيائين.

جمال ابڙو سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري، ليبر ڪورٽ جو جج، فيڊرل سروسز ٽربيونل اسلام آباد جو ميمبر، هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار، چيئرمين اينٽي ڪرپشن پڻ رهيو. 10 اپريل 1986ع ۾ رٽائرڊ ٿيو ۽ 30 جون 2004ع ۾ وفات ڪيائين.

جمال ابڙو شاگرديءَ واري زماني کان وٺي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ ۾ لاڳاپيل پورهيت تنظيمن جو اهم رڪن پڻ رهيو آهي. انهيءَ ڪري هن کي سنڌ جي هارين نارين، غريبن ۽ مسڪينن جو حال معلوم هو. جنهن کي هن پنهنجين لکڻين ۾ موضوع طور پيش ڪيو.

جمال جڏهن گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جو شاگرد هو، تڏهن کان ئي سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون لکندو هو. سندس پهرين ڪهاڻي "هو حر هو" هئي. ننڍي هوندي کان ئي سندس لاڙو سنڌي ادب طرف هو. نور محمد هاءِ اسڪول واري زماني ۾ پڙهندي وقت هو بهترين مضمون به لکندو هو.

جمال ادبي ذوق رکندڙ شخصيت هئڻ ڪري ڪيترين ئي ادبي سرگرمين جو اهم رڪن رهيو. هو سنڌي ادبي سنگت جو باني ميمبر طور، سچل اڪيڊميءَ جو باني ميمبر هو ۽ ترقي پسند اديبن جي ٽولي سان گڏ رهندو هو. هن ڪيترين ئي قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ پڻ شرڪت ڪئي. سندس خاص دوستن ۽ همعصرن ۾ ڪيترائي عالم ۽ اديب جيئن ڊاڪٽر اياز قادري، هري دلگير، نواز علي نياز، جمال الدين بخاري، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي، سوڀوگيانچنداڻي، شيخ اياز، عبدالستار شيخ، سائينداد سولنگي، فيض احمد فيض، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڪامريڊ سجاد ظهير ۽ ٻيا وغيره شامل آهن.

جمال ابڙي سنڌيءَ ۾ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون آهن، سندس ڪهاڻين جو مجموعو "پشو پاشا" آهي، ان کان سواءِ هن ڪيترائي مضمون، مختلف ڪتابن جا پيش لفظ ۽ ادبي خط وغيره به لکيا آهن.

جمال ورهاڱي کان پوءِ جي دور جو سڀ کان وڏو ۽ جديد افسانانگار آهي. هن سنڌي ڪهاڻيءَ کي جديد تقاضائن مطابق لکيو. سنڌي افساني ۾ سڀ کان پهرين فئنٽسي جمال جو افسانو "مان مڙد" آهي. جنهن جو پلاٽ هڪ تخيل تي ٻڌل آهي.

برصغيرپاڪ هند ۾ سنڌي افسانوي جي شروعات انگريزن جي دور ۾ ٿي چڪي هئي. انگريزن جي اچڻ سان جيئن سنڌي ادب جي ٻين صنفن تي ڪيترائي ڪتاب لکجڻ شروع ٿي ويا تيئن سنڌيءَ ۾ "ايسپ جون آکاڻيون"، "آکاڻي راءِ ڏياچ جي"، "سڌا توري ۽ ڪڌا توري جي ڳالهه" ۽ "وهين ۽ ولهي جي ڳالهه" خاص طور تي اهميت رکن ٿيون. انهيءَ کان علاوه ڪيترين ئي ڪهاڻيون ٻين ٻولين تان ترجمو پڻ ڪيون ويون. ان کان پوءِ هن صنف جي تعميري دور ۾ ديوان ڪوڙومل، مرزا قليچ بيگ، ديوان سوڀراج ڏاسواڻي ۽ ميان عبدالعزيز جا لکيل افسانا "دلپسندقصا"، "سپا جو سينگار"، "لوڀي ۽ ٺوڳيءَ" ڪتاب شايع ٿيا. ان کان سواءِ هندي، مرهٽيءَ گجراتي ٻولين مان به افسانا ترجمو ڪيا ويا. ان دور ۾ ديني، اخلاقي ۽ سماجي موضوعن تي افسانا لکيا ويا. مرزا قليچ بيگ 1914ع ۾ شريف بيگم جي عنوان سان جديد افسانو لکيو.

ويهين صديءَ ۾ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ نئين تهذيب ۽ نين حالتن جي اثر ڪري افسانوي ۾ سماجي مسئلن، معاشي ۽ معاشرتي براين ۽ ٻين ظلمن خلاف حقيقت پسنديءَ جو رنگ ملي ٿو. هنن افسانن کي اخلاقي، اصلاحي ۽ ناصحانه انداز ۾ لکيو ويو. جنهن جو مقصد سنئون سڌو نصيحت ڏيڻ هو. ان کان علاوه ان دور جي ماڻهن جي اقتصادي ۽ مالي مسئلن کي ٻڌي ۽ ايڪي جي ذريعي سلجهائڻ لاءِ به نصيحت آموز نقطا افسانن ۾ پيش ڪيا ويا. هن دور ۾ افسانن ۾ سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيل ڪٽنبي مسئلن، غلط اصولن ۽ ريتن رسمن جي ڪري غلط نتيجن نڪرڻ، مرد کي طاقتور ۽ حڪم هلائيندڙ ثابت ڪرڻ، عورت تي ظلم ۽ زبردستي ڪري مرد جي زيردست بنائڻ، پردي جو رواج، گهريلو زندگيءَ ۾ نااتفاقي پيدا ڪرڻ، ڏيتي ليتيءَ جو مسئلو، بيواهن جو مسئلو، جيٺري تي جيٺري شاديءَ جو مسئلو،ڇوڪرين کي تعليم نه ڏيارڻ جو

مسئلو، ڇوڪرين جون شاديون پنهنجن مائٽن ۾ ڪرائڻ يا مائٽن جي مرضي مطابق ڇوڪرين جون شاديون ڪرائڻ ۽ انهن مان برا نتيجا نڪرڻ وغيره خاص موضوع هئا. هن دور ۾ ترقيّ پسند تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي. هن دور جا ليکڪ جيٺمل پرسرام، لالچند امرڏنو مل، پرمانند ميوارام، آسانند مامتوراءِ هئا. امرڏنو مل گهرو زندگيءَ جي مسئلن، عورت سان معاشري ۾ ٿيندڙ ناانصافين کي، جيٺمل پرسرام سرمائيدارن، زميندارن، وڏيرن ۽ ڪارخانيدارن جي براين ۽ غريبن، مزدورن ۽ هارين سان ٿيندڙ ظلمن کي بيباڪيءَ سان بيان ڪيو آهي. آسانند مامتوراءِ جي افسانن ۾ جنسيات، نفسيات، پيرومل مهرچند ۽ محمد عثمان ڏيپلائيءَ اخلاقي ۽ مذهبي مسئلن کي طنزو مزاح ذريعي پيش ڪيو.

ان کان پوءِ عالمگير جنگ جي ڪري سياسي حالتون ڪشيده بڻجي چڪيون هيون ۽ هندستان ۾ آزاديءَ جي تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي. جنهن جو اثر سنڌي افساني تي گهڻو ٿيو. هن دور جي افسانن ۾ انسان دوستيءَ ۽ سنڌي سماج جي عام مسئلن کي حقيقي رنگ ۾ پيش ڪيو ويو .هن دور جا ڪهاڻيڪار وچئين طبقي سان واسطو رکندڙ هئا، اهي مغربي آدرش ۽ تعليمات کان واقف هئا ۽ سندن لاڙو قومي آزاديءَ ڏانهن هو. هنن پنهنجن ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين جي حقيقي ماحول کي پيش ڪيو. سندن ڪهاڻين جا ڪردار امير، شاهوڪار، ڪامورا ۽ وڏيرا هئا. هن دورجي افسانا نگارن ۾ پير حسام الدين، لطف الله بدوي مرزا نادر بيگ، جڳت آڏواڻي، هيرانند، ليکو تلسياڻي، عثمان انصاري ۽ ميلارام منگترام وغيره شامل هئا. هن دور ۾ موپاسان، چيخوف ۽ ٻين مغربي ۽ روسي افسانہ نگارن جي افسانن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت، هندي ۽ بنگالي افسانن جا پڻ ترجما ڪيا ويا. هن دور جي خاص خصوصيت اها هئي جو ترجمن سان گڏ بهترين طبعزاد افسانا بہ گهڻي تعداد ۾ لکيا ويا.

سنڌ ۾ سوشلسٽ تحريڪ جي اثر جي ڪري ترقي پسند ادب زور ورتو لڳو. ان دور ۾ حيد ربخش جتوئي، شيخ اياز ۽ سائينداد سولنگيءَ جا افسانا گهڻا مقبول ٿيا. اهي هارين جي زندگيءَ بابت، محبت، انسانيت، قوميت، مساوات، برابري، عورت جي مرد سان وفاداري، سندس بي لوث خدمتون ۽ قرباني وغيره موضوعن تي لکيل هيون.

برصغير ۾ تحريڪ آزادي جي ڪري، آزاديءَ جي جذبي، سياسي ۽ سماجي مسئلن سان گڏ، انگريز حڪومت خلاف باغيانه خيالات پڻ افسانن ۾ پيش ڪيا ويا. گانڌيءَ جي "ڪئٽ انڊيا تحريڪ" ۽ "ترڪ موالات جي هلچل" جي ڪري هر هنڌ گوڙ ۽ گهمسان، بين الاقوامي تحريڪن سوشلزم ۽ ڪميونزم جي ڪري سرمائيدارن ۽ جاگيردارن ۽ پورهيتن جي وچ ۾ وڌيل ڇڪتاڻ جي ڪري افسانن جا موضوع سياسي، سماجي، معاشي، مذهبي ۽ اخلاقي مسئلا هئا. ڌارين خلاف نفرت، شاهوڪار شاهي جي ظلمن، غريبن جي بدحالي ۽ اقتصادي ڦرلٽ جهڙا مسئلا پيش ڪيل آهن. هن دور جي افسانه نگارن جو خاص مقصد سنڌي ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ، بيداري پيدا ڪرڻ ۽ جدا ملڪ جي لاءِ جدوجهد جو جذبو پيدا ڪرڻ هو. هن دور جي اهم ليکڪن ۾ آسانند مامتوراءِ، ڪرشن کٽواڻي، اُتم، ڪيرت ٻاٻاڻي، اياز قادري، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، سگڻ آهوجا، شيخ عبدالستار وغيره هئا. جن جي افسانن ۾ هارين، مزدورن جي مظلوم ڪردارن جو جائزو پيش ڪيو ويو. هنن ڪهاڻين ۾ قوميت جو پهلو وڌيڪ نظر آيو. هي ڪهاڻيون فني لحاظ کان معياري ۽ پختيون هيون ۽ هنن ۾ حقيقت نگاريءَ سان گڏ مقصديت تي وڌيڪ زور ڏنل هو. هن دور ۾ "مهراڻ" ۽ "اڳتي قدم" رسالا گهڻو مشهور هئا. جن ۾ ادبي، اخلاقي ۽ قومي بيداريءَ وارن موضوعن تي افسانا شايع ٿيا.

سنڌي افساني ۾ جديد دور ۾ ڪيترائي نوان رجحان آيا، انهن ۾ موضوعن ۽ سٽا جي لحاظ کان بہ جدت آئي، نواڻ آئي، افسانن ۾ نوان نوان تجربا پڻ ڪيا ويا. ملڪ ۾ آزاديءَ کان پوءِ، ون يونٽ جي قيام 1955ع، ايوب خان واري مارشل لا 1958ع ۽ لساني جهيڙن وغيره جي ڪري سنڌي افساني ۾ انقلابي تبديلي آئي، هن دور ۾ هر موضوع تي طبع آزمائي ڪئي ويئي، هن دور ۾ افسانن ۾ سنڌي زبان جو مسئلو، قومي جاڳرتا وارو مسئلو، سماجي ۽ اقتصادي مسئلا، شاگردن جا مسئلا، سنڌ جي هارين نارين جا مسئلا، سنڌي مزدور ۽ محنت ڪش جا مسئلا، سنڌ جي سماجي زندگيءَ جا مسئلا، سنڌ جي عام ماڻهن جي روزانہ زندگيءَ جا مسئلا وغيره افسانن جا موضوع بڻجي آيا، انهيءَ انقلاب ڪيترائي نوان ڪهاڻيڪار پيدا ڪيا، جنهن ڪري افساني جي صنف گهڻي عروج تي پهتي.

هن دور جي افسانن ۾ بين الاقوامي مسئلا پڻ پيش ڪيل آهن ۽ هن دور جي افسانن ۾ بين الاقوامي تحريڪن ۽ لاڙن ڪي، وجوديت، رومانيت، قوميت، سامراجيت، مساوات، جذباتيت، جنسيات ۽ انسانيت کان علاوه پيار، محبت، نفرت ۽ ڏکار، سماجي ۽ معاشي براين کي ختم ڪرڻ وغيره جهڙا موضوع هن دور جي ڪهاڻيڪارن جمال ابڙو، غلام رباني، جمال رند، حميد سنڌي، سراج ميمڻ، نجم عباسي، رشيد آخوند، نسيم کرل، اياز قادري، مهتاب محبوب، رشيده حجاب، ثميره زرين، شوڪت شورو، عبدالقادر جوڻيجو، امر جليل، رسول بخش پليجو، آغا سليم، ع.ق.شيخ، علي بابا، مشتاق شورو، نورالهديٰ شاهہ، خيرالنساءِ جعفري، قاضي خادم، غلام نبي مغل، هدايت پريم، طارق اشرف، بيدل، سانول، فهميده ميمڻ، سحر امداد وغيره پنهنجن افسانن ۾ پيش ڪيا. ان کان سواءِ هنن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين ۾ پيري مريدي، ڪاروڪاري،

تعويذ، توڻا ڦيڻا، حق بخشائڻ، سان گڏ تعليم جي گهٽتائي، ٻارن ۽ عورتن کي تعليم جي حق کان محروم رکي جبري پورهيو ڪرڻ وغيره سوضوعن تي بہ ڪيترائي افسانا لکيا ويا آهن.

مطلب تہ هن دور جو افسانو سنڌ، سنڌي زبان، سنڌي قوم، سنڌ جي هارين، مزدورن ۽ محنت ڪش ماڻهن، ٻارن ۽ عورتن جي مسئلن جو هڪ رڪارڊ آهي. هن دور ۾ افسانن جي مجموعن شايع ٿيڻ کان سواءِ ڪيترن ئي رسالن مثلاً: نئين زندگي، مهراڻ، پرهہ ڦٽي، روح رهاڻ، مارئي، سهڻي وغيره سان گڏ مختلف اخبارن ۾ بہ وقت بوقت افسانا شايع ٿيندا رهيا. هن دور کي سنڌي افساني جو عروج وارو دور مڃيو وڃي ٿو.

جمال ابڙو بہ هن جديد دور جو هڪ اهم ڪهاڻيڪار شمار ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري هن مقالي ۾ آئون جمال ابڙو جي لکيل افسانن جو جائزو پيش ڪنديس.

هن جديد دور ۾ "جيئن شاعريءَ تي اياز ڇانيل آهي، تيئن افسانن ۾ جمال جو رتبو سڀ کان اهم آهي". حالانڪ جمال ڪهاڻيون گهٽ لکيون آهن، پر سندس سڀ ڪهاڻيون معياري ۽ اعليٰ پايي جون آهن، "جن جي ڪري جديد دور جي افسانہ نگارن ۾ سندس ڳاٽ اوچو نظر اچي ٿو."

جمال سنڌيءَ ۾ ڪيتريون ئي سماجي، معاشي ۽ اخلاقي ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "پشو پاشا" نالي سان شايع ٿيل آهي، جيڪو گهڻي مقبوليت سبب چار دفعا شايع ٿي چڪو آهي. ٻهريون دفعو اهو مجموعو "حميد سنڌي" شايع ڪرايو، جنهن جي تمام گهڻي تعريف ٿي، بقول جمال جي تہ، "ماڻهن چيو تہ جيئن اڄ جي هر سنڌي شاعر تي اياز جي ڇاپ آهي، تيئن هر ڪهاڻيڪار تي جمال جي ڇاپ ضروري آهي." سندس انهيءَ مجموعي جي ڪاميابيءَ سبب اهو هٿوهٽ وڪامجي ويو، اها ڪاميابي ۽ شهرت ڏسي هن مجموعي جو ٻيو ڇاپو

طارق اشرف ڊيمي سائيز ۾ ڇپايو، پر اهو به هڪ ٿي ڏينهن ۾ وڪامجي ويو، مارڪيٽ ۾ هن ڪتاب جي کوٽ محسوس ڪندي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي طرفان پروفيسر اياز قادريءَ ۽ پرفيسر سليم ميمڻ هن ڪتاب کي نئين سر ڇپايو. اهڙيءَ ريت هن ڪتاب جو ڇوٿون ڇاپو سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ، نئين طريقي سان شايع ڪرايو، جنهن ۾ عبدالحميد آخوند ۽ ممتاز مرزا جو ڪافي تعاوُن رهيو.

جمال ابڙي جي ڇپيل هن ڪتاب پشو پاشا ۾ سندس لکيل افسانا، "مان مڙد"، "بدتميز"، "پيراڻي"، "شاهه جو ڦر"، "بدمعاش"، "منهن ڪارو"، "هو حر هو"، "ڪارو پاڻي"، "مهرباني"، "خميسي جو ڪوٽ"، "لا ري"، "پشو پاشا"، "سينڌ، وغيره شامل آهن. ان ڪان سواءِ هن ڪتاب ۾ سندس لکيل مضمون، "شاهه محض صوفي نه هو"، "انساني تقدس"، "سچل سرمست"، "عورت جي اسلام ۾ عزت ۽ آزادي"، پاڪستان ٺهراءُ اصل حقيقتون، ڪانسواءِ "پڙاڏو سوئي سڏ"، (سراج ميمڻ جو لکيل ناول) جو مهاڳ ۽ "خبرون ڪيڙائن جون"، جو پيش لفظ، ۽ تنقيدي خط شامل ڪيا ويا آهن.

جمال ابڙي پنهنجن افسانن ۾ سنڌ جي سماجي ۽ معاشي زندگيءَ جي عڪاسي پيش ڪئي آهي. هن غريب، مسڪين ۽ ڏتڙيل ماڻهن جي درد، پيڙا ۽ تڪليف کي محسوس ڪري هڪ رهبر ۽ رهنما وانگر اهڙي اثرانداز نموني ۾ پيش ڪيو جو ماڻهن ۾ همت ۽ حوصلو پيدا ٿيو ۽ هن ماڻهن ۾ اهڙو شعور ۽ بيداري پيدا ڪئي جو هو پنهنجي هر ڏک ۽ تڪليف تي بجاءِ روئڻ جي انهن جو مقابلو ڪرڻ سڪيا.

سندس افسانن جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

"سنڌي افسانه نگارن ۾ جمال ابڙي کي اعليٰ مقام حاصل آهي...
هن سماج جي رسمن خلاف آواز اٿاريو آهي. هن پنهنجي افسانن ۾

سماج جي ڏوهارين، مجبور ۽ بيڪس انسانن جي طرف کي پيش ڪيو آهي ۽ انهن جي بجاءِ ۾ پنهنجي پيار ۽ انسان دوستيءَ جا امنگ ۽ جذبا، پڙهندڙ جي اڳيان پيش ڪيا آهن." (چونڊ سنڌي افسانا، ص ي).

جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع سنڌي سماج جي تلخ حقيقتن مان کنيا آهن. "جيڪي زندگيءَ جا بدزيبا روپ آهن! سندس افسانن ۾ ڪيترائي سماجي مسئلا پيش ڪيل آهن، مثلاً: ڪارو ڪاري، غربت مفلسي، ٻي شادي ڪرڻ، ٻجي وٽي شادي ڪرڻ، چوڪرين جو جانورن عيوض نڪاح ڪري ڏيڻ، انهن جو وڪرو ڪرڻ، سريت رکڻ، پوڙهن سان زوري ننڍين نيٽين کي پرڻائڻ، بيروزگاري، سماج ۾ رهندڙ مظلومن جو ساٿ نہ ڏيڻ يا پنهنجن وڏن بزرگن جو عزت احترام نہ ڪرڻ وغيره مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع بڻائي پيش ڪيا آهن. هن جي ڪهاڻين مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن سنڌ جي ماڻهن کي جيڪي هميشہ کان غلط ۽ برين ريتن رسمن ۽ پيري مريديءَ جي انڌن عقيدن ۾ جڪڙيل آهن، انهن مان ڪين ٻاهر ڪڍي ٿو، ڪين آزاد خيال ۽ نئين سوچ ۽ سمجهہ وارو بڻائي ٿو.

جمال ابڙو جيئن تہ جج جي عهدي تي فائز هو، انهيءَ ڪري هن وٽ ٻهراڙيءَ جا ڪيترائي مسئلا ايندا هئا، جن ۾ ماڻهن سان ڪيتريون ئي ناانصافيون يا ظلم ٿيندا رهندا هئا. جيئن تہ پاڻ نهايت ئي حساس طبيعت جو مالڪ هو، انهيءَ ڪري اهي مسئلا ۽ تڪليفون هو پنهنجون تڪليفون محسوس ڪندي، حقيقي انداز ۾ افسانن ۾ پيش ڪندو رهيو. جيئن سراج الحق ميمڻ سندس باري ۾ لکي ٿو تہ:

"جمال انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺل ملازم آهي، زندگيءَ جا ڪئين مسئلا هر روز سندس اڳيان نبرندا نظر اچن ٿا. سندس

افسانن ۾ زندگيءَ جي مسئلن کي نبيرڻ جو هڪ عجيب مهر ڀريو انداز موجود آهي." (تاثر جمال ابڙو)

جمال ابڙي کي پنهنجا ڪيترائي ٻي پهچ، مجبور ۽ لاچار انسان ڪنهن نہ ڪنهن قانون يا سماج جي زنجيرن ۾ قاتل ڦٿڪندا ۽ تڙپندا نظر آيا جن سان مختلف وقتن تي ظالمن ڪيترائي ويل وهايا هئا. هو نہ صرف انهن مظلومن جي روزانہ مسئلن کي افسانن جي روپ ۾ پيش ڪري ٿو پر هڪ سجاڳ شخص ۽ هڪ خيرخواه انسان جي حيثيت ۾ افسانن ۾ انهن مسئلن کي ختم ڪرڻ جا ڏس پتا يا حل بہ پيش ڪري ٿو. مطلب تہ هو هڪ سماج سڌار جي حيثيت ۾ سنڌ جي مسئلن کي نهايت ئي سهڻي طريقي سان ختم ڪرڻ ۽ سڌارڻ جا طريقا بہ پيش ڪري ٿو ۽ ماڻهن کي پيار، محبت، ٻڌي، ايڪي جو سبق ۽ انسانيت جو درس بہ ڏي ٿو. سندس باري ۾ محمد ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو تہ:

"جمال پنهنجن افسانن ۾ سماج جي ڏوهارين، انصاف کان محروم، مجبور ۽ بيڪس انسانن جي مسئلن کي پيش ڪيو آهي ۽ انهن جي بچاءُ ۾ پنهنجي پيار ۽ انسان دوستيءَ جا سڀ جذبا ۽ امنگ پيش ڪيا آهن."

جمال پنهنجين ڪهاڻين ۾ انهن سڀني مسئلن کي بيان ڪندي ماڻهن ۾ همت ۽ حوصلو، اميد ۽ آسرو ۽ خوشيون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو سماج جي ڌڪاريل، ڏتڙيل، ڪمزور، تڪليفن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا انسانن کي نيون نيون راهون، نوان نوان رستا ڏسي ٿو. هنن کي ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جي منزل ماڻڻ جا طريقا ٻڌائي ٿو. هنن جي ذهن ۽ سوچ کي ترقي طرف گامزن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيئن اهي مظلوم، تڪليفن ۽ مصيبتن جا ماريل، غريب ۽ مسڪين، ڏتڙيل ۽ ماريل انسان پنهنجي تڪليف ۽ مصيبت کي منهن ڏيئي ڪاميابيءَ ۽ عزت سان پنهنجي زندگي گذاري سگهن ۽ خوشيون ۽ سوڀون ماڻي سگهن.

جمال ابڙي سنڌ جي ڏار ڏار طبقي جي ماڻهن جي جدا جدا سوچ ۽ فڪر، فطرت ۽ سندن نفسياتي ڪيفيتن ۽ اخلاقي قدرن کي همت وارن، بردبار انسان دوست ڪردارن جي ذريعي سولي ۽ سهڻي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي. جمال سنڌي سماج جي اهم مسئلي ”ڪارو ڪاريءَ“ کي حقيقي ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن سنڌي سماج ۾ عورت کي مظلوم ترين ڏيکاريو آهي. هو پنهنجي هڪ مضمون ”عورت جي اسلام ۾ عزت ۽ آزاديءَ“ ۾، عورت جي اسلام ۽ سماج ۾ اهميت ۽ رتبي کي بيان ڪندي عورت کي مرد جي برابر ڄاڻائي ٿو. هن قرآن پاڪ، حديث شريف مان حوالا ڏيندي ٻنهي کي هڪ جيترا ۽ هڪ جهڙا حق، حاصل آهن، بيان ڪيو آهي. هو عورت کي مرد جي برابر آزادي حاصل هجڻ ۽ ڪارو ڪاريءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> ”ڪارو ڪاري ڪري مارڻ يا قتل ڪرڻ نهايت ئي وڏو ڏوهه آهي، ۽ قطعي غير اسلامي آهي. عورت جو تقدس قائم ڪرڻ لاءِ نهايت موثر شرعي احڪام مقرر ٿيل آهي. ته: (1) پنهنجين زالن تي جاسوسي نه ڪيو، (2) پنهنجن گهرن ۾ پنئين دروازي کان داخل نه ٿيو، (3) ٻاهران اچو ته اڳواٽ اطلاع ڏئي پوءِ گهر وڃو. جيڪڏهن ڪا زال ناپسنديده فعل ڪري ته چار گواهه طلب ڪريو، پوءِ اهي چار گواهه گڏ شاهدي ڏين ته ان زال کي گهر ۾ روڪي رکو.“ (سورة النساءِ، رڪوع 3- حوالو. جمال ابڙو)

پر اسان جي سماج ۾ مرد پنهنجي مفاد خاطر، پوءِ چاهي ان ۾ زمين يا جاگير يا جائداد جي ورهاست جو معاملو هجي يا ٻي شاديءَ جو مسئلو، بدي جي رسم هجي يا ٻي جوڙ شاديون، ڇوڪرين جي شاديءَ ۾ راضپو نه هجڻ يا انهن کي ناڻي تي وڪڻڻ وارو مسئلو يا بدلي خاطر عورت کي ڪاري ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو. ايستائين جو ڇوڪرين کان پيار ڪرڻ

گهر ڏي ٿي ڏناڻين، رڙ پئي پيس، "الا! منهنجي سهڻي پنج هزار لهندي هئي."(ص 102)

جمال اهڙين بي گناهه نياڻين جي بي درديءَ سان قتل ڪرڻ کي ننديندو رهي ٿو. هو انهيءَ دردناڪ ۽ ڏکوئيندڙ منظر کي هيٺئن ٿو بيان ڪري:

"ڪپري شهر جي سرڪاري اسپتال جي لاش گهر ٻاهران، مٽيءَ ۾ ڏڏڙ ۾، ڪارا ڳنڊيل وار، چوٽيءَ سينڌ سميت ڌوڙ ۽ جهڪ ۾ پئي ليٽڙيا، اندر ٻنگي ۽ ڊاڪٽر، مکين جي پون پون، ننگو لاش، سنڌ جي ڄائي، ڪنهن جي لڄ، سڀ جو ننگ، ست ڏارين آڏو ننگي پئي هئي، هٿ روندڙا، پير ڦٽل، اکيون حيرت ۽ حسرت ۽ هيبت کان ڦاٽل، سڀاڄهي، سدوري، سگهڙ ڪونئرو، سهڻي، پيار جي راهه ۾ هڪ ٻي قرباني ڪسڻ قبول ڪيائين. سينڌ جي پٽ نه وڃايائين، ٽڪڙا ڏيئي، چار آڱريون سينڌ تي رکي انجام ٻڌائين، پر ٽڪڙا ڪهاڙين جي ڪڙڪن ۾ بدلجي ويا."(ص 102)

اهڙي ريت سنڌ جي نياڻين کي پيار ڪرڻ جي حق کان به محروم رکيو ٿو وڃي، انهن کي نه پيار ڪرڻ ۽ نه ئي پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذارڻ ٿو ڏنو وڃي. اهي صرف پنهنجن مائٽن جي مرضيءَ سان انهن جي حڪم مطابق، انهن جي عزت ۽ ناموس کي برقرار رکڻ خاطر پاڻ کي، پنهنجي زندگيءَ جي هر خوشي، کي قربان ڪري ٿيون ڇڏين.

جمال پنهنجي هڪ ٻئي افسانې "پيراڻي" ۾ به عورت جي مسئلي متعلق لکيو آهي. هي به سندس بهترين افسانو آهي. جنهن ۾ معاشري ۾ غربت، بک، بيروزگاري ۽ مفلسيءَ جي عڪاسي پيش ڪئي آهي. اسان جي سماج ۾ ڪي قبيلا اهڙا به آهن، جيڪي پنهنجي گهرجن، تڪليفن، پريشانين يا بکئي پيٽ جي پورائيءَ لاءِ نياڻين جي عزت وڪڻڻ يا نياڻين

جمال ابڙي پنهنجي افسانن ۾ جن ۾ عورتن جو وڪرو ڪيو وڃي ٿو، يا انهن سان نياڻيءَ بي زبانيءَ جي حيثيت ۾ ههڙا ويل وهايا وڃن ٿا. انهن کي جمال هن ريت ٿو بيان ڪري:

”ڏڳن جو جوڙو ۽ جريب زمين ۽ عورت جي جند. اها پنجوڙ جنهن ۾ نچڻي تيرهن سالن جي پدمڻيءَ، جم کان موت تائين گهوگهجي وئي، لڪ لڪوٽي، ليٽ ڪبوتر، گهڻ گهڻ گهٽو ۽ ڳيچ، سهرا سپ ان پنجوڙ جي ساهه نپوڙ سوڙهه ۽ گهٽ ۾ گهٽجي گم ٿي ويا... الله ادل کي ڏڳا ۽ ٻه جريب ڏئي ڇڏيا ۽ اديءَ جي جند مڙس جو حق ٿي وئي، منهه ڳڏو حق.“ (ص 102)

جيڪڏهن هن دور ۾ به ڏٺو وڃي ته سنڌ ۾ اڄا به روزانه ڪيترين وارداتون ٿين ٿيون، جن کي اخبارن، رسالن ۽ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان پيش ڪيو وڃي ٿو، حالانڪ ڪيترائي ادارا ۽ تنظيمون انهن جي خلاف ڪم به ڪري رهيا آهن پر هن وقت ته اهي مسئلا اڃا به گهٽو وڌندا نظر اچن ٿا، ڇوڪرين کي پيار جي شادي نه ڪرڻ يا پنهنجي مرضيءَ مطابق شادي ڪرڻ يا اڪيلي ڇوڪريءَ کي گنجو ڪرڻ، وار ڪترڻ، انهن جي بي عزتي ۽ بي حرمتي ڪرڻ اهي سنڌي قوم يا سنڌي سماج جو ته شان نه آهي، اهو ته وحشي پڻو آهي. هن وقت به زوري شاديون ڪري، ڇوڪرين کي بدي عيوض ڏيڻ، ٻڪري ۽ جانور جي عيوض ڏيڻ، انهن کي ذهني ۽ جسماني عذاب ڏيئي قرآن پاڪ سان نڪاح ڪرائي حويلين ۾ بند رکڻ، يا ملڪيت عيوض هميشه ڪنوارو رکي ٻين جو محتاج بنائڻ-يا قتل ڪرڻ، بي وس عورتن کي، ڪنوارين نياڻين کي پنهنجي هوس جو نشانو بڻائي ۽ انهن مان پيدا ٿيل اولاد کي پنهنجو نالو نه ڏيڻ، جنهن ڪري انهن جو اولاد لاوارثن جي زندگي گذاري محرومين جو شڪار بڻجي ٿو. هن وقت به سنڌ جي وڏيرن، زميندارن لاتعداد شاديون ڪري، بي اندازا اولاد پيدا ڪري ڏکن ۽ ٿاٻن

لاءِ ڇڏي ڏنو آهي. نتيجي طور سنڌي سماج جي رسم رواج، طور طريقا، عزت شان، نام و نشان ختم ٿيندو نظر اچي ٿو.

اسان جي موجوده معاشري ۾ ته ڪن مردن جي سوچ ايتري ڪريل ۽ گندي نظر اچي ٿي، جو هو عورت کي صرف هڪ وٿ سمجهن ٿا. سندن نظر ۾ عورت جي ڪا به عزت ڪانهي، هو عورت کي ڪمزور سمجهي، انهن کي ڌمڪائي، هيسائي، مجبور بنائي پنهنجون ضرورتون پوريون ڪن ٿا. مرد پنهنجن فائدن خاطر، پنهنجي ترقيءَ خاطر ۽ وڏا عهدا وٺڻ خاطر پنهنجن زالن ۽ ڌيئن جا سودا ڪن ٿا. عورت چاهي اڻ پڙهيل هجي يا پڙهيل، لکيل، عقل ۽ سمجهه واري، ڪهڙي به عهدي تي هجي يا ڪهڙي به پروفيشن ۾ هجي پنهنجن باسز جي اشارن ۽ حڪم تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو. اهي انهن جي روين جي خلاف آواز به نٿيون اٿاري سگهن ڇاڪاڻ ته اسان وٽ مرد (Male Society) هجڻ ڪري مرد هميشه عورت تي (Dominant) هجڻ ڪري، ڪمزور بڻائيندو رهي ٿو. هو چاهي ته عورتن تي ڪورٽن ۾ ڪيس ڪري انهن تي پوليس چاڙهي جيل ۾ وجهرائڻ يا ٻيو ڪو عمل ڪري پر هر وقت بيعزتو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو.

جمال پنهنجي افساني "مهرباني" ۾ اهڙي مرد ڪردار کي بيان ڪري ٿو. جيڪي بنا ڪنهن ذات پات، دين ڌرم، جو خيال رکندي، غريب ۽ مسڪين فقيرياڻيءَ کي جيڪا ضرورتمند آهي، سندس ضرورت مان ناجائز فائدو وٺن ٿا. هو هن افساني ۾ هڪ اهڙي غريب مسڪين فقيرياڻيءَ جي ڪردار کي پيش ڪري ٿو. جيڪا شڪل شبيهه ۾ ڏاڍي سهڻي ۽ پرڪشش آهي، پر غربت ۽ مسڪينيءَ جي ڪري پني ٿي، هوءَ مرد جي هوس جو نشانو بڻجي ٿي ۽ انهيءَ مان جيڪو اولاد پيدا ٿئي ٿو ان کي پيءُ جو نالو به نٿو ملي، اهو لاوارث بڻجي وڃي ٿو. جمال هن افساني ۾ مرد جي گهٽ سوچ کي هن ريت ٿو بيان ڪري.

ٿا پري سگهن. ڀهراڙين ۾ صحت ۽ تعليم جو صحيح بندوبست ئي ڪونهي، سرڪاري اسپتالون ويران لڳيون پيون هونديون آهن. انهن جو نه ڪو ڏٺي نه ڪو ڏوٺي، پرائيويٽ اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جا ته وات ئي ڦاٽا پيا هوندا آهن، انهن جون فيون به ڳاٽي پڳيون هونديون، هو ته ڳوٺاڻن مان صرف ناڻو ڪمائي امير کان امير تر ٿيڻ چاهين ٿا. ڀهراڙين جي سادن سڌن ماڻهن کي ڦرڻ ته انهن لاءِ آسان طريقو آهي، ته پوءِ اهي ڪٿي ٿا غريبن جو خيال رکن، انهن کي ڪٿي ٿو انهن مسڪينن جو احساس ٿئي. اهي ته دوائون ڏيندا ته اميرن لاءِ جدا ۽ غريبن لاءِ جدا، في وٺندا تڏهن به اميرن لاءِ جدا ۽ غريبن لاءِ جدا. اميرن جي گهر هليا ويندا، مريض کي ڏسڻ لاءِ، پر غريب وٽ پئسا نه هوندا ته اسپتال مان ئي ڪڍي ٻاهر ڪندا. جمال به پنهنجي افساني "بدتميز" ۾ اهڙي ئي هڪ اهم مسئلي کي پيش ڪيو آهي، هو لکي ٿو ته:

"مائي دوا ورتي، پئسا ڳڻي وري ڳڻيائين، ڪليل هٿ ڪٽي، ڪمپائونڊر ڏانهن ڪيائين. ذري گهٽ هڙئي پيسا ميڙي ويس، مائيءَ جي منهن تي اعتراض، پوءِ منٿ ۽ آخر ۾ رئڻ جهڙا اهڃاڻ اچي ويا، سئي نه لڳي ته به....."(ص 31)

هن غريب ويچاري کي پئسن گهٽ هئڻ ڪري ڊاڪٽر سئي هڻڻ کان به منع ڪئي ۽ سڄي ميڙي چونڊي به ڪمپائونڊر ڪٽي ويس پر ساڳئي وقت وري ڊاڪٽر صاحب جو اميرن ۽ ڀهج وارن ماڻهن سان رويو ئي ٻيو هو. جيئن جمال هتي لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر مون سان گڏجي هليو، ننڍڙيءَ کي تپاسيائين، اڌ منو ڪلاڪ ويٺو، سئي هنيائين، دوا ڏنائين، دوائون لکيائين ۽ پوءِ ٻاهر نڪتو... مان ساڻس گڏجي ٽانگي تائين آيس، ڏهين رپئي جو نوٽ ڪٽي هٿ ۾ ڏنومانس، ڪلي واپس ڪيائين، واه صاحب مان

اهڙو بدتميز آهيان...“(ص 31)

جمال ابڙو هن افساني ۾ اهو واضح ڪرڻ چاهي ٿو ته ڊاڪٽر لاءِ انسان ته سڀ برابر آهن، پوءِ اهو اميري ۽ غريبيءَ جو فرق ڇو آهي؟ ڊاڪٽري پيشو ته خدمت ڪرڻ لاءِ هوندو آهي، ته پوءِ خدمت کي ناٽي سان ڇو ٿو ڪٽيو وڃي. يا اهو فرق ڇو ٿو ڪيو وڃي. انسانيت جي خدمت ڪندڙ پيشي کي ڇو ٿو برو بنايو وڃي. جڏهن ڊاڪٽرن جو اهو رويو هوندو ته پوءِ غريب پنهنجي اولاد جو علاج ڪيئن ڪرائي سگهندو. پوءِ هو پنهنجي پٽ، پنهنجي لخت جگر، پنهنجي والي وارث جي زندگي بچائڻ لاءِ پئسو نه هئڻ جي حالت ۾ پڙ نه چورائيندو ته پوءِ ڇا ڪندو. اهو ائين جيئن جمال پنهنجي افساني ”ڪارو منهن“ ۾ دين محمد جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي.

هن دنيا ۾ مري ويلن کان زنده انسان جو حق وڌيڪ آهي، دين محمد کي پنهنجي بيمار پٽ جي زندگي بچائڻ لاءِ پئسن جي ضرورت هئي. هو تمام گهڻو غريب هو ۽ هن کي پنهنجي والي وارث جي جان بچائڻ لاءِ دوا وٺڻ ضروري هئي، هن کي جڏهن ڪٿان به پئسا نه مليا تڏهن مجبوراً هن وڏيري جي پٽ پيدا ٿيڻ تي مئل پير جي قبر تي چاڙهيل پڙ چورائي، پٽ لاءِ دوا وٺڻ ٿي ويو، پڙ چورائيندا هو پڪڙجي پيو، جنهن تي سندس منهن ڪارو ڪري گڏه تي چاڙهي سڄي شهر ۾ گهمايو ويو. لئيون ۽ ڇهبڪ هنيا ويا. تيسين سندس والد وارث پٽ ٻن ڏينهن جي دوا نه ملڻ جي ڪري مري ويو. جمال ابڙو هن افساني ۾ اهو ٿو بيان ڪري ته ڇا اسان وٽ قبرن تي ريشمي پڙ چاڙهڻ ضروري آهن؟ يا ان جي پيٽ ۾ دين محمد جهڙا جيڪي نهايت ئي غريب، ايماندار، سچار ۽ محنتي انسان آهن جي مدد ڪئي وڃي، ان جي پٽ گلاب جي زندگي بچائي وڃي، جيڪڏهن وڏيرو پنجن ڏيئن کان پوءِ مليل وارث پٽ جو اولاد لاءِ پڙ چاڙهي سگهي ٿو، پٺر

پوڄي ٿو. تہ غريب دينو پنهنجي وارث کي بچائڻ لاءِ، اهو چاڙهيل پڙ وڪڻي دوا جو نٽو خريد ڪري سگهي. وڏيرو جتي ديڳيون لهرائي سڄي راڄ کي کارائي سگهي ٿو، اتي 40 روپيا ڪنهن غريب جي اولاد بچائڻ لاءِ نٿو ڏيئي سگهي. جيڪڏهن ان وقت هن جي مدد ڪئي وڃي ها تہ گلاب نہ مري ها، وڏيري سان گڏ ڏينوءَ جو بہ وارث زنده رهي ها. جمال انهيءَ ڏکوئيندڙ منظر کي هيئن ٿو پيش ڪري:

"ماءُ پيءُ ٻاڪارڻ لڳا. دين محمد دانهون ڪيون. ڪتي رومڙ ڪئي. هوا گهوگهٽ لائي ڏنا. نم پن ڇاٽي نانگي ٿي بيٺي. ماءُ وار چوڙي چڏيا. گلاب ڪومائجي ويو. الله ڏنو لٽجي ويو. ماءُ لٽجي ويئي. دين محمد لٽجي ويو." "مٺل کي جياريو ٿي ويو ۽ جيئري کي ماريو ٿي ويو.(ص 15) دينوءَ کي پنهنجي پٽ جي زندگي بچائڻ لاءِ جيڪا سزا ملي انهيءَ کي جمال هن ريت ٿو بيان ڪري:

"دين محمد جو منهن ڪارو ٿيل هو. اڌ مٿو ڪوڙيل. مڇون پٽيل. ڏاڙهي مروٽيل. ڇڳون وڍيل. هيسل اکيون. ٻاهر ڦوٽاريل. منهن سڄيل. ڪپڙا ڇيهاريون. لڱن تي مار جا ڏيئي پيل ڏڙڳ ڏڙڳ. ڏنن تي رت ڦڙا. چمڙي رهڙيل ۽ چليل. بس سڄو ڪنيل هو. سنهو هڙٻانيون. ڪٽل ڳيري وانگي. چهرو پيانڪ. اکيون ٻاهر ڳل اندر. وات ڦاٽل. هر هر شڪل زبان سان چپ پٽي آلا ڪيائين."(ص 47)

انهن غريبن ۽ مسڪينن سان جيڪڏهن هن معاشري ۾ اهڙا ويل وهايا ويندا، انهن سان ناانصافي وارو برتاءُ ڪيو ويندو تہ پوءِ اهي باغي ڇو نہ ٿيندا پوءِ ڏاڙيل، رهزن ۽ خوني ڪردار بڻجيو وڃن ٿا ۽ اهي وري انهن ئي وڏيرن، رئيسن، زميندارن ۽ ڪامورن کان پاڻ تي ٿيل ظلمن جا بدلا چڪائين ٿا. جيئن جمال جي افساني "پشو پاشا" ۾ پشو ڪري ٿو. پشو جيڪو تمام گهڻو بهادر، همت وارو، غيرتمند ۽ شينهن مڙس هئڻ سان

گڏوگڏ بي پرواه، ضدي، سخت مزاج هوندو هو. هو هميشه سچ ۽ حق جو ساٿ ڏيندو هو. ناانصافي ۽ ظلم سان مقابلو ڪندو رهندو هو. هو پاڻ بک، غربت، تڪليف، جيل، مار موچڙو سڀ سهي ويندو هو پر غريبن ۽ مسڪينن تي ٿيندڙ ظلم برداشت نہ ڪري سگهندو هو. هن نيٺ ڏاڍي اڙٻنگ بنجي انهن سيني ماڻهن کان بدلا ورتا جن عام ماڻهن کي ستايو ۽ تنگ ڪيو. جمال ابڙو پشوءَ جي ڪردار بابت لکي ٿو تہ:

"پشو قدرت جي گهڙيل هڪ عجيب مخلوق هئي، ننڍي هوندي کان ئي ضدي، اَرڙو، بي پرواهہ هو. سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ سخت ۽ کهرو هو. هر ڪنهن کي منهن تي سچ چوڻ وارو ۽ غيرتمند شخص هو. هو نہ ڪڏهن ڪنهن کان ڊنو ۽ نہ ئي ڪيس ڪو خوف هو."(ص 80)

پشو وري رحمدل بہ تمام گهڻو هوندو هو. ڪنهن تي ظلم ڪرڻ تہ خير پر ڪنهن سان ناراضگي بہ ڪانئس سَني نہ ٿيندي هئي. هو پنهنجي ماءُ سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو ۽ سندس عزت بہ تمام گهڻي ڪندو هو. ڪيس ڪڏهن رنجائي يا ناراض نہ ڪري سگهندو هو. هو رئيس جي ڌي گلناز سان پيار ڪندو هو. رئيس انهيءَ تي ڪاوڙجي ڪيس مارائڻ چاهيو. حالانڪ پشو پهاڙن ۾ جائو، پهاڙن ۾ پليو. بس پهاڙ هئا ۽ پشو هو. پر پيار جي جذبي کي ڪير ٿو روڪي سگهي. رئيس سندن گهر ساڙايا، ٻنيون ٻار ويران ڪرايا، عورتن ۽ ٻارن کي دربدر ڪري انهن تي هر قسم جا ظلم ڪرايا. پشو اهو چيو تہ "محنت اسان ڪريون، پگهر اسان جو وهي، اسان درياهہ موڙي سگهون ٿا، ٽڪر ٽاڪي ڇڏيون ٿا، ٽوٽ زمين کي اکيڙي ڪانئس زوري گل ۽ ٻوٽا پيدا ڪري سگهون ٿا .. پوءِ اسان ظلم ڇو برداشت ڪريون، اسان پورهيت آهيون، پورهيو بادشاهہ آهي."(ص 88) تہ پوءِ اهڙي جوشيلي، هنيلي، غيرتمند جوان مرد کي رئيس، وڏيرو، پوليس، ڪورٽ ۽

وڪيل ٿا ٿا ڪري سگهن، جنهن جي زندگيءَ جو مقصد ئي آهي حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪرڻ، ظلم ۽ جبر ۽ ناانصافي ختم ڪرڻ:

"ان ڏينهن جابلو شينهن تي ڪيس هلڻو هو، سچ پچ ته شينهن جهڙو مڙس هو، ڊگهو ۽ قداور، لڱ مروڙ، سندس ڏاڙهي مڇي ۽ مڇن جا وار ڪڪا هئا. سندس سڄي بدن تي پوري بج هئي ته سندس ڇاتي ويڪري، ٻانهون مضبوط ۽ ڳچي پريل هئي، ٽنگون جهڙا پاوا. سندس ڪارين اکين مان شوخي، ضد، ارڏائي، صاف گوئي، لاپرواهي ظاهر ظهور چلڪي رهيون هيون."(ص 90)

پر جڏهن سڀ قوتون گڏجي ويون ته پشو جهڙو غريب، مسڪين جنهن جي نه پٽ نه مٽ هئي ڪٿي ٿو مقابلو ڪري پڄي سگهي، نيٺ انهن طاقتورن جي اڳيان سيڪجهه ختم ٿي ويو، پشو کي ڦاسيءَ جي سزا اچي ويئي. پر جمال، پشو جهڙن بهادر مردن کي مرڻ نٿو ڏي، هو چوي ٿو ته: "هڪ پشوءَ جي جاءِ تي اهڙا ته سوين هزارين پشو پيدا ٿيندا." جيڪي پنهنجي لڄ، ٻنيءَ ونيءَ ۽ ڌرتيءَ جي حفاظت ڪندي وڙهندا رهندا، مقابلو ڪندا رهندا، جيڪي جبر ۽ قهر کي منهن ڏيندي پاڻ قربان ڪندا رهندا، پنهنجا سر وڍائي نوان سر پيدا ڪندا رهندا، پاڻ کي ڦاهيءَ جي سزا ڪائي ٻين لاءِ روشن راه کوليندا ويندا، اهڙا فاتح پشوءَ جهڙا مرندا نه پر هميشه لاءِ مثال بڻجندا، اهي امر ٿي ويندا ۽ هميشه هميشه زنده جاودان رهندا، جيئن پشو زنده رهيو، امر ٿي ويو. جمال لکي ٿو ته:

"ڦاسي گهاٽ مان سوين ۽ هزارين پشو اڏامندا نظر آيا، سندن سر ترڙءَ تي هئا، سندن ڪپڙا رڱجي لعل ٿي ويا هئا، ويا گڏ ٿيندا ڪارخانن ۾، فوجن ۾، کيتن ۽ جبلن جي ماٿرين ۾ ۽ غارن ۾، سندن هٿيار جي جهڻڪار ۽ نازوءَ جا آلاپ هوائن ۾، واچوڙا پيدا ڪري رهيا هئا. تکا تيز واچوڙا جن هر پُٽي اڏاوت کي اکوڙي ٿي

وڏو، وڏا ۽ اوچا واچوڙا. جن زمين جي ذرن کي آسمانن تائين پهچايو.“(ص 94)

جمال ابڙي پنهنجن افسانن ۾ اڄ ڪلهه جي نوجوانن کي پنهنجن وڏن ۽ مائٽن جي عزت، آبرو، سار، سنڀال ڪرڻ جي تلقين به ڪندو رهي ٿو. مائٽ جن جي وڏي عزت ۽ عظمت آهي، جيڪي پنهنجي اولاد کي پنهنجو رت ست ڏيئي، پالين، نپائين ٿا. انهن جي هر خواهش ۽ زندگيءَ جي هر خوشي مهيا ڪندا رهن ٿا، اهي پنهنجي اولاد جي خاطر ڏينهن رات محنت ۽ پورهيو ڪندا رهن ٿا. انهن تي ڪا تڪليف اچڻ نٿا ڏين، هو هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا ته انهن تي ڪو ڪوسو واءُ نه وري. پر اولاد وري اهڙو جو مائٽن وٽ جيڪا به پونجي، مال ملڪيت آهي اها ڦري، انهن کي بي گهر ڪيو ڇڏين، انهن کي بکون مارين. هن وقت ته اهڙو واءُ وريو آهي جو پنهنجي خواهش خاطر پنهنجن پوڙهن مائٽن مان بيزار ٿيو قتل ڪرڻ کان نٿا ڪيٻائين، جيئن اڄ جي روزانه اخبارن ۾ اچي ٿو. جمال پنهنجو افسانو ”ڪارو پاٽي“ انهيءَ موضوع تي لکيو آهي. ”ڪارو پاٽي“ ۾ هو لکي ٿو ته اولاد تي پنهنجن مائٽن جا وڏا حق آهن، پر اولاد وري انهن سان ڪاري پاٽيءَ جي سزا طور روش اختيار ڪن ٿا.

”ڇا ٿيس؟ ڇي ڪارو منهن آ عرس جو... ويچاري کي سڪائي ماريائين. ايمان ڪان ئي نڪري ويو. مانيءَ ٽڪر جيڪي ٻار بچائين سو به لڪائي رکي... حياءُ نه پويس جو ڳيو ڪٽي پاءُ کي ڏي، ويچاري چار پنج ڏينهن اَن نه ڏٺو، بکون ڪڍي مئو.“(ص 61)

”پوئين ڏينهن پوڙهو سومر ٻاڙ اٿي ٻجي ڪاري هيٺان پاروٿو ٽڪر ڪنيو، عرس جي زال ست ڏيئي، ورتس،، عرس بيٺي ڏٺو.“(ص 61)

اهڙيءَ ريت جمال جا ٻيا به ڪيترا افسانا، ”شاهه جو ڦر“ ”بدمعاش“، ”هو حُر هو“، ”خميسي جو ڪوٽ“، ”لاري“، ”پاشا“ ۽ ”فرشتو“

وغيره به سنڌ جي مختلف سماجي ۽ معاشي مسئلن تي لکيل آهن. اها حقيقت آهي ته جمال هڪ سچار، مخلص، همدرد مصنف جي حيثيت ۾ اهي سڀ واقعا سچي ۽ حقيقي انداز ۾ پيش ڪيا آهن. سندس هر افساني جو موضوع بهترين آهي. سندس افسانن ۾ نهايت ئي خوبصورت ٻولي استعمال ڪيل آهي. ان سان گڏ سندس افسانن ۾ منظر نگاري، ڪردار نگاري، اثرانداز نموني پيش ڪيل آهي .اُنهيءَ ڪري سندس افسانن کي سنڌي ادب ۾ نمايان حيثيت حاصل آهي، سندس افسانن جي ڪاميابيءَ جي ڪري پاڻ هن دور ۾ سڀ کان اهم ۽ مٿانهون درجو حاصل ڪري چڪو آهي.

حوالا:

1- جمال ابڙو: ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت، ناشر عبدالحميد آخوند، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 1992ع.

2- ڊاڪٽر غلام علي الانا: چونڊ سنڌي افسانا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1976ع.

# سنڌي ادبي ڪانفرنس

ايڪويهين صديءِ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

تعليم جو معيار وڌائڻ ۾ سنڌي اديبن جو ڪردار

ڊاڪٽر غلام علي الانا

ايڪويهين صدي عيسوي ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

ايڪويهين صديءِ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

ڊاڪٽر نور افروز خواجه

ايڪويهين صديءِ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

ڊاڪٽر قمر جهان مرزا

ايڪويهين صديءِ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

# ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

سنڌ يونيورسٽي ۾ آل سنڌ ادبي ڪانفرنس سڏائڻ جي شروعات سنڌ يونيورسٽي جي باني وائيس چانسلر جناب علامہ امداد علي امام علي قاضي صاحب جن جي ڪيل فيصلي سان سنہ 1958ع ۾ ٿي تہ جيئن يونيورسٽي جي سهاري سان سنڌ ۾ علم ۽ ادب جي نئين عمارت اڏي سگهجي. اها ارڙهين ڪانفرنس هئي، ان کان اڳ واريون سترهن ڪانفرنسون مختلف تنظيمن طرفان مختلف شهرن ۾ ٿيون هيون.

ان ارڙهين ڪانفرنس جو انتظام سنڌي ڊپارٽمينٽ طرفان ٿيو، جيڪو ان وقت سنڌ يونيورسٽي جو نئون اسرندڙ ڊپارٽمينٽ هو. ڪانفرنس جو افتتاح 31 مئي 1958ع تي ٿيو. مون مرحبائي خطاب پڙهيو ۽ علامہ صاحب جن پاڻ صدارتي خطبو ڏنو. اها هڪ وڏي ڪامياب ڪانفرنس هئي، جنهن ۾ جناب مخدوم محمد زمان طالب المولي ۽ ٻيا صاحب شريڪ ٿيا. ٻي ڪامياب سنڌي ادبي ڪانفرنس سنڌ يونيورسٽي ۾ تڏهن ٿي، جڏهن اڄوڪي ڪانفرنس جو صدر جناب مظهرالحق صديقي صاحب وائيس چانسلر هو. اها ڪانفرنس 2 فيبروري 1988ع تي وڏي تياريءَ سان شروع ٿي ۽ ڪامياب رهي. ڪنهن بہ ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪافي تياري ۽ محنت ڪرڻي پوي ٿي. اميد تہ هن ڪانفرنس لاءِ بہ ڪافي تياري ٿي هوندي ۽ ڪامياب رهندي.

تجربي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هلندڙ دور ۾، خاص طرح سنڌ ۾، ڪنهن بہ رٿا کي هٿ ۾ کڻڻ ۽ ان کي ڪاميابي سان پوري ڪرڻ لاءِ وڏي همت ۽ حوصلي جي ضرورت پوي ٿي، اهو شرط علمي ادبي تحقيقي ۽ تعليم ۾ واڌاري واري ميدان سان بہ لاڳو آهي. وڏي مخالفت پنهنجن طرفان ٿي تيندي، جنهن کي صبر سان سهڻو پوندو. انهيءَ ڪري اسان جي نوجوانن کي جيڪي سچي ملڪ لاءِ خاص طرح سنڌ لاءِ سڌاري ۽ واڌاري جو ارادو رکن ٿا تن کي معاشري جي تلخين کي سهڻو پوندو. پر انهن تلخين جي باوجود منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ ثابت قدم رهڻو پوندو.

مثال خاطر آئون ٽن عظيم علمي ادبي رٿائن جو ذڪر ڪندس، جيڪي گذريل صدي ۾ تڪميل کي پهتيون: هڪ جامع سنڌي لغات، ٻي لوڪ ادب رٿا ۽ ٽين شاهہ جي رسالي جو مستند متن. انهن ٽنهي رٿائن کي مون ڌڻيءَ جي فضل سان ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو. پر ان لاءِ قرباني ڏيڻي پئي، جيڏيون وڏيون رٿائون هيون، اوڏيون وڏيون مخالفتون ٿيون. مخالفت ڪندڙ سڀ ڏسڻا وائسڻا سائين هئا، جيڪي سنڌ جي سڄڻپائي جا دعويدار هئا. آئون انهن کي "پنهنجن مهربانن" جي نالي سان ياد ڪندس، جيستائين انهن کي شڪ هو تہ هي ڪم پورا ٿي ڪين سگهندا تيستائين ماٺ ۾ رهيا، پر جڏهن ڪتاب تيار ٿيڻ ۽ ڇپجڻ لڳا تڏهن انهن کي ڌڪي لڳي ۽ ڪمن کي بند ڪرائڻ لاءِ قدم کنيائون.

جامع لغات جو پهريون جلد تيار ٿيو تہ ان کي ڇاپڻ تي بندش وڌي وئي. جڏهن ڪنهن حيلي سان اهو جلد ڇپجي ويو تہ ان جي خلاف لکيو پڙهيو ۽ لکايو ويو ۽ باقي جلد ڇاپڻ بند ڪيا ويا. ويهن سالن تائين ڇپائي بند رهي. ان بعد مون کي ڇاڻ ڏيڻ کان سواءِ ڇپائي شروع ڪئي وئي ۽ مٿان ٻين صاحبن جا نالا لکيا ويا تہ انهن درستيون ڪيون آهن.

آهن، جيڪو سنڌ سان عشق ڪرڻ جي هام هڻي سو سختين سهڻ لاءِ تيار رهي.

بي ضروري ڳالهه اها تہ ڪنهن بہ علمي اداري ۾ صحيح علمي بنياد مضبوط تڏهن ٿيندا، جڏهن علمي معيار بلند هوندا. اعليٰ علمي ۽ اخلاقي معيارن کانسواءِ ڪنهن بہ علمي اداري توڙي معاشري ۾ حقيقي ترقي محال آهي. افسوس جو گذريل چاليهن سالن کان وٺي اسان پنهنجن تعليمي ادارن ۾ معياري بلندين بدران پُسيل گهميل هيٺاهين ۾ پنڌ ڪيو آهي. حيران آهي تہ وقتي ڪاميابين خاطر اعليٰ اصول قربان ڪيا ويا. ان جو هڪ انوکو مثال اهو جو هڪ وڏي شعبي جي اعليٰ منتظم، شاگردن ۾ پاڻ وٽائڻ خاطر، امتحان ۾ هلندڙ ڪاپي تي چشم پوشي ڪئي، پر چيائين تہ دروازا بند هئڻ گهرجن، ان کان اڳا وڏي منتظيم جڏهن اهو ٻڌو تہ پاڻ کي وڌيڪ وٽائڻ خاطر چيائين تہ: پل دروازا کليا پيا هجن!

يونيورسٽي جي تاريخ ۾ اڳ ائين ڪونہ ٿيو، علامہ قاضي صاحب جنهن هن يونيورسٽي جا بنياد مضبوط ڪيا ۽ پڻ هي نئون "ڪئمپس" قائم ڪيو. تنهن سنڌ يونيورسٽي جي ترقيءَ جو بنياد اعليٰ معيارن تي رکيو. سندن انتظامي دور ۾ اهي اعليٰ معيار يونيورسٽي جي هر شعبي ۾ ڪارفرما هئا. آفيسن ۾ پوري وقت تي حاضري، ڪلاسن ۾ پوري وقت تي پڙهائي، يونيورسٽي جي بجيٽ مان پئسي خرچ ڪرڻ ۾ پوري ايمانداري، امتحانن جي رزلٽ ۾ انصاف ۽ اعليٰ معيار ۽ سڀني شاگردن سان برابري وارو ورتاءُ جنهن ۾ امير ۽ غريب جو فرق نہ هو. ان جو مشهور مثال هي تہ جناب مير غلام علي صاحب جي فرزند ڪنهن پيپر ۾ گهٽ مارڪون کنيون ۽ مير صاحب پاڻ هلي علامہ صاحب وٽ آيو تہ ڪيس گريس مارڪون ڏيئي پاس ڪيو وڃي. ياد رهي تہ مير غلام

علي صاحب وزير هو. جنهن علامہ صاحب کي لنڊن مان مدعو ڪري، سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر مقرر ڪرڻ ۾ زوردار راءِ ڏني هئي. باوجود ان جي علامہ صاحب مير صاحب جي سفارش نہ قبولي. مير صاحب کين چيو تہ: منهنجو پٽ سو اوهان جو پٽ آهي. قاضي صاحب جن چيو تہ: بيشڪ! پر سڀ شاگرد منهنجا پٽ آهن ۽ سڀني سان برابري وارو ورتاءُ ضروري آهي. اها سندن علمي عظمت ۽ اخلاقي بلندي هئي، جو تعليمي معيار بهرحال قائم رکيائون. بعد ۾ ڳالهہ اتي پهتي جو هڪ وائيس چانسلر صاحب فخر سان چوڻ لڳو تہ مون انتظام ڪيو آهي ۽ هاڻي پي ايڇ ڊي جون ڊگريون بہ سولائيءَ سان ملي سگهنديون.

حقيقت ۾ انهيءَ سولائي تعليم ۽ تحقيق جا معيار لوڏي ڇڏيا. ڊگرين جي گهٽائي سان ڊگرين جي افاديت تي شڪ ٿيڻ لڳا. موجوده وقت ۾ جڏهن وائيس چانسلر صاحب معيارن کي برقرار ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي، تڏهن هڪ ڊين صاحب اخبار ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ پروفيسر جي عهدي تي پهچڻ لاءِ پي ايڇ ڊي جي ڊگري لازمي هئڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. سندس خيال ۾ پي ايڇ ڊي جون ڊگريون معياري نہ رهيون آهن. حقيقت ۾ سڄي ملڪ ۾ اهو حال آهي. سائنسي ۽ رياضي علوم ڪانسواءِ، ٻين شعبن ۾ ڊگريون سولائي سان ملن ٿيون. سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جو جيڪڏهن مان مثالون ڪرڻو آهي تہ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جا. لکڻ ۽ لکائڻ جا معيار مٿانهان ڪرڻا پوندا: سولائي کي ڇڏي ڏکيائين طرف قدم وڌائڻو پوندو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# تعليم جي معيار وڌائڻ ۾ سنڌي اديبن جو ڪردار

سنڌ جي علمي ادبي تاريخ تي جڏهن نظر وجهجي ٿي تہ ائين ٿو معلوم ٿئي تہ سنڌ جي اديبن هر دور ۾ هر لحاظ کان سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي آهي ۽ پوءِ اها خدمت تعليم جي معيار وڌائڻ جي سلسلي ۾ هجي. اها خدمت سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ هجي. اها خدمت سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي ترقي لاءِ هجي يا اها خدمت سياسي ميدان ۾ سنڌي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ هجي. هر دور ۾ سنڌي اديبن جي اهڙين شاندار خدمتن سان پريو پيو آهي.

آگسٽ. سيپٽمبر 2002ع ۾ بيورو آف ڪريڪيولم سنڌ طرفان 28 سالن کان پوءِ ڪلاس ٽئين کان ڪلاس ڏهين تائين سنڌي مادري زبان ۾ آسان سنڌي (غير مادري زبان) جي نصاب جي نئين خاڪي جوڙڻ جي سلسلي ۾ حيدرآباد جي ايليمينٽري ڪاليج (مردانہ) ۾ قومي سطح تي چونڊيل ماهرن جي هڪ ڪميٽي جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي هئي، جنهن ۾ مون کي پڻ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي هئي.

مذڪوره ڪاليج جي لائبريري هال ۾ اها گڏجاڻي ٻن مرحلن ۾ ٿي هئي ۽ ٽي هفتا هلي. جيئن تہ انهي ڪاليج (جنهن کي اڳي ٽريننگ ڪاليج سڏيندا هئا). جو ڪئمپس منهنجي لاءِ نئون نہ هو ڇاڪاڻ تہ مون انهيءَ ڪاليج ۾ سال 53-1952ع ۾ ليڪچرر طور خدمتون ڏنيون هيون.

پر هن دفعي هن ڪاليج جي ان هال ۾ جنهن ڳالهه مون کي وڏيڪ تعجب ۾ وڌو هو. ان جو جواب، سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۽ سنڌالاجي طرفان ڪوٺايل هن سنڌي ادبي ڪانفرنس 2002ع لاءِ مقالي، لکڻ جي سلسلي ۾ موڪليل دعوت ذريعي مون کي مليو هو.

سنڌي ادبي ڪانفرنس 2002ع لاءِ مقالن ڄا جيڪي موضوع رکيا ويا آهن، انهن جي باري ۾ ايليمينٽري ڪاليج حيدرآباد جي لائبريري هال ۾ موجود هڪ صدي اڳ ڇپيل اهم ڪتاب ۽ هال اندر هن ڪاليج ۾ رهي خدمت ڪندڙ تعليمي ماهرن جون يادگار تصويرون اها گواهي ڏئي رهيون هيون تہ سنڌ ۾ تعليم جي معيارَ وڌائڻ ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو تمام وڏو ڪردار رهيو آهي.

ميٽنگ ۾ وقفي دوران هر روز ڪجهہ وقت لاءِ لائبريريءَ جي شيلفن ۾ موجود انهن ناياب ڪتابن جا عنوان تي ڏنم تہ ڪڏهن وري انهن تعليمي ماهرن جي يادگار تصويرن ڪانسواءِ استادن ۽ شاگردن جا پراڻا گروپ فوٽوز تي ڏنم. سنڌي شعبي جي صدر صاحب طرفان سنڌي ادبي ڪانفرنس 2002ع ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ مقالي پڙهڻ جي دعوت ملڻ کان پوءِ آئون هن راءِ تي پهتس تہ ڦدر صاحب ۽ سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر صاحب کي اهو ٻڌايان تہ سنڌ تہ خير، پر سنڌي اديبن ۽ دانشورن سنڌ کان ٻاهر بہ پاڪستان کان بہ ٻاهر، بلڪ برصغير ۽ برصغير کان ٻاهر وڃي تعليم جي معيار ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ پنهنجون يادگار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

سنڌ جا ڪيترائي سپوت ۽ سنڌي اديب ۽ دانشور جن سنڌ کان ٻاهر وڃي تعليم جي ترقي جي سلسلي ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو انهن ۾ ساڌو ٽي، ايل واسواڻي، علامہ آءِ آءِ قاضي، اي ڪي بروهي، علامہ ڊاڪٽر دائودپوٽي جا نالا وڏي فخر سان ورتا ويندا آهن. اهي بزرگ

سنڌي ٻولي جا به وڏا نامور اديب ۽ دانشور مڃيا ويندا آهن.

ورهاڱي کان پوءِ پارت ۽ پارت کانسواءِ سعودي عربيه، شام، مصر ۽ لبيا کانسواءِ ڏور مشرق وارن ملڪن جي تعليمي ادارن ۾ استادن ۽ منتظمين طور ڪم ڪري، سنڌي اديبن انهن ملڪن جي تعليمي معيار وڌائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي.

ايليمينٽري ڪاليج حيدرآباد جي لائبريري هال اندر سنڌ جي انهن تعليمي ماهرن جون تصويرون ٽنگيل آهن، جن مان ڪي اڄ کان هڪ سئو سال اڳ هن تعليمي ۽ تربيتي درسگاهه جا پرنسپال ٿي رهي آهن. انهن سنڌي اديبن ۽ تعليمي ماهرن ۾ بين کانسواءِ راءِ بهادر ديوان ڪوڙو مل، چندن مل کلناڻي ۽ قاضي غلام نبي جون اهم تصويرون آهن. جيڪي پنهنجي زماني ۾ سنڌي ادب جا ناميارا اديب ۽ دانشور ٿي گذريا آهن.

ديوان ڪوڙو مل ته انهن اوائلي سنڌي نثر نويسن واري چومورتيءَ مان هڪ هو جنهن ۾ ساڌو نولراءِ، ديوان اڌارام ٿانورداس ۽ مرزا قليچ بيگ شامل ڪيا ويندا آهن. . سنڌي اديبن جي انهيءَ اوائلي چومورتيءَ انگريزن جي شروع واري زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ درسي ڪتاب لکي، سنڌ ۾ تعليم جي اعليٰ معيار لاءِ ڪوششون ڪيون.

ايليمينٽري ڪاليج کي ان زماني ۾ ٽريننگ ڪاليج سڏيو ويندو هو، جتي سڄي سنڌ مان پرائمري اسڪولن جا استاد درس و تدريس جي فن يعني Padogogy ۾ تربيت وٺڻ لاءِ ايندا هئا. انگريز سرڪار، سنڌ ۾ تعليم جي معيار وڌائڻ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ته اول پرائمري اسڪولن جي استادن کي صحيح نموني سان سکيا جي تربيت ڏجي ۽ انهن کي پڙهائڻ جي طريقي جي تربيت ڏجي ۽ انهن کي پڙهائڻ جي طريقي جي صحيح ۽

معياري سکيا ڏجي. انهن جو خيال هو تہ تعليم جي صحيح معيار لاءِ، اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ استادن جي صحيح تربيت ڪجي ۽ انهن کي تدريس يعني پڙهائڻ جي فن ۽ طريقي کان واقف ڪجي. انهيءَ ڪري حيدرآباد ۾ سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ مقرر ٿيل استادن جي تربيت لاءِ هي ڪاليج قائم ڪيو ويو آهي.

هن ڪاليج ۾ نہ فقط شاگردن کي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي فن ۽ طريقي جي سکيا ڏني ويندي هئي، پر انهن (تربيت وٺندڙ) کي صحيح انسان جي خوبين ۽ خصوصيتن، انسان شناسي جي قدرن جهڙوڪ: خداشناسي، انسان شناسي، خدا ترسي، هڪ ٻئي لاءِ ادب ۽ احترام، خوش اخلاقي ۽ رواداري جهڙن زندگي جي قدرن جي پڻ سکيا ڏني ويندي هئي، ڇاڪاڻ تہ اهي خوبيون هڪ سٺي استاد هجڻ ۾شامل هونديون هيون، ۽ اڄ بہ هڪ سُٺي استاد هجڻ لاءِ اهي ئي خوبيون ضروري سمجهيون وينديون آهن.

هن ڪاليج ۾ نصابي سرگرمين ڪانسواءِ اهم نصابي سرگرمين تي بہ گهڻو ڌيان ڏنو ويندو هو. جن ۾ اديب بڻجڻ جون صلاحيتون اجاگر ڪرڻ، مصوري جي فن ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جي فن ۽ شعر و شاعري جي پڻ تربيت ڏني ويندي هئي.

ٽريننگ ڪاليج ۾ استادن جي حيثيت ۾ مقرر ٿيل تعليمي ماهرن جي ان زماني ۾ اها پڻ ذميواري هوندي هئي، تہ اهي سنڌ جي تعليم کاتي لاءِ نصاب جي خاڪي جي رٿابندي ڪانسواءِ پراڻي نصاب تي نظرثاني ڪرڻ، نئون نصاب جوڙڻ، ايندڙ نسل لاءِ نوان نوان ڪورس تجويز ڪرڻ زماني جي گهرجن مطابق انهن ڪورسن تي وقت بوقت نظرثاني ڪرڻ بہ هنن جو تعليمي نصاب جي سلسلي ۾ تبديلين ڪرڻ ۽ نصاب ناهڻ هن ڪاليج ۾ ڪم ڪندڙ تعليمي ماهرن جو ذمو هوندو هو.

نہ فقط اهو پر وقت بوقت نصاب ۾ تبديليون آڻڻ کان پوءِ منظور ٿيل نصاب موجب نوان درسي ڪتاب لکڻ بہ هن ڪاليج ۾ مقرر ٿيل علمي ماهرن جو ذمو هوندو هو. ان زماني ۾ سنڌي اديبن تي مشتمل نصابي ڪميٽيون پڻ هونديون هيون.

ان زماني ۾ نصابي ڪميٽي طرفان نصاب ۾ سڌارا آڻڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي صورتخطي جي سڌاري واري ڪميٽي تي بہ سنڌي ٻولي جا اديب جهڙوڪ: ديوان ڄيٺمل نارومل وسناڻي، ميان محمد حيدرآبادي، راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ، ديوان پريداس، اندرام رامچنداڻي، ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي، ديوان ننديرام سيوهاڻي، قاضي غلام علي، ميان غلام حسين قريشي ۽ مرزا قليچ بيگ جهڙا ماهر ۽ دانشور شامل رهيا. جيڪي سڀ سنڌي ٻولي جا ناميارا اديب هئا.

هن ڪاليج ۾ جتي تعليم جي معيار جو خيال رکي پرائمري استادن کي تربيت ڏني ويندي هئي. اتي ديوان ڪوڙي مل ۽ ٻين تعليمي ماهرن جي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ بہ اهڙن اديبن ۽ شاعرن کي سنڌ ۾ تعليم جي معيار کي قائم رکڻ جو هميشہ اونو رهندو هو. اهڙن تعليمي ماهرن ۽ سنڌي ٻولي جي اديبن ۾ خان بهادر محمد صديق ميمڻ، ڊاڪٽر غلام حسين جعفري، محترم غلام حسين سومرو، محترم غلام اصغر وندير، محترم رحيم بخش سرهيو ۽ حافظ عبدالستار هڪ ٻئي پنيان پرنسپال مقرر ٿيا. اهي سڀ سنڌي ٻولي جا نامور اديب هئا. هن ڪاليج جا ٻيا استاد مرحوم محمد صديق "مسافر"، شيخ عبدالله "عبد"، مرحوم رحيم بخش ميمڻ، مولانا غلام محمد گرامي، رشيد احمد لاشاري، محترم ع. ق. شيخ، مرحوم بلاول پرديسي ۽ ابن الياس سومري جهڙا سنڌي ٻولي جا نامور اديب ۽ شاعر هئا. هنن سنڌ ۾ تعليم جي معيار وڌائڻ ۾

هميشہ پاڻ پتوڙيو.

ٽريننگ ڪاليج جي استادن ۾ انگريزي جي تعليم کاتي جي ڊائريڪٽرن (اڳوڻن ڊي پي آءِ) جن ۾ اڪثريت سنڌي اديبن جي رهي آهي. انهن بہ سنڌ ۾ تعليم جي معيار کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. انهن ۾ غلام مصطفيٰ شاهہ، پروفيسر اڪرم انصاري، محترم رحيم بخش ميمڻ، محترم حميد سنڌي، آپا مريم نوحاڻي ۽ ڊاڪٽر حبيب الله صديقي جا نالا وڏي فخر سان وٺي سگهجن ٿا.

سنڌ جي ڪاليجن ۾ جن نامور اديبن پروفيسرن جي حيثيت ۾ پڙهايو ۽ سنڌ ۾ تعليم جي معيار کي بلند رکڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن ۾ ڊاڪٽر هہ. م. گربخشاڻي، پروفيسر ٻٽاڻي، پروفيسر ناگراڻي، پروفيسر سدارنگاڻي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، پروفيسر لال سنگ اجواڻي، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي، محبوب علي چنا، پروفيسر عبدالعلي قلباڻي، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، پروفيسر عبدالرحيم ڏيتو، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، پروفيسر شيخ محمد فاضل، پروفيسر مير محمد ٻيو، پروفيسر عطا محمد حامي، پروفيسر شيخ عبدالرزاق راز، پروفيسر حامد علي خاناڻي، آپا شمس عباسي، پروفيسر امينہ هاليپوٽو، پروفيسر لطف الله بدوي، پروفيسر احسان احمد بدوي، استاد بخاري ۽ ٻيا بہ ڪيترائي پروفيسر جن جي علمي قابليت ۽ مهارت ڪانسواءِ انهن کي بهترين سنڌي اديب هجڻ جي حيثيت ۾ هر سنڌي ماڻهو سڃاڻي ٿو. سنڌ جي هاءِ اسڪولن ۾ جيڪي دانشور وڏا وڏا تعليمي ماهر ٿي گذريا ۽ جن سنڌ ۾ تعليم جي معيار کي قائم رکڻ ۾ وڏيون ڪوششون ڪيون انهن ۾ مرحوم عطا حسين شاهہ موسوي، مرحوم عبدالحسين شاهہ موسوي،

مرحوم غلام محمد شهواڻي، محترم واحد بخش شيخ، محترم تاج محمد صحرائي، ڊاڪٽر الله داد ٻوهيو، دادي ليلاوتي، محترم بقا محمد قريشي وڏا نالا آهن. اهي سڀ سنڌي ٻولي جا اديب آهن.

يونيورسٽي سطح تي علامه آءِ آءِ قاضي صاحب ڪانسواءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي، سيد وڏل شاهه مرحوم، ڊاڪٽر سيد اسد الله شاهه حسيني، ڊاڪٽر محمد يوسف، ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري، ڊاڪٽر فهميدا حسين، پروفيسر سليم ميمڻ، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڊاڪٽر نواز علي شوق نه فقط اعليٰ تعليم جي سطح تي ماهر مڃيا ويا آهن. پر اهي سڀ احباب سنڌي ٻولي جا وڏا ۽ نامور اديب به آهن جن پنهنجن پنهنجن ادارن ۾ تعليم جي معيار کي قائم رکيو.

تعليمي سربراهن، وائيس چانسيلرن، پرنسپالن، ماسترن ۽ هيڊ مسٽريسن، پروفيسرن ۽ هاءِ اسڪولن ۽ پرائمري اسڪولن جي مانوارن استادن کان سواءِ ٻين سنڌي اديبن ۽ دانشورن ۾ اهڙن ماڻهن جا نالا به وڏي فخر سان ورتا ويندا آهن جن سنڌ ۾ تعليم جي معيار وڌائڻ لاءِ تمام اهم ڪتاب تصنيف يا ترجمو ڪيا جيڪي درسي ڪتابن طور نصاب تي نه فقط ان زماني ۾ مقرر ڪيا ويا پر اڄ به انهن ڪتابن کي معياري ڪتاب سمجهي نصاب تي مقرر ڪيو ويندو آهي. اهڙن قدآور سنڌي اديبن ۾ مرحوم مرزا قليچ بيگ، پير علي محمد شاهه راشدي، سائين جي. ايم. سيد، پير حسام الدين شاهه راشدي، مولانا محمد عثمان ڏيپلائي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، شيخ اياز، آغا محمد يعقوب، خانصاحب عبدالله چنا، ساڌو ٽولراءِ، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، ڪانسواءِ سراج، آغا سليم، ڊاڪٽر نجم عباسي، بيگم خديجه دائودپوٽو، محترمه مهتاب محبوب، محترمه نورالهديٰ شاهه ۽ محترم

عبدالقادر جوڻيجو. اهڙا اعليٰ پاءِ اديب آهن جن سنڌ ۾ تعليم جي معيار لاءِ اعليٰ معيار جا ڪتاب لکيا ۽ ان ڏس ۾ ڪوششون بہ ڪيون.

تعليم جي اعليٰ معيار جو مدار تعليم جي هر سطح تي هميشہ ان لاءِ جوڙيل معياري، نصاب ۽ ان نصاب جي گهرجن جي پوري ڪرڻ لاءِ معياري ڪتابن ۽ مواد جي موجودگيءَ تي هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري نصاب جوڙڻ ۽ ان لاءِ وقت بوقت معياري ڪتاب لکڻ ۽ انهن جي اشاعت ۾ جن ماهرن ۽ سنڌ جي قابل قدر اديبن پنهنجي ذميواري محسوس ڪري، سنڌي ٻولي ۾ معياري ڪتاب شايع ڪرايا. انهن ۾ محترم محمد ابراهيم جويو، سيد محمد صالح شاهہ بخاري، مرحوم مير محمد سيال، امداد حسيني، محترم غلام رباني آگري ڪانسواءِ سنڌيڪا اڪيڊمي جي مالڪ محترم نور احمد ميمڻ نيو فيلڊس جي مالڪ فيروز احمد ميمڻ ۽ روشني پبليڪيشن جي مالڪ محترم علي نواز گهانگهري جا نالا فخر سان وٺي سگهجن ٿا. اهي سڀ حضرات پاڻ بہ سنڌي ٻولي جا ناليوارا اديب رهيا آهن. انهن سڀني جي اها ڪوشش رهي آهي تہ سنڌ ۾ تعليم جي اعليٰ معيار کي برقرار رکڻ لاءِ سنڌي ۾ معياري ڪتاب شايع ڪجن.

نصاب ڪهڙو بہ معياري هجي پر جيستائين ان نصاب لاءِ معياري ليکڪ نہ هوندا تيستائين معياري نصاب جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل نہ ٿيندي. سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جو ڪم اهو آهي تہ انهن هر دور ۾ سنڌ جي تعليم جي معيار لاءِ پنهنجن موضوعن تي، هر دور ۾ سنڌي زبان ۾ سٺا ۽ اعليٰ معياري ڪتاب لکيا آهن. هن سلسلي ۾ سنڌ جي جديد شاعري جي باني ۽ محترم آنجهاني ڪشنچند بيوس جي باري ۾ محترم تاج جويو سندس ڪتاب ”تلسين جي سرهاڻ“ ۾ صفحي 10 تي لکي ٿو.

واپار ۽ کاتا نويسي لاءِ ان وقت جي رائج رسم الخطن ۾ ٻارن کي سکيا ڏيڻ جو بندوبست ڪيل هوندو هو.

سنڌ جي عالمن نہ فقط عربي ۽ فارسي زبانن ۾ معياري درسي ڪتاب لکيا پر انهن سنڌي زبان ۾ پڻ ديني تعليم لاءِ معياري ڪتاب قلمبند ڪيا. انهن جا عربي ۽ فارسي زبانن ۾ لکيل ڪتاب ايڏي تہ معيار وارا هئا جو سندن لکيل ڪتاب ان زماني ۾ عرب دنيا ۽ وچ مشرق ۽ افغانستان جي مدرسن ۾ نصاب تي رکيا ويا.

انگريزن جي زماني ۾ جڏهن انگريزن سنڌي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي کي تعليم جو ذريعو بنايو، تڏهن سنڌ جي عالمن ۽ اديبن، سنڌي ٻولي ۾ مختلف مضمونن ۾ ڪيترائي معياري ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا جيڪي ان زماني ۾ اسڪولن جي نصاب ۾ شامل ڪيا ويا. انهن سنڌي عالمن اديبن ۽ شاعرن ۾ مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙو مل، چندن مل کلناڻي، ديوان ننديرام سيوهاڻي، اڌارام ٿانورداس، ساڌو نولراءِ، سيد ميران محمد سيوهاڻي، قاضي غلام حسين ۽ ميان محمد حيدرآبادي ڪانسواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي اديبن ۽ عالمن سنڌي ٻولي ۾ هر مضمون تي ڪتاب لکي سنڌي ٻولي کي ايتري قدر تہ شاهوڪار بنائي ڇڏيو. جو اڄ بہ هر سطح تي سنڌي نصاب ٺاهڻ لاءِ مرزا قليچ بيگ ديوان ڪوڙي مل، منشي اڌارام ٿانورداس، لالچند امر ڏني مل، تيرٿ وسنت، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، مرحوم محمد صديق مسافر، نارائڻ داس ڀمباڻي، کانچند درياڻي ۽ ٻين اديبن جي لکيل مضمونن کي معياري تعليم لاءِ نصاب تي مقرر ڪرڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي.

موجوده وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ ادبيات ڪانسواءِ اقتصاديات سياسيات، نفسيات، اسلاميات، دينيات، نباتات، حيوانات، ثقافت، علم آثار شناسي، علم الانسان، علم اللسان، علم التواريخ،

ائنتراپالاجي، ايتنالاجي، فزيڪل ۽ نيچرل سائنسز جهڙن علمن تي سنڌ جي استادن ۽ اديبن معياري ڪتاب لکيا آهن.

وڏي خوشي جي ڳالهہ آهي تہ ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز جهڙن مشڪل مضمونن تي بہ سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن معياري ڪتاب لکي ۽ ڇپائي ثابت ڪيو تہ سنڌي زبان ۾ هر موضوع ۽ مضمون تي تحقيقي ڪم ڪري سگهجي ٿو. ان ڪانسواءِ هيلٿ سائنسز جي سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، پنهنجي قيام (1991ع) واري زماني ڪان وٺي سٺا ۽ معياري ڪتاب ڇپايا آهن. ان سلسلي ۾ پروفيسر علي مرتضيٰ ڌاريجي واکاڻ جوڳو ڪم ڪيو آهي. هن صاحب هيلٿ سائنسز، ماحوليات، فزيالوجي، ڪئنسر جهڙي مرض تي معياري ۽ معلوماتي ڪتاب لکيا. 1998ع کان 2001ع تائين واري زماني ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي هيلٿ سائنسز جي سلسلي ۾ فرسٽ ايڊ، دم، سلهہ، سائي، مدي جو بخار، مٺا پيشاب، ڪميونٽي هيلٿ تي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي پروفيسرن ۽ سنڌ سرڪار جي صحت کاتي جي ڊاڪٽرن کان لکائي، ڇپائيءَ لاءِ تيار ڪرايا.

تازو آگسٽ سيپٽمبر 2002ع ۾ ماهرن جي ڪميٽي جڏهن ڪلاس ٽئين کان ڪلاس ڏهين تائين سنڌي ٻولي (مادري ۽ آسان سنڌي) لاءِ نئين نصاب جو خاڪو تي تيار ڪيو تڏهن مذڪوره ڪميٽي جي ميمبرن، مختلف ڪلاسن جي نصاب لاءِ سبق ۽ ٻارن جي گيتن جي تلاش ڪئي تہ ڪميٽيءَ جو توجهہ وري بہ بزرگن اديبن ۽ شاعرن جي نثر ۾ لکيل مضمونن يا سندن جوڙيل نظمن، ٻاراڻن گيتن طرف ڇڪجي ويو. جن جا نالا اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان. ڪميٽي انهن بزرگن، شاعرن توڙي نثر نويسن جي لکيل مضمون ۽ گيتن وغيره ڪانسواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي نثر نويس ۽ شاعرن جي لکيل معياري مواد کي سامهون رکيو.

جيڪو هر لحاظ کان نصابي ڪتابن لاءِ مناسب سمجهيو ويو. اهڙن اديبن ۽ شاعرن ۾ آنجهاني ڪشنچند بيوس، ليکراج ڪشنچند "عزيز"، ڪيئل داس "فاني"، شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق "راز"، هوندراج "دکايل"، نارائڻ شيام، محمد اسماعيل عرساڻي، تنوير عباسي، رشيد احمد لاشاري، عبدالڪريم گدائي، بردو سنڌي، رحيم بخش قمر ۽ مرحوم حيدر بخش جتوئي، ڪانسواءِ تاج محمد صحرائي، الطاف شيخ، محمد بخش مجنون، محمد بخش جوهر ۽ ٻين نثر نويسن جي لکيل مضمونن کي معياري مضمون سمجهي، درسي ڪتاب ۾ انهن کي شامل ڪرڻ جي سفارش ڪئي.

هن مقالي جي پڙهندڙن يا ان جي ڇپجي وڃڻ کانپوءِ پڙهندڙ خواتين و حضرات جي ذهنن ۾ هي سوال پيدا ٿئي ٿو ته پوءِ سنڌ ۾ خاص ڪري سرڪاري تعليمي ادارن ۾ تعليم جي معيار جي تباهي ٿيڻ جو سبب ڇا آهي؟ اهڙن دوستن جي خدمت ۾ آءٌ هي عرض ڪندس ته سنڌي اديب هن وقت به پنهنجا معياري مقالا، مضمون، گيت، نغما ۽ نظم لکندا رهن ٿا. پر انهن جي لکيل نثري توڙي شاعريءَ واري مواد کي سمجهڻ ۽ پڙهائڻ وارن استادن ۾ صرف ڪي ڏاڏا وڃي بچيا آهن. جيڪي سنڌي اديبن جي لکڻين کي سمجهڻ جي صلاحيت رکن ٿا. تعليمي ادارن ۾ مقرر ٿيل استادن جي انتخاب جا ماپا ۽ قدرئي بدلجي ويا آهن.

ون يونٽ جي قيام واري زماني 1954ع کان وٺي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڌاڙ ڌاڙ سطحن تي ڀرتي ٿيل يا ڀرتي ٿيندڙ پارٽي جو سرگرم ڪارڪن هجڻ کان پوءِ چاهي اميدوار، استاد واري آسامي لاءِ مناسب اميدوار هو يا نه؟ اهڙي طرح ڪنهن سياستدان يا ڪنهن ايم پي اي، ايم اين اي، ڪنهن سينيٽر، ڪنهن گورنر يا ڪنهن

ڪرائين.

هاڻ اسڪولن جي نصاب جوڙائڻ لاءِ اول ته ڪاميٽي هوندي ئي ڪانهي، پر جيڪڏهن بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن جي جوڙجڪ ۾ ڪا اهڙي ڪاميٽي هوندي به آهي ته اها قسمت سان ڳڏبي آهي ۽ نصاب تي نظرثاني ڪندي آهي. حيدرآباد بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن جي بورڊ آف گورنرس جو ڏه سالن تائين آئون ميمبر رهيس پر انهيءَ عرصي دوران بورڊ آف گورنرس جي ايجنڊا تي اڪيڊيمڪ ڊيولپمينٽ لاءِ ڪو به ائٽم ڪڏهن به مون کي نظر نه آيو. بار بار پڇڻ جي باوجود بورڊ جي چيئرمين صاحب ڪڏهن به خاطرخواه جواب ڪونه ڏنو.

درسي ڪتاب جي لکڻ لاءِ مقرر ڪميٽين تي اهڙا ميمبر به ڪنيا ويا جن کي سنڌي ٻولي جي لفظن ۽ جملن جي صحيح سٽاءَ سنڌي وياڪرڻ جي اصولن ۽ قانونن جي به ڄاڻ ڪانه هئي. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۾ اٿارٽي جي باني چيئرمين عاليجناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي زماني کان وٺي، ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان سنڌي ٻولي ۾ ڇپايل ڪتابن جي ٻوليءَ تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪئي وئي هئي. منهنجي چيئرمينيءَ واري زماني ۾ اها ڪميٽي وري قائم ڪئي وئي. ڪميٽي هر مهيني ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين صاحب کي ڪتابن ۾ غلطين کان آگاهه ڪندي هئي. پر هر دفعي چيئرمين صاحب غلطين جي درستن لاءِ واعدو ته ڪندو هو پر واعدو پورو نه ڪيائين.

حيران ڪندڙ ڳالهه هي آهي ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي خواندگي واري پروگرام لاءِ درسي مواد اهڙن ماڻهن کي لکڻ لاءِ ڏنو ويو يا اهڙن ماڻهن کان ايڊٽ ڪرايو ويو. جن کي سنڌي ٻولي جي لفظن ۽ جملن جي گهاڙيٽن جي اصولن جي به خبر ڪانه هئي ۽ نه ئي وري انهن کي، سنڌي ٻولي جي صحيح بيهڪ جي نشانين جي ئي ڄاڻ هئي. اهي

ڪتاب ڪٿين ڳوٺن ۾ خواندگي واري پروگرام لاءِ استعمال ڪيا پيا وڃن، جيتوڻيڪ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر صاحب جو درسي ڪتابن ۾ خامين طرف ڌيان ڇڪايو ويو هو.

سنڌي ،مادري زبان يا آسان سنڌي جي درسي ڪتابن جي سبق لکڻ جو ڪم اهڙن ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو جن کي سنڌي لسانيات جي ڪا بہ ڄاڻ ڪانهي. انهن صاحبن کي اها بہ خبر ڪانهي تہ سنڌي صوتيات يا همزي جو استعمال ڪيئن ٿيندو آهي، يا سنڌي وياڪرڻ ۾ اعراب جو ڪم ڇا آهي، اهڙن ماڻهن کي اهو بہ معلوم نہ آهي تہ حرف علت جي مٿان جزم ڏيڻ صحيح آهي يا غلط؟

اڄ کان اندازن پندرهن سال اڳ آسان سنڌي جي سکيا لاءِ ٽيون ۽ چوٿون ڪتاب ڊاڪٽر سنديلي صاحب ۽ مون گڏجي لکيا هئا. ڪجهہ عرصي کان پوءِ انهن ٻنهي ڪتابن جي متن ۽ جملن ۾ ڦير گهير ڪئي وئي، جنهن لاءِ مون سان ۽ سنڌيلي صاحب سان مشورو نہ ڪيو ويو. حالانڪہ اهي ڪتاب مادري زبان ۽ غير مادري زبان جي سکيا جي اصولن موجب لکيا ويا هئا.

ڪتاب جي ٻولي ۾ ڦير گهير ڪندڙ صاحب کي شايد اها ڄاڻ ڪا نہ هئي، سنڌي ٻولي جو وياڪرڻ ڪيئن سيکارجي؟ مواد، مرتب ۽ مرڪب لفظن کي ڪيئن سمجهائجي؟ مفرد، مرتب ۽ مرڪب جملا ڪيئن سيکارجن؟ انهن لاءِ اصول ڪهڙا آهن.

1999ع ۾ مون سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ڏهوڪي چيئرمين، محترم حميد سنڌي کي سندس ڄامشوري واري آفيس ۾ گذارش ڪئي تہ مهرباني ڪري يا تہ انهن ڪتابن تان مصنف طور منهنجو ۽ مرحوم ڊاڪٽر سنديلي جا نالا هٽايا وڃن يا تہ انهن ڪتابن ۾ مون کان درستيون ڪرايون وڃن.

منهنجي ذاتي راءِ موجب موجوده وقت تعليم جي معيار تباهه ٿيڻ جي جوابداري، حڪومت ۽ تعليم کاتي جي ڪامورن جي آهي. تعليمي ادارن جا سربراهه، اسڪولن ۽ ڪاليجن جا اڳواڻ ۽ استاد، جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ استاد هوندا ته مون کي يقين آهي ته سنڌ ۾ تعليم جو معيار بهتر ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن خانگي تعليمي ادارن ۾ تعليم جي معيار جي باري ۾ ٻارن جي مائٽن ۽ عام شهرين کي ڪا به شڪايت ڪانهي ته پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو عوام سرڪاري ادارن جي خلاف شڪايت ڪري ٿو ۽ پنهنجا ٻار سرڪاري ادارن جي بدران خانگي ادارن ۾ داخل ڪرائڻ جي ضرورت محسوس ڪري ٿو.

بهرحال انهن ٽورن سوالن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته تعليم جي معيار وڌائڻ ۾ سنڌ جي اديبن جو ڪردار اهم رهيو آهي.

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

# ايڪويهين صدي عيسوي ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

گذريل صديءَ ۾ دنيا جي اديبن تسليم ڪيو تہ ادب جو هڪ عملي ڪارج آهي، ادب برائي زندگي آهي، خود پنهنجي ترقي ۽ اعليٰ اظهار جو ذريعو نہ آهي. اهڙي طرح روايتي عالمانہ ادب، پند و نصيحت، تصورات ۽ خيالي ڪردارن جي قيد و بند مان نڪري، ڪجھہ قدر ترقي پسند ادب جي صنف ۾ داخل ٿيو. زندگي جون نوس حقيقتون، انسان جا نازڪ احساسات، جذبات ۽ حق گوئي، ادب جو هڪ اعليٰ معيار بڻجي ويا. ادب جا سڀ نوبل پرائيز، تخليقي ادب جي انهي معيار ۽ ماڻ مطابق ڏنا ويا. سڀ انعام يافتہ ترقي پسند اديب هئا. پوءِ ادب ۾ بہ ساڃي ۽ ڪابي ڏر جو رواج پيو. ۽ ادبي ماحول سياسي تقسيم جو شڪار ٿيو. سوشلسٽ ادب، سامراجي ادب، مذهبي ادب ۽ سياسي ادب، انهي تقسيم جا چند نمونا آهن.

ويهين صديءَ ۾، سنڌ جو اسرندڙ اديب، مغربي تعليم ۽ تهذيب کان ڪجھہ وڌيڪ متاثر ٿيو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام کي روايتي روحاني تشريح کان ٻاهر، سماجي، سماجي انقلابي ۽ ترقي پسند فڪر ۾ تلاش ڪرڻ لڳو ۽ سندس گهاڙيٽي ۾ پنهنجو ڪلام وڌيڪ واضح لفظن ۽ انقلابي علامتن ۾ پيش ڪرڻ لڳو. انهي ادبي ترقي، يا نواڻ، جو سرواڻ شيخ مبارڪ اياز هو. سندس مقابلي ۾ قدامت پسند

اديب قطارون ناهي بيٺا ۽ مٿس شديد تنقيد ڪرڻ لڳا. حيدرآباد ۾، سٺ جي ڏهاڪي ۾، هڪ مشاعري ۾، هڪ شاعر هي شعر پڙهيو:

وڄهي ڪلڪَ ڪنن ۾ پائي ڪاراڪوٽ،
تنهنجي انگ اکر کي تا ڏين اوٽ ۽ موٽ،
اڄ تا سڏائن ڪاپڙي ڪيئي ڇٽ ڇموٽ،
پيچ پٽائي گهوٽ جو ثاني آيئہ سنڌ ۾.

قدامت پسند ۽ ترقي پسند ادب جي تقسيم، نظم ۽ نثر ۾، نمايان ٿيندي وئي. انهي دور جي منڍ ۾، مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجي تاريخي ناولن جي ذريعي، نوجوان نسل ۾ پيري مريدي، انڌي ويساھ ۽ مڪاري خلاف بغاوت پيدا ڪئي، ٻئي طرف مذهبي ادب پنهنجي روايتي انداز ۾ جاري رهيو. هن دور ۾ انهيءَ کي، محمد ابراهيم جويي، تاج صحرائي، تنوير عباسي ۽ اهڙن ٻين بيباڪ ترقي پسند اديبن تي ڪفر جي الزام لڳائڻ جو موقعو مليو. جيڪڏهن مذهبي بالادستي ۽ تشدد جو اڳوڻو دور هجي ها تہ شايد شيخ اياز سميت هي سڀئي ويهين صدي جا منصور بنجي وڃن ها. پوءِ بہ ڪاٽڪو (جيل ڪاٽيل) ضرور بنايا ويا.

مجموعي طور تي، ويهين صدي جو سنڌي ادب، شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جي تحريرن، ترجمن ۽ جديد ادبي صنفن، بالخصوص ناول، کي شامل ڪرڻ جي باوجود، ادبي روايتن جو پابند رهيو. هن صدي جي پوئين اڌ ۾، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اڻٿڪ ڪوششن ۽ ڪشالن جي طفيل، سنڌ جو روايتي لوڪ ادب تحقيق جي ميدان ۾ داخل ٿيو. تاهم تحقيقي ادب، سنڌي ادبي دنيا ۾، ڌاريو سمجهيو ويو. تاريخي، سماجي، اقتصادي ۽ معاشرتي تحقيق، ادب کان ٻاهر سمجهي وئي. عام طور تي، فقط تخليقي ادب، يعني تصوراتي عشقيہ شاعري ۽

ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ ناول نويسي، کي ادب شمار ڪيو ويو. اسلامي ادب پنهنجو الڳ ميدان گهڙيو. جنهن تي حاجي احمد ملاح ۽ علامہ علي خان ابڙو ۽ ٻيا عالم فاضل جفاڪشي سان ڪاربند رهيا.

تصوف سنڌي سماج جو روح آهي، تنهنڪري قدامت خواه ترقي پسند ادب، ڪنهن نہ ڪنهن انداز سان، لطيف جون روحاني لطافتون ۽ سچل جون سرمستيون بيان ڪندو رهيو آهي. اياز بہ آخر عمر ۾ صوفي بنجي ويو. هن زندگي جي سفر ۾، ادب هر لحاظ کان زندگيءَ جو گهرو عڪس بنجي رهيو آهي، ۽ رهندو

ايڪويهين صدي عيسوي جي زندگي، سائنس ٽيڪنالاجي، رياضي ۽ ڪارج پسندي، يا يوٽليٽريزم، طرف مائل آهي. جيڪڏهن هن صدي جو سنڌي ادب انهيءَ زندگي جي عڪاسي نہ ڪري ته اهو ادب برائي زندگيءَ جي اصول جو منحرف ٿيندو ۽ سنڌي سماج کي انهيءَ سان ڪا دلچسپي نہ رهندي.

سنڌي ٻوليءَ کي سائنس ۽ جديد علوم جي زبان بڻائڻ جي تڪڙي ضرورت آهي. جهڙي طرح ويهين صديءَ ۾ جپانين، چينين ۽ روسين پنهنجي زبان ۾، سائنس ۽ جديد علوم جي محاورن، اصطلاحن ۽ نظرئين کي ترجمو ڪري يا نوان نالا ڏئي، انهن کي جديد سائنسي ۽ فني زبان بڻايو، ۽ پنهنجي تعليمي نظام ۾ پنهنجي جديد مادري زبان کي رائج ڪيو ۽ ترقي ڪئي، تهڙي طرح هن ايڪويهين صدي ۾ سنڌي اديب کي پهريائين پنهنجي ٻولي کي ترقي وٺرائڻي پوندي. نوجوان نسل جي ذهني ترقي ۽ جديد معاشره جي ضرورتن جي پورائي خاطر سائنسي طريقيڪار، جديد علوم ۽ زندگي جي انداز (Life Style) مطابق لکڻو پوندو.

اديب معاشره جي اصلاح لاءِ ذميدار آهي، اهو هڪ عام خيال آهي، ليڪن خود اديب به انهيءَ معاشره جي پيداوار آهي، جنهن کي اصلاح جي ضرورت آهي. تنهن ڪري اديب کي پهريائين پنهنجي اصلاح ڪرڻي پوندي. صوفي، مبلغ، عالم ۽ اديب، محض انهيءَ خصلت سبب عوام ۾ مقبول ٿيا، جو هو جيڪي چوندا هئا، سو خود به ڪندا هئا. سندن تصنيفات خوفزده انسانن کي ڏڍ ۽ دلاسو ڏينديون هيون.

ماندي ٿيءُ نه مارئي، تنهنجو الله به آهي،
سون ورهين جا ڏکڙا هڪ لحظي ۾ لاهي،
اهوئي آهي جو ماڳ رسائيندو مارئي.

تاهم اهو ڪاهلي ۽ بي عملي جو درس نه هو:

تتي ٿڌي ڪاه، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

اهو درس هو، ايڪويهين صدي عيسوي جي پڻ اها اولين ضرورت آهي ته ترقي ۽ خوشحالي يا امن ۽ حفاظت جون طالب قومون، پنهنجي نوجوان نسل کي جديد علوم و فنون ۽ آداب زندگيءَ سان آراسته ڪري، هن صدي ۾ حوصلي ۽ يقين سان داخل ٿين.

سنڌ جو نوجوان نسل بيحد گهٽ تعداد ۾ انگريزي ٻولي لکي پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو. ڪا جديد ۽ مستند انگريزي سنڌي لغت به ميسر نه آهي، جيڪا انگريزي ڪتابن ۾ ڪتب آندل سائنسي، فني ۽ عملي الفاظ ۽ محاورن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري. مجبوري ڪان نقل يا حفظ جو طريقو استعمال ڪيو ٿو وڃي، جيڪو تعليم جو طريقو نه آهي، اهڙي طرح پاس ڪيل امتحان قابليت جي سند نه آهي. موثر يا ڪارائتي تعليم لازمي طرح پائدار ۽ جٽادار هجڻ گهرجي ۽ علم ۽ تربيت جي ابتدا ماءُ جي هنج ڪان ٿئي ٿي. گهر ۽ ويڙهو پاڙو ٻيو اسڪول آهي، جتي عام مادري زبان ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي، پوءِ جيڪڏهن انهيءَ

معاشره ۾ پيدا ٿيل ٻار کي پهرين ڪلاس کان انگريزي ۾ تعليم ڏني وينديون ته اها يقينن پائدار نه ٿيندي. علم جي پائداري مادري زبان تي ٻڌل آهي. خوشحال سنڌي خاندان انهي ڪري سنڌي تعليم سنڌي ادب ۽ سنڌي تهذيب کان باغي ٿي ويا آهن. جو انهي جو ڪو به ڪارج نظر نه ٿو اچي. ڪمپيوٽر جو زمانو آهي ۽ انگريزي هن زماني جي زبان آهي تنهن ڪري اتندي ئي انگريزي زبان جديد طريقي مطابق ٻارن کي پڙهائجي. اهڙا پڙهيل ٻار وڏا ٿي پنهنجي ئي معاشري ۽ ملڪ ۾ ڌار ٿي وينداء ڇاڪاڻ ته سنڌين ۾ خوشحال خاندان تمام ٿورا آهن. باقي غريبن جا ٻار اهڙي قسم جي تعليم حاصل ڪري نه سگهندا. پوءِ ڇا ٿيندو؟ ان جو اندازو هرڪو لڳائي سگهي ٿو.

هن وقت سنڌي اديب اڳتي وڌي پنهنجو ڪردار ادا ڪري، سنڌي زبان کي انگريزي جو همسر بنائي ڇڏي. سنڌي ٻولي جو سينو، سنڌين جي دلين وانگر وسيع آهي. ڌاريا انهي ۾ آساني سان داخل ٿي سگهن ٿا. انگريزي ٻولي جي ترقي جو به اهوئي راز آهي، جو لاطيني، يوناني ۽ ٻين يورپي ٻولين کان علاوه مشرقي زبانن، عربي، فارسي، هندي وغيره جا نالا الفاظ ساڳي يا بدلايل صورت ۾ پنهنجي اندر سموئي ڇڏيا. سنڌي ۾ به ائين ٿيو آهي. انگريزي، عربي، فارسي وغيره ٻولين جا لفظ ڪثرت سان شامل ٿي ويا آهن. تنهنڪري سائنسي لغت ۽ انگريزي ٻولي جي لفظن کي ساڳي صورت يا متبادل اصطلاحن ۽ الفاظ جي ذريعي سنڌي ڊڪشنريون تيار ڪرڻ گهرجن. اهو هڪ وڏو جاکوڙي ڪم آهي. جيڪو هڪدم شروع ڪرڻ گهرجي. تاهم پنهنجي سماجي ثقافتي تاريخي ۽ روحاني رشتن ۾ روايتن کان انحرافي ڪرڻ يا هٽي وڃڻ ائين ٿيندو جيئن هڪ اردو شاعر ارشاد فرمايو آهي ته:

تازه هوا کي شوق ۾ اي اهليان شهر،
اتني نہ در بنائو ڪہ ديوار گر پڙي.

اعتدال ۽ اعتماد ساز: اديب جو قلم قومي ترقي، روشن خيال، ۽ ڪارآمد درس و تدريس طرف رهنمائي ڪري، ناممڪن لفظ بيوقوفن جي لغت مان ورتل آهي. جديد سنڌ جو سداحيات استاد. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جو قول ياد رکڻ گهرجي:

پاٿهي ملندمُ هوت، پر آءُ بہ ڪجهہ اڳيري ٿيان،
متان چوي بلوچ تہ ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه

# ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

ٻوليءَ جو علم، علم الانسان سان واسطو رکي ٿو. ٻوليءَ جو مطالعو، ڪنهن قوم، سماج تهذيب ۽ تمدن جو مطالعو آهي، ڇو ته ٻولي انساني عمل جي پيداوار آهي. ٻوليءَ جو بنياد ڪنهن سماج ۽ سماجي قدرن ۽ روايتن تي رکيل هوندو آهي. مثال طور: ٻولي قومن جي زندگي، ثقافت، رهڻي ڪهڻي جو آئينو آهي.

جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي ڏسنداسون ته معلوم ٿيندو ته سنڌي ٻولي به هڪ سماجي قوت، علم ۽ عقل جو اٿاهه مهاساگر، لغت، معني، علم ادب، خيال ۽ اظهار جوهڪ گنج آهي. هيءَ ٻولي سنڌ جي ڌرتيءَ سان گڏ وجود ۾ آئي آهي ۽ هن جون پاڙون به سنڌو تهذيب ۽ ان جي ڌرتيءَ ۾ کتل آهن. اهوئي سبب آهي، جو هيءَ ٻولي هر زماني ۾ عوامي ٻولي رهي آهي ۽ روز مره جي ماحول ۾ سدائين مروج، سدائين استعمال واري ۽ سندس حيثيت ۽ مقام هر زماني ۾ مجيل ۽ موثر رهيو آهي.

سنڌيءَ ٻوليءَ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي حفاظت جو ڪم ڪيو آهي ۽ هن ٻوليءَ اسان جي قومي، وطني ۽ سماجي حيثيت کي هميشه برقرار، بلند ۽ بالا رکيو آهي. هيءَ ٻولي سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ، ذهني ۽ فڪري ترقيءَ جو ذريعو پڻ رهي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جون، پنهنجن بزرگن جون، عالمن ۽ اديبن، نيڪ مردن،

صوفي بزرگن، سياڻن، سرويچن ۽ بهادرن جون ۽ قومي ليڊرن ۽ سخي ڏاتارن وغيره جي سوچن ۽ ساڃاهه، سخاوت، قرباني، آس، اميد، امنگون ۽ جذبا، ڪاوش، نصيحتون ۽ هدايتن جو ذڪر ڪيل آهي.

سنڌي ٻولي هر دور ۾ ارتقا پذير رهي آهي، ان جو خاص سبب هيءُ آهي تہ سنڌ جي اديبن، شاعرن، عالمن ۽ فاضلن پنهنجي ماحول ۽ معاشري جي تبديلين جو اثر قبول ڪيو اهڙي طرح اهو اثر ٻوليءَ تي ٿيندو رهيو آهي. اديب ۽ شاعر، شعوري طور يا لاشعوري طور ان جو رڪارڊ پنهنجين لکڻين ۾ رکندا پئي آيا آهن. انهيءَ ڪري هيءُ زبان وسيع، شاهوڪار ۽ لغوي خزاني سان ڀرپور آهي. هن جي اديبن ۽ شاعرن، ليکڪن ۽ مترجمن جا نوان خيال، نوان جذبا ۽ امنگ، نوان لاڙا ۽ فڪري رجحان قلمبند ڪيا آهن. انهيءَ کان علاوه علم ادب، نشر و اشاعت، اخبار ،ريڊيو، ٽي وي ۽ ٻين ذريعن لاءِ بہ سنڌي ٻولي بهترين طور ڪم اچي رهي آهي.

سنڌي ٻولي جي ارتقائي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ون يونٽ جي قيام (1955ع) واري زماني کان وٺي سنڌي ادب ۾ انقلابي تبديليون آيون آهن. هن دور ۾ سنڌي علم ادب جي هر موضوع تي طبع آزمائي شروع ٿي وئي، هن دور ۾ پيدا ٿيل سنڌي ادب ۾ موضوعن ۽ مضمونن ۾ وڏي ڦير ڦار آئي.

ورهاڱي کان پوءِ هندو ليکڪن، ناشرن، نثر نويسن، عالمن ۽ فاضلن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ سنڌي اديبن لاءِ بہ ڪيترائي اهم مسئلا پيدا ٿيا: انهن ۾ سڀ کان اول ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جو مسئلو، ڪراچي ۾ سنڌي اسڪولن کي قائم رکڻ جو مسئلو، سنڌي قوميت جو مسئلو، پروفيشنل ڪاليجن ۾ سنڌين جي داخلا جو مسئلو.

اهڙيءَ طرح ون يونٽ کان پوءِ جنرل ايوب خان جي مارشل لا جي نفاذ کان پوءِ ۽ سنڌ جي عام ماڻهن جي مسئلن ۾ ڪافي واڌارو آيو.

ڪراچيءَ ۾ سنڌي اسڪولن کي هڪ ٽي ڏڪ سان بند ڪيو ويو. جن ٻارن جي مادري زبان سنڌي هئي تن کي سنڌي مادري زبان ذريعي تعليم وٺڻ کان روڪيو ويو ۽ سنڌيءَ جي جاءِ تي اردو ٻولي رائج ڪئي وئي.

سرڪاري آفيسن مان سنڌي ٻولي کي دفتري ٻولي واري درجي تان هٽايو ويو. حيدرآباد جي سيڪنڊري بورڊ مان سنڌيءَ ۾ امتحان جا جواب لکڻ خلاف ٻـ ديوارن تي پوسٽر هنيا ويا. اهي ۽ اهڙا ٻيا ٻـ ڪيترائي مسئلا هئا. جن جي خلاف سنڌي اديبن سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تي گڏ تي، مختلف اخبارن مثلاً: مهراڻ، آفتاب، عبرت، هلال پاڪستان ۾ ايڊيٽوريل لکرايا. هنن سنڌي زبان کي بچائڻ لاءِ ڪيتريون ئي ادبي ۽ تعليمي ڪانفرنسون ڪوٺايون، جن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي سکو، سنڌي پڙهو ۽ سنڌي ڳالهايو ۽ سنڌي ادب تخليق ڪريو جهڙا نعراءَ بحال ڪيا ويا.

انهيءَ زماني ۾ سنڌي اديبن جي تحريڪ سنڌ جي افسانہ نگارن، ناول نويسن ۽ شاعرن ۾ نوان جذبا جاڳايا. انهن جي لکڻين سان قوم ۾ نئون روح ۽ نئون جذبو پيدا ٿيو. اهي اديب ۽ شاعر ۽ عالم نہ فقط پنهنجي ٻولي ۽ ادب جا ترجمان رهيا، پر اهي پنهنجي پنهنجي دور جا ٻـ ترجمان رهيا. انهن نہ فقط سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي حفاظت ڪئي، پر هنن سنڌ جي معاشي، معاشرتي، سماجي زندگي، ذهني ۽ فڪري ترقيءَ ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو. مطلب تہ انهيءَ دور کان وٺي موجوده دور تائين، سنڌي ٻوليءَ ۾ تخليق ڪيل ادب ۾، سنڌ جي سماجي ثقافتي زندگيءَ جي عڪاسي نظر اچي ٿي ۽ ايئن چوڻ ۾ ڪو ٻـ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ

سنڌي ٻولي پنهنجي ابتدا واري زماني کان وٺي موجوده دور تائين سلامت رهي آهي ۽ آئينده پڻ سلامت رهندي. ان جو سبب هي بہ آهي تہ هن ٻوليءَ جو سرچشمو سدائين عوام رهيو آهي هن ٻوليءَ جي عوامي ۽ سماجي حيثيت هميشہ ۽ هر دور ۾ نمايان رهي آهي.

مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي هر دور جي اديبن ۽ شاعرن، سنڌي قوم ۾ هميشہ نئون روح ۽ نئون جذبو پيدا ڪيو آهي. جديد دور جي سنڌي ادب جي مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جو جديد ادب هاڻي آمريڪا، آفريڪا، يورپ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي ٻوليءَ جي ادب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي. بيهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري چڪو آهي. موجوده دور جي سنڌي ادب ۾ هر موضوع ۽ مضمون تي لکجي رهيو آهي. سنڌ جو اديب ۽ شاعر هر موضوع تي لکي رهيو آهي. هو پنهنجي گهري سوچ، تيز فهم، وڏيءَ سمجهہ ۽ گهري مشاهدي واريءَ نظر سان نہ فقط، سنڌ جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ جو مطالعو ڪري، ان جي هر موضوع تي لکيو آهي، پر هو هاڻي بين الاقوامي مسئلن تي بہ عالمي نظر سان لکي ٿو.

سنڌ جو اديب سماج سڌار اديب آهي. هن سماج سڌار بزرگن ۽ مصلحن وانگر سنڌ جي مسئلن کي سڌارڻ ۽ سلجهائڻ خاطر، ماڻهن ۾ هر قسم جي جاڳرتا آڻڻ خاطر انهن ۾ ذهني سجاڳي، اخلاقي همت ۽ جرئت اجاگر ڪرڻ خاطر، استادن رهبرن ۽ رهنمائن جهڙو ڪم ڪيو آهي.

هن دور جي اديب سنڌي نثر توڙي شاعريءَ ۾ ڪيترائي فني تجربا بہ ڪيا آهن، هنن ادب جي هر صنف ۾ هر لحاظ کان انقلاب آندو آهي. ان ۾ هر لحاظ کان جدت ۽ نواڻ پڻ آندي آهي، سنڌي اديبن سنڌ

جي بدليل حالتن جي لحاظ کان سنڌي ماڻهن ۾ قومي سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ادب کي پنهنجو وسيلو بنايو آهي. هنن ادبي صنفن ذريعي، عام ماڻهن ۾ جذبن، قومي احساس ۽ امنگ بيدار ڪرڻ لاءِ سنڌي قوم جي مختلف تهذيبي، تمدني، روحاني، سماجي ۽ نفسياتي مسئلن کي پيش ڪيو آهي.

اهڙيءَ ريت هن دور جي ترقي پسند اديبن سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ڌارائون شامل ڪري ان کي بين الاقوامي ادب سان برابر ڪيو آهي. هن دور جي اديبن وقت جي للڪار کي قبول ڪيو آهي. جنهن جو رد عمل سنڌي نثر توڙي نظم ۾ ملي ٿو. پوءِ چاهي اهو ناول هجي يا افسانو، ڊرامو هجي يا مضمون، نظم هجي يا گيت. مطلب تہ موجوده دور جو ادب، سنڌ جي مسئلن جو هڪ طويل داستان آهي، اهو هارين نارين، مزدورن، زميندارن، جاگيردارن، وڏيرن، ڪامورن ۽ پيرن ۽ فقيرن جي ماحول سان واسطو رکندڙ موضوعن سان ڀريل آهي موجوده دور جي اديبن پير پرستيءَ، قبر پرستيءَ، تعويذن، ڌاڳن، ڦيڻن، نياڻين کي حق بخشائڻ، بدو ڪرڻ، پيٽ لکي ڏيڻ، ڦلن مٿ تي نياڻي وڪڻڻ جهڙين پراڻين ۽ بد رسمن کي ننديو آهي. هنن عورتن کي تعليم نہ ڏيارڻ، ڪارو ڪاريءَ جي رواج، مذهبي تعصب، مختلف برادرين جو هڪ ٻئي جي خون جو پياسي هجڻ ۽ سڀ کان اهم سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ ۽ تحفظ ڏيڻ لاءِ بہ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي.

جديد دور جي اديبن ۽ شاعرن بين الاقوامي فلسفي ۽ فڪر وارن نظرين جهڙوڪ: وجوديت، حقيقت پسندي، رومانيت، ترقي پسندي، قوميت واري نظرئي، اشراڪيت ۽ سوشلزم تي ڪافي ڪجهہ لکيو آهي. اهڙن اديبن ۽ شاعرن ۾ شيخ اياز، حيدر بخش جتوئي، نارائڻ شيام، استاد بخاري، امداد حسيني ۽ تنوير عباسيءَ کان وٺي

آغا سليم، سراج الحق، امر جليل، خيرالنساءِ جعفري تائين اديبن ۽ شاعرن جي ڪلام ۾ لکڻين مان مثال ڏيئي سگھجن ٿا.

جديد سنڌي ادب ۾ رومانوي ڌارا جي اثر ڪان ڪيتريون ئي ڪھاڻيون ۽ ناول لکيا ويا. آغا سليم، امر جليل، طارق عالم ابڙي، غلام نبي مغل ۽ قاضي خادم وغيره افسانا ۽ ناول لکيا آهن.

هن دور ۾ جنسياتي ادب بہ لکيو ويو آهي. غلام نبي مغل، قبول ابڙي ۽ ٻين اديبن جون ڪيتريون ئي جنسياتي ڪھاڻيون ملن ٿيون ۽ قاضي فيض محمد، لعل پشپ ۽ ٻين جا ناول بہ هن موضوع تي لکيل ملن ٿا. هن دور جو ٻيو نئون رجحان رومانيت (Romanticism) ۽ انسان پرستي (Humanism) يا انسان شناسيءَ جو فني لاڙو آهي. سنڌي ادب ۾ جمال ابڙي، غلام رباني، شيخ اياز، جمال رند، سراج الحق، آغا سليم، امر جليل ۽ ثميره زرين جا نالا هن ڏس ۾ ڪٿي سگھجن ٿا.

افسانوي ادب ۾ شعور جي رو (Stream of Conciousness) جو جديد رجحان آغا سليم آندو. هن افسانہ نگاريءَ جي روايت ڪان هٽي، شعور جي رو کي پنھنجي لکڻيءَ جو انداز بنايو. اهو انداز سندس ذاتي تجربي جو جز بڻجي ڪھاڻين ۾ اڀريو ۽ ان مان هڪ انتھائي خوبصورت آهنگ پيدا ٿيو.

هن دور ۾ سنڌي نفسياتي موضوعن تي لکيل ادب پڻ ملي ٿو. جنھن ۾ محترم جمال ابڙي، حفيظ شيخ، سراج الحق ۽ بشير موريائي ۽ ٻين جا تجربا موجود آهن. هن دور جي ماڻھن ۾ سياسي شعور اوج تي پھتل آهي. ان ڪري سماجي، اخلاقي ۽ اصلاحي موضوعن ڪان سواءِ قوم ۾ جديد زماني جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ سائنسي موضوعن تي پڻ ڪيتروئي ادب لکيو ويو آهي.

جديد ادب ۾ تاريخي ادب بہ گهڻو لکيو ويو آهي. سنڌ ۾ سورهين صديءَ ترخانن جي دور جا تاريخي واقعا، اڳتي هلي مغليہ دور ۾ صوفي شاهہ عنايت شهيد طرفان، مغل نوابن خلاف جدوجهد ڪرڻ، انگريزن طرفان سنڌين سان ڪيل ظلم، جن ۾ سنڌين پنهنجي جان جي بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ حاڪمن سان مقابلو ڪيو. سنڌ جي آزاديءَ لاءِ انگريزن سان حرن طرفان ڪيل مقابلا جهڙن موضوعن تي ڏيپلائي صاحب، سراج الحق ميمڻ، قبول ابڙي، آغا سليم ۽ علي بابا گهڻو ڪجهہ لکيو آهي.

سنڌيءَ جا مفڪر چاڻن ٿا تہ طبقاتي استحصال جو وڌي، قومي استحصال ۾ نو بينڪن ۾ تبديل ٿيڻ ۽ ان نسبت سان مظلوم قوم جو ظالم ۽ استحصالي قوم خلاف ڇوٽڪاري جي جنگ جوٽڻ ۽ ان قومي جدوجهد کي عوامي هٿيار بند جدوجهد جي منطقي منزل تي پهچائڻ ۽ نجات ماڻڻ، اسلامي نظرين ۽ اخلاقي قدرن تي بہ هن دور ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي.

اهڙي طرح هن دور جي اديبن ۽ شاعرن طبقاتي، سماجي، اقتصادي، ڦرلٽ، فرقيواريت، مذهبي پابندي معاشرتي ناانصافيءَ سان پريل ظالمانہ رواج، طور طريقا، تهذيبي ۽ تمدني مونجهارا، قومي وجود، جمهوري حق ۽ سماجي اڻ برابري وغيره جهڙن موضوعن تي پڻ لکيو آهي.

مطلب تہ هن دور جو اديب ۽ شاعر پنهنجي قلم جي وسيلي سنڌ جي غير جمهوري تانا شاهي، ڏاڍ، ڏمر، جبر، ظلم ۽ ستم کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو آهي. اهڙن موضوعن کان علاوہ هن دور ۾ ماڻهن ۾ سياسي شعور اوج تي پهتل آهي تہ وري سنڌي اديبن تاريخي پس منظر، ٻهراڙين جو ماحول ۽ مقامي رنگ، ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جو

تا تہ عالمي ادبي نظرين جو سنڌي ادب تي ڪهڙو ۽ ڪيترو اثر ٿيو آهي.

4. انگريزن جي دور کان وٺي موجوده دور تائين دنيا جي مختلف ٻولين جي شهپارن (ناول، ڊرامہ، افسانا ۽ شاعريءَ) کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. پر هن وقت تائين انهيءَ سلسلي ۾ ڪا بہ جامع تحقيقي يا ڪو بہ جامع ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيو نہ ويو آهي. انهيءَ قسم جي تاريخ جو ذڪر ڪٿي بہ مڪمل طرح پيش نہ ڪيو ويو آهي. مناسب ٿيندو تہ سنڌيءَ ۾ ٿيل ترجمي جي تاريخ بہ لکي وڃي.

5. سنڌي ادب ۾ سنڌي عورتن بہ وڏو ڪم ڪيو آهي، پر ان سلسلي ۾ ڪا بہ تحقيق سامهون ڪانہ آئي آهي. انهيءَ موضوع تي بہ تحقيق ڪرائي وڃي.

6. شاهہ لطيف جي ڪلام جي حوالي سان سنڌ جي تاريخ، ڪڇ جي تاريخ، گجرات، راجستان ۽ ڪاٺياواڙ جي تاريخ ۽ انهن سان ناتا جهڙي موضوع تي تحقيق ٿيڻ گهرجي. سنڌي شعبي جي هڪ شاگرد منهنجي رهنمائي ۾ ايم اي لاءِ مونوگراف لکيو آهي. پر اهو بہ مختصر ۽ نامڪمل آهي. انهيءَ ڪري هن موضوع تي مڪمل ۽ تفصيلي تحقيق جي ضرورت آهي.

7. شاه لطيف، سچل سرمست، مخدوم طالب المولي، شيخ اياز، تنوير عباسي ۽ استاد بخاري ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ سنڌي ماڻهن جي نفسيات جي مختلف پهلوئن جو ذڪر ٿيل آهي. انهن شاعرن جي ڪلام تي انسان شناسيءَ جي حوالي سان تحقيق جي ضرورت آهي. اهڙي تحقيق صرف سنڌي اديب ئي ڪري سگهن ٿا.

8. سنڌ ۾ ويدانت، ويدانتي شاعرن ۽ ڀڳتي مت جي شاعرن جي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ جي ضرورت آهي.
9. سنڌي ٻوليءَ ۾ تحقيق جي اصولن تي صرف ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ جو ڪتاب تحقيق جو فن لکيل آهي. جيڪو ٻه هاڻ مارڪيٽ ۾ نٿو ملي. ان ڪتاب جي ٻيهر ڇپائي ڪرڻ کان علاوه اجا ٻه وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.
10. لوڪ ادب جي حوالي سان سنڌيءَ ٻوليءَ جو عالم ۽ اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. پر ادب جي سلسلي ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي سماج، سنڌي ريتون ۽ رسمون، سنڌي ثقافت ۽ لوڪ شاعرن جي شاعرانہ خوبين مثلاً: صنايع بدايع، ٻوليءَ ۾ نفاست، باريڪي، نرملتا، رس ڀاو وغيره جو مطالعو ڪرڻ جي ضرورت آهي.
11. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين سنڌي ڊرامن تي تحقيقي ڪم نہ ٿيو آهي. اهڙيءَ تحقيق جي ضرورت آهي.
12. سنڌي ادب جنهن ۾ ناول، ڊراما، افسانا ۽ شاعري اچي وڃي ٿي. سنڌيءَ سماج جي عڪاسي جهڙي موضوع تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اها تحقيق صرف سنڌي اديب ئي ڪري سگهن ٿا.
13. ڪمپيوٽر جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل، انٽرنيٽ جي حوالي سان Sindhi Informatics جي موضوع تي تحقيقي ڪم جي ضرورت آهي، جيئن مقتدره اردو زبان، اردو ٻوليءَ تي ڪم ڪري رهي آهي.
14. سنڌي ڪمپيوٽر جي مدد سان سنڌي ادب، سنڌي اديبن ۽ شاعرن جو ڊيٽابيس ويئر هائوس ٺاهڻ جي ضرورت آهي، تہ جيئن ڪنهن

اديب، شاعر يا ڪنهن ادبي مواد جي باري ۾ آساني سان معلوم حاصل ڪري سگهجي.

مناسب ٿيندو ته سنڌي شعبو هن ڏس ۾ ريسرچ سيل ٺاهي ته جيئن سنڌي شعبي ۾ پڙهائڻ سان گڏ تحقيق لاءِ به ڪجهه ڪري سگهجي.

ڊاڪٽر قمر جهان مرزا

# ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

سمورا محقق سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ان راءِ سان متفق آهن تہ ادب زندگيءَ جو تفسير آهي، ڇاڪاڻ تہ انساني زندگيءَ جو هر هڪ عمل ڪنهن نہ ڪنهن طرح ادب جي دائري سان تعلق ضرور رکي ٿو.

نيومن چوي ٿو تہ: انساني افڪار، خيالات ۽ احساسات جو زبان ۽ لفظن جي ذريعي اظهار ادب آهي. حقيقت ۾ ادب فن لطيف آهي، جنهن جو موضوع زندگي آهي ۽ اديب انهي زيرڪ دانشمند انسان کي چئجي ٿو. جنهن جي سوچ عام ماڻهوءَ کان اتاهين آهي. جيڪو زندگيءَ جي هر پهلوءَ جو بغور مشاهدو ڪري، گڻ اوگڻ، خوشي، غم، محبت، نفرت، ڏاڍ، ڏاهپ مطلب تہ هر احساس آئيني وانگر سماج کي ڏيکاري ٿو. هو نثر ۽ نظم ذريعي زندگي جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪري ٿو.

اديب سماج جي افرادن مان سگهاري دماغ جو فرد آهي، جيڪو معاشري جي ڀلائيءَ لاءِ سوچي ٿو. نثر ۽ نظم ذريعي اظهار ڪري ٿو. ٿيندڙ ۽ ايندڙ تبديلين جي باري ۾ ٻڌائي ٿو. لفظن جي طاقت سان ماڻهوءَ کي بيدار ڪري ٿو. هو شعر و سخن ذريعي ماڻهوءَ جي ستل احساسن کي جاڳائي ٿو.

قابل اديب قومي عمارت اڏڻ لاءِ هڪ استاد، معمار يا قابل انجنيئر جو ڪم ڏي ٿو. هو قوم ۾ خلوص، سچائي ۽ قوت عمل جو روح ڦوڪي ٿو. انساني جذبن تي وسعت قلب، سهڻي ۽ سنجيدي دماغ ۽ بيان جي وڻندڙ ۽ موهيندڙ طرز سان بحث ڪري انهن کي اپاري ٿو.

هڪ بهترين اديب ادب جي ذريعي عوام جي ذهني تربيت ڪري ٿو. هو ماضي جو جائزو وٺي ٿو. حال جو مشاهدو ڪري ٿو ۽ مستقبل لاءِ نتيجا ڪڍي ٿو. سنڌي اديب هر دور ۾ پنهنجي ماحول مطابق ڪردار ادا ڪيو آهي. هر گذرندڙ دور لاءِ ايندڙ دور جديد آهي.

سنڌي اديبن پڻ هر دور جي جدت کي محسوس ڪيو ۽ نثر توڙي نظم ۾ خيال، هئيت موضوع ۽ ماحول ۾ جدت آندائون اها ارتقا آهي.

اڳاٽي دور ۾ اديب وندر وارو ادب مهيا ڪندا هئا، جنهن ۾ دلچسپ قصا، ڪهاڻيون هونديون هيون. علم و ادب جي تاريخ گواهه آهي تہ هر عهد جو ادب پنهنجي زمان ۽ مڪان ۾ ٿيندڙ هر فڪري سماجي، سياسي ۽ مذهبي تبديلي جو مظهر هوندو آهي. ادب ڪنهن سماج ۾ ٿيندڙ سياسي، سماجي فڪري لاڙن، ڪمزور پهلوئن کي مضبوط، يا تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

وقت بدلجڻ سان فڪر بدلبو. فڪري ادب پيدا ڪرڻ سان فڪري راهون هموار ٿينديون، اجايون من گهڙت ۽ بي مقصد ڳالهيون ختم ٿينديون ۽ فڪر اڳتي وڌندو.

سنڌ جي ماضيءَ تي نظر وجهو، ٻيا شاعر ڇڏيو فقط لطيف سائين کي ڏسو، سندس ڪلام ۾ ڪيترو فڪر آهي. هر طرف هر نئين راهہ ڏيکاري ٿو. سمورو ڪلام سچي ڪائنات تي ڇانيل آهي ۽ هر دور لاءِ رهنمائي آهي.

ڊاڪٽر محمد ابراهيم شيخ لکي ٿو تہ سترهين صدي عيسويءَ ۾ فقط شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ عليہ، هڪ اهڙو جامع الفضائل و ڪمالات، متبرڪ انسان پيدا ٿيو، جنهن جي فضيلتن جو شمار جهڙي تهڙي معمولي انشا پرداز کان هرگز نہ ٿي سگهندو. شاهہ صاحب جو رسالو سنڌي ادب جو بيمثال ۽ لاجواب شاهڪار آهي. جنهن تي، سنڌ ۾ قابل اديبن قلم فرسائي ڪري ڪجهہ قدر معنوي موتين کي نروار ڪيو آهي.

لطيف سائين انسانيت جو علمبردار آهي، سندس پيغام بين الاقوامي آهي، پر خصوصاً سنڌ جي سياسي سماجي مذهبي حالتن جو مشاهدو ڪري، پنهنجي ڪلام ۾ انهن مسئلن کي کنيو آهي. هو بهترين ناصح پڻ آهي. هو سجاڳ ٿيڻ لاءِ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ همٿائي ٿو.

مثال طور هن بيت ۾ فرمائي ٿو تہ:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

هي بيت هر دور لاءِ آهي. مطلب تہ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گرميءَ يا سرديءَ کي ناهي ڏسڻو، گرم سرد هوائن کي منهن ڏئي يعني رستي جي رڪاوٽن سان مقابلو ڪري ۽ جاکوڙ ڪري ماڳ تي پهچڻو آهي.

لطيف جي ڪلام پڙهڻ سان ايمان کي تقويت ملي ٿي. ازل کان ابد جو شاعر آهي. هو ابدي زندگيءَ جو يقين ڏياري ٿو، هو دنيا سان گڏ هلڻ سيکاري ٿو تہ آخرت جي ياد بہ ڏياري ٿو. وٽس ڪٿي بہ مايوسي ناهي، غفلت، سستي ۽ ڪاهليءَ کي نندي ٿو، غافلن ۽ ڪانئرن کي پسند نٿو ڪري.

لطيف سائين جي پوري نفسيات تي دسترس آهي سندس هر هڪ بيت ۾ مڙد توڙي عورت عام توڙي خاص ڪي پنهنجي دل جي ڌڙڪڻ ٻڌڻ ۾ ايندي يعني سندس ڪلام هر ڪنهن جي حسب حال آهي. ساڳئيءَ وقت لطيف جي سوچ پڻ سائنسي آهي، هو جبلن، ڏونگرن، دريائن، سمنڊن ۽ وادين جي متعلق ڪوجنا جو اشارو ڪريتو جيئن هن بيت ۾ فرمائي تو.

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪاٺو ڏئي،
تن سپوتن سوجهي ڪڍئيون، پاتاران پهي،
پسندا، سي ٿي، امل اکڙين سين.

سر سريراڳ

جيئن تہ سائنس جون ايجادون ارڙهين صدي کان شروع ٿيون آهن، جڏهن تہ لطيف سائين منهن تي ڪاٺو ٻڌي سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ جي ڳالهہ اڍائي سؤ سال اڳ ڪري تو. ان مان ظاهر آهي تہ شاعر يا اديب ايندڙ دور لاءِ پڻ پيشن گوئي ڪري تو.

ارڙهين صدي ۾ درازن جي شهر ۾ سچل سرمست جو نالو وڃيو، هن پنهنجي ڪلام کي نئون رنگ ڏنو. نيون صنفون ايجاد ڪيون مختلف ٻولين کي عروج ڏنو. انهيءَ زماني ۾ ٻروچل فقيرءَ ۽ سامي صاحب پڻ، نئين رنگ ۾ نروار ٿيا.

حقيقت ۾ 1853ع ۾ جڏهن سنڌي صورتخطي تيار ٿي، تڏهن کان ادب چٽيجي نروار ٿيو. جديد ادب جي ابتدا پڻ ٿي. انگريزن جي دور حڪومت ۾ ڇاپي جي ايجاد گهڻن اديبن کي ميدان ۾ آندو. هندو ۽ مسلمان اديب ادب جون نيون راهون هموار ڪرڻ لڳا. فن ۽ فڪر وڌيو. ڪيترائي جديد طرز جا ڪتاب تصنيف ٿيا. ناول، ڊراما، افسانا لکجڻ لڳا.

سنڌي شاعريءَ ۾ تبديلي آئي ۽ ايراني طرز واري شاعري وجود ۾ آئي، گوناگون شاعر ميدان ۾ آيا. جن ايراني طرز ۾ شاعري ڪئي.

اخبار ۾ نثر لکڻ ۾ نئون رنگ پيدا ڪيو. جنهن ۾ مرحوم بلبل جهڙي قابل ظريف ظرافت کي بہ داخل ڪري، سنڌي نثر ۽ نظم کي دلڪش بنائي، ان ۾ تفريح جو سامان پيدا ڪيو. مرحوم بلبل، جي انهي ظريفانہ ايجاد کي هلائڻ وارا وڏيڪ ڪونہ پيدا ٿيا. جنهن ڪري اهو دل پسند طريقو ڪانئس پوءِ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو.

20 صديءَ گوناگون اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا. هن صديءَ ۾ فن شاعري ۽ نثر نويسي ۾ دلڪشي ۽ گل آويزي پيدا ٿي. سنڌي زبان ۾ تصنيف تاليف ۽ ترجمي جو سلسلو جاري ٿي ويو.

هن دور ۾ وڏي ۾ وڏو نالو شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ جو آهي. جنهن گهڻي ڪان گهڻا ڪتاب انگريزيءَ مان ۽ ٻين زبانن مان ترجما ڪيا. ۽ ڪيترائي طبع زاد لکيائين ان ڪان علاوه جديد ادبي صنفون ناول ۽ ڊراما لکيائين.

اڄ جي دور جو ماڻهو سوال ٿو ڪري تہ سنڌي زبان کي سليس ڪري لکيو وڃي. حالانڪہ قليچ اڄ ڪان هڪ صدي اڳ ۾ ان ڳالهہ کي محسوس ڪيو ۽ آسان نثر لکيائين. اڄ جي دور جي ماڻهوءَ جي گهر آهي تہ انگريزي ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو وڃي. قليچ پڻ هڪ صدي اڳ ترجمي جو ڪم ڪيو، ان مان ظاهر آهي تہ اديب هڪ صدي اڳتي سوچي ٿو.

قليچ ڪان اڳ جي نثر نويسن ۽ قليچ جي همعصر نثر نويسن، شاعرن ۽ اديبن ۽ ڪانئس پوءِ جي اديبن ۽ شاعرن جون ايتريون تہ ادبي خدمتون آهن جن لاءِ الڳ الڳ لکيو وڃي تہ بہ سندن خدمتن جو حق ادا نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ تہ هنن صاحبن ادب جي هر هڪ صنف تي

طبع آزمائي ڪئي، شاعرن پڻ گوناگون موضوعن کي پنهنجي شاعري ۾ آندو ۽ عوام کي نت نون صنفن کان آگاهه ڪيو.

20 صدي مختلف تحريڪن ۽ مسئلن کي ڪٺي آئي، ٻه مهاڀاري لڙايون ٿيون، سرد جنگ تنهن کان سواءِ لڙي پئي وئي. اها ادب ۽ صحافت ۾ موجود هئي گڏيل هندستان جا ڪي علائقا بين کان انقلابي خيال ۾ اڳرا هئا. بنگال مان ٽئگور جا خيال ملڪ کان ٻاهر نڪري دنيا کي متاثر ڪري رهيا هئا. ڪيترا ڌرمي، سماجي، اقتصادي معاملا ٽئگور ۽ ٻين بنگالي اديبن کان سنڌ کي مليا. اهي خيالات هندن اختيار ڪيا. بنگالي ناولن جا ترجما ٿيا. هندن نه رڳو بنگالي ناولن جا ترجما ڪيا پر انيڪ بنگالي ناول سنڌ ۾ آيا. انهن ترجمن مان ڪي ٿورا ناول هئا، جن سنڌي ادب تي ڪو تاثر ڇڏيو. فقط اهي ناول سنڌ وارن چاهه سان پڙهيا، جن جو واسطو ڪن اهڙين ڳالهين سان هو جيڪي سنڌ سان لاڳو هيون.

آزاديءَ کان پوءِ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو نالو ادب جي دنيا ۾ متاهون آهي، جنهن سماجي براين، سنڌ جي مسئلن ۽ انقلابي موضوعن تي لکيو. ان کان پوءِ هڪ ڊگهو سلسلو ناول ڊرامن، افسانه لکڻ وارن نامور اديبن، جو آهي. جن مان ڪيترن ئي سنڌ جي حساس مسئلن تي لکيو. انهن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا.

شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق راز، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، آغا سليم، محمد اسماعيل عرساڻي، سراج الحق، اياز قادري، جمال ابڙو، غلام رباني، حميد سنڌي، رسول بخش پليجو، الطاف شيخ، علي احمد بروهي، ثميرا زرين، مهتاب محبوب، رشيده حجاب، ڊاڪٽر قاضي خادم، ممتاز مرزا، نجم عباسي، شوڪت حسين شورو، خيرالنساءِ جعفري، امر جليل، طارق اشرف، نورالهديٰ شاهه،

عبدالقادر جوڻيجو وغيره وغيره.

شاعرن مان جن شاعريءَ کي نئون اسلوب ڏنو. انهن ۾ شيخ اياز، ڪشنچند بيوس، شيخ عبدالرزاق راز، شمشير الحيدري، طالب المولىٰ، امداد حسيني، سحر امداد. هنن جديد صنفون ۽ نوان موضوع شاعريءَ ۾ آندا ۽ هئيت فن فڪر ۾ تبديلي آندي.

سنڌي ادبي جيڪو هر دور جي رنگ ڍنگ کي پنهنجي لکڻين ذريعي اجاگر ڪندو رهيو آهي. ايڪويهين صديءَ جي تکين تڪڙين، سياسي، سماجي، سائنسي، مذهبي، فڪري ۽ آفاقي تبديلين جي باري ۾ مڪمل طور تي پڙهندڙن تي آشڪار نہ ڪري سگهيو آهي.

تاهم اديب هميشہ ٻرندڙ مسئلن تي قلم کنيو آهي، محترمہ نورالهدىٰ شاهہ، جناب عبدالقادر جوڻيجو، اهڙن شعلا خيز مسئلن تي ڪهاڻيون پيش ڪيون. جو ڏسندڙ حيرت ۾ پئجي ويا.

مثلن:

1. ڪارو ڪاري.
2. وڏيرا شاهي
3. بدي جي شادي
4. قرآن سان شادي
5. ننڍي ٻار سان وڏي ڇوڪريءَ جي شادي
6. حويلين ۾ رهندڙ عورتن جي حالت

انهن ظلمن کي آشڪار ڪرڻ ۾ وڏو رول ميڊيا جو آهي.

1. وڏيرن جي ظلم هيٺ ۽ وڏائي متعلق اهڙي تہ ڊرامائي شڪل ۾ منظر ڪشي ڪيائون جو عوام سجاڳ ٿيو ۽ انهن جي ڏاڍ کان بچائڻ لاءِ آواز اٿاريائون. اهڙي طرح هارين پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاريو.

2. ميڊيا تي ڊرامن ۾ حويلين ۾ رهڻ وارين عورتن جي سسڪندڙ زندگيءَ ۽ حالت ڏيکاريئون. قرآن پاڪ سان شادي جهڙي جهالت جي رسم کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪيائون. جو اڄ اها غير مهذب رسم ختم ٿي چڪي آهي.

3. بدي جي شادي جي نقصانن کي بہ ائين پيش ڪيائون جو ماڻهن خود بہ خود اهي جهالت جو عمل ڇڏي ڏنو.

4. ننڍي بار سان وڏي عورت جي شادي، اها سنڌ ۾ جهالت واري رسم هوندي هئي. اديبن ان بري رواج تي قلم کنيو. ميڊيا تي ڏنو، ماڻهن ڏٺو، سمجهيو سوچيو ۽ انهن رسمن کان پاسو ڪيو.

5. ڪارو ڪاري نهايت بدنما ۽ خطرناڪ رسم آهي ھن تي ڊراما لکي ٽي وي تي عوام کي ڏيکاريو ويو. عوام ۾ بيداري آئي سيني ان بد عمل کي برو چيو. ايتريقدر جو اسانجي حڪومت قانون ۾ ان کي قتل قرار ڏنو.

6. سنڌي اديبن عورتن جي تعليم لاءِ آواز اٿاريو. سنڌي معاشري ۾ عورت جي آزادي يا تعليم لاءِ آواز اٿارڻ ڏکيو ڪم هو. پر اديبن عورتن جي تعليم جي افاديت ٻڌائي انهن ماڻهن کي قائل ڪيو. اڄ کان هڪ صدي اڳ قليچ عورت جي تعليم لاءِ لکيو هينئر اسين صرف انگن ۽ اکرن جي حساب سان ايڪويهين صدي ۾ پهتا آهيون. مسئلا اسان وٽ اهي ئي ساڳيا هلندا اچن.

1. ڪاروڪاري جو مسئلو قانون ۾ قتل قرار ڏنو ويو پر ان جو ڪوبہ حل نہ نڪتو روز اخبار ۾ ڪاروڪاري جو واقعو اچي ٿو.

2. تعليم اڌوري اڻ پوري آهي.

3. سنڌ جو وڏو مسئلو وڌندڙ آبادي آهي. ٻاهران ماڻهو بي حساب سنڌ ۾ اچي رهيا آهن.

4. بيروزگاري ايتري وڌي وئي آهي، جو ماڻهو مانيءَ جا محتاج آهن.

5. زندگي جون بنيادي ضرورتون سنڌ جي عوام جون پوريون ناهن.

6. سنڌ جي معيشت تباهه ٿي چڪي آهي.

7. سنڌي اديب لاءِ وڏو چئلينج اهو آهي تہ ميڊيا ذريعي ٻاهريون ڪلچر سنڌ جي ڪلچر کي تباهہ ڪري رهيو آهي. نوجوان پنهنجي ٻولي تهذيب و تمدن ۽ ريتن کي وڃائي چڪا آهن. هو ماديت پرست ٿيندا وڃن. روحانيت ۽ دين کان هٽندا وڃن..

8. مسلمانن جي ڪردار کي ٻاهرين دنيا جي غلط پروپيگنڊا تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي. اديبن کي گهرجي تہ هو ٻڌائين تہ دين اسلام عالمي ڀائيچاري تي ٻڌل آهي ۽ انساني حقن جو محافظ آهي. اسلام انسان کي اينرا تہ حق ڏنا آهن. جو ڪو بہ ٻيو دين نٿو ڏي. اسين ڪمپيوٽر ايج ۾ آهيون، ايڪويهين صدي جيڪا globlization ۽ global worldجي دنيا آهي جنهن ۾ ڄاڻ وسيع ۽ فاصلا سڪڙجي ويا آهن. سنڌي اديب پنهنجي لکڻين کي انهن سيني علمن، ۽ اصطلاحن سان آراستہ ڪري پنهنجي پيغام کي نيٽ ذريعي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائين.

واڪا ڪرڻ مون وس

ٻڌڻ ڪم پروچ جو.

مددي ڪتاب:

1. شيخ محمد ابراهيم، ادب ۽ تنقيد، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد 1996ع.

2. شاهہ جو رسالو، سرُ سريراڳ مرتب ڪلياڻ آڏواڻي.

3. عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي تاريخ.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

# ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌي اديب جو ڪردار

هرهڪ دور جي ادب جو پيش رو اڳين دور جو ادب ئي هوندو آهي. ان لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ ان جون لساني ۽ فڪري حدون ۽ سرحدون اسڪيل سان ڪٽي ۽ ماپي مقرر ڪجن. جهڙيءَ طرح ملڪن جون حدون ۽ سرحدون هڪ ٻئي سان ملندڙ هونديون آهن، تهڙيءَ طرح ادبي دنيا جون فني ۽ فڪري سرحدون بہ ملندڙ تين ٿيون. هرهڪ قوم ۽ ملڪ جو ادب پنهنجي ڌرتي ۽ قوم وانگر مختلف ۽ منفرد تشخص رکي ٿو. سنڌي علم ۽ ادب کي بہ پنهنجو تشخص حاصل آهي، جنهن جي تاريخ ايتري ئي قديم آهي، جيتري ڌرتيءَ جي، پر افسوس آهي جو هن سر زمين تي آيل انقلابن هتان جي گهڻ رخي تاريخ سان گڏ علم ۽ ادب جي تاريخ کي بہ تهہ و بالا ڪري ڇڏيو آهي. لاڙمن جنهن ڌرتيءَ جي تهذيب کي دنيا جي ڏاهن تسليم ڪيو آهي، تنهن ڌرتيءَ جي ڏٽين جي ٻولي بہ اوتري شاهوڪار هوندي. علم ۽ ادب جو ذخيرو بہ وتن اوڏوئي گهڻو هوندو. اڄ انهن آڳاٽن اهڃاڻن حاصل ڪرڻ لاءِ جيئن پوءِ تيئن جتن وڌندا رهن ٿا.

موجوده دور ۾ اسين پنهنجي ادب کي ٽن ڌارائن ۾ ڏسي سگهون ٿا. لوڪ ادب، ڪلاسيڪل ادب ۽ جديد ادب، جديد ادب جون پاڙون ڪلاسيڪل ادب ۾ ڪتل آهن تہ ڪلاسيڪل ادب، جون پاڙون وري

اديبن کان تصنيف ڪرائڻ سان گڏ ترجمو ڪرائي شايع ڪرايا ويندا هئا. قصن، داستانن، آکاڻين توڙي حڪايتن تي ٻڌل ڪتابن جي اشاعت ماڻهن کي ڪتابن ڏانهن متوجهه ڪيو. جنهن ڪري سماج ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ جو رجحان وڌندو ويو. ٿوري عرصي کان پوءِ سرڪاري اشاعتي ادارن سان گڏ خانگي اشاعتي ادارن وجود ورتو ۽ ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ تيزي اچڻ سان گڏ موضوع بہ بدلجڻ لڳا. اديبن پنهنجو ذميواري محسوس ڪندي، علم ۽ ادب ۽ تعليم جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪوششون پئي ڪيون. نتيجي ۾ ٿوري عرصي اندر تاريخ، جاگرافي، وياڪرڻ، رياضي لغت، شعر و شاعري جي موضوع تي ڪتاب شايع ٿيا. ان ئي پس منظر ۾ جديد صنفن مضمون، نويسي، آکاڻي نويسي، ڊراما نگاري ۽ ناول نويسي جهڙيون صنفون رائج ٿيون. جن جي اشاعت ڪتابن سان گڏ اخبارن ۽ مخزنن ۾ بہ ٿيڻ لڳي. مذڪوره صنفن تي هڪ ٻئي جي ڪڏ ڪئين ڪتاب شايع ٿيندا رهيا. انهيءَ عرصي دوران فارسي ۽ عربي ٻولي مان ڪتاب ترجمو ٿيڻ کان سواءِ انگريزي ٻوليءَ مان پڻ ڪتابن جو الٿو ٿيندو رهيو. اهڙيءَ طرح فني ۽ فڪري لحاظ کان ادب ۾ وسعت ايندي رهي. پهرين جنگ عظيم کان ٻي جنگ عظيم تائين وارو زمانو دنيا ۾ جتي ٻين تبديلين جو سبب بڻيو اتي ادب ۾ بہ وڏي تبديلي اچڻ لڳي. فڪري لحاظ کان ادب کي زندگيءَ جي ترجمان طور سماج کي بدلائڻ لاءِ نهايت اهم ڄاتو ويو. حقيقت پسندي ۽ ترقي پسنديءَ جون تحريڪون هلايون ويون. جنهن ڪري سنڌي ادب تي بہ فڪري اثرات مرتب ٿيندا رهيا. شعوري طور سنڌي ادب ۾ انهن لاڙن کي تقويت ڏيڻ لاءِ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جي اشاعت ۾ واڌ ويجهه آئي. سنڌو رسالي جي اشاعت ان سڄاڳيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. جنهن جي ڪري مختلف شعري ۽ نثري صنفن جو آغاز ٿيو. افسانہ نگاري، ادب لطيف،

آزاد نظم، سانيٽ ۽ ترائيل توڙي ڪلاسيڪل صنفن بيت، دوهو ۽ وائي جي طرف توجهه ڏنو ويو. وڏن اديبن ۽ شاعرن کان علاوه مختلف تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ شاگردن به ان ۾ قابل قدر حصو ورتو.

سن 1947ع ۾ پاڪستان جي ورهاڱي سبب بيشڪ هندن جي لڏي وڃڻ سان ادب کي ڌڪ لڳو، پر ٿوري ئي وقت ۾ جانبر ٿي ويو. اعليٰ تعليمي ادارن جي وجود ـ سبب نيون اميدون پيدا ٿيون، مگر جلد ئي هڪ نئون چئلينج آڏو آيو. اهو هو ون يونٽ جو جڙڻ، ون يونٽ جي خلاف ۽ ٻوليءَ جي بچاءُ لاءِ سنڌي اديب جيڪو تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، سو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نمايان ۽ مثالي آهي. انهيءَ کي ادبي تاريخ جو ڪو به محقق نظرانداز ڪري نه سگهندو. اعليٰ رخن تي تحقيق جو ڪم شروع ٿيو. لڳ ڀڳ اڌ صديءَ جي اندر ايترو ڪم ٿي چڪو آهي، جو ڪن عنوانن متعلق بنيادي حقائق آڏو اچڻ ڪري، ڪجهه تشنگي دور ٿي آهي ۽ تحقيق جو خاصو ماحول پيدا ٿيو آهي. ڪن محققن ته انفرادي طور تي ئي ادارن جيترو ڪم ڪيو آهي. ان سموري سرمائي کي سامهون رکي چئي سگهجي ٿو ته تنقيدي لحاظ کان جيڪا ڪمي محسوس ڪئي وڃي ٿي. سا به پوري ٿيندي ۽ وقت پري نه آهي ته تنقيد جو به هڪ خوش آئينده ماحول سازگار ٿيندو.

گذريل صديءَ ۾ اديب آڏو تخليق تحقيق ۽ ترتيب توڙي اشاعت جا جيڪي ڪٺن مرحلا هئا، تن جي باوجود به هو وک وڌندڙي ڏريندو رهيو. مگر اڄ انهن جي ڪميءَ، پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي وسيلن سبب ڏينهن ٻيڻي ۽ رات چوڻي ترقي جا امڪان نظر اچن ٿا. اميد آهي ته جيڪڏهن مستقبل لاءِ ڪي مستند معيار مقرر ڪيا ويا ته تعليم ۽ علم – ادب ۾ اسان غير معمولي ترقي ڪري سگهنداسين. اڄوڪي اديب کي جيڪو وسيع پس منظر حاصل آهي. اوترو ئي هو اڳتي

وڏي سگهندو ۽ فني توڙي فڪري لحاظ کان اطمينان جوڳا نتيجا حاصل ڪري سگهندو. انهيءَ جو ڪردار لازماً اڳوڻي سموري وقت ۾ حاصلات کان وڌيڪ لاپائتو هوندو. پنهنجي ملڪي حالتن ۾ اديب جي اجا اڻپورن وسيلن جي باوجود بہ ايڪيهين صديءَ جي اديب سان وڏيون اميدون وابستہ ڪري سگهجن ٿيون. آءُ وڏي وثوق سان چئي سگهان ٿو تہ ايڪيهين صديءَ جو سنڌي اديب تخليق، ترجمي، تنقيد ۽ تحقيق جا نوان گس جوڙي، نئون ماحول پيدا ڪري، نوان تصور ڏيئي، نوس بنيادن تي نتيجا حاصل ڪري، سنڌي ٻولي ۽ ادب کي دنيا جي ترقي يافتہ ٻولين ۽ ادب سان هم آهنگ بڻائيندو.

ايڪيهين صديءَ جي اديب تي اهي ذميواريون عائد ٿين ٿيون تہ سڀ کان اول سنڌي الفابيٽ نظرثاني ڪري، ان جون لساني، علمي ۽ ادبي اوڻايون دور ڪري، تعليمي نصاب نئين ٻار، سماج ۽ ٻوليءَ جي تقاضائن، توڙي عالمي اصولن موجب درست بڻائڻ جا جتن ڪري. ڇاڪاڻ تہ تعليمي لحاظ کان تعليم جو مرڪز ٻار ٿي آهي. لغت جي ذخيري کي صرفي ۽ نحوي اصولن موجب جامع طور ترتيب ڏئي، ۽ ان کي لهجي، مضمون، موضوع توڙي مختلف حوالن سان ترتيب ڏئي، جيئن شاگرد، استاد، اديب، شاعر ۽ محقق جي گهرج پوري ٿي سگهي. ٻوليءَ جي لفظي ذخيري کي وسيع بنائڻ ۽ ان جي پنهنجن لفظن کي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ مختلف صنفن ۾ مختلف موضوعن تحت خوبصورت عبارت ۽ تحرير ڪرڻ کان علاوه پڙهڻ جو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ وَسَ ڪري.

سنڌي ٻولي ۽ ادبي تاريخ کي مستند بنائڻ لاءِ اعليٰ تحقيقي معيار مقرر ڪرڻا پوندا تہ جيئن مختلف وسيلن جي واهپي سبب ان جو مطالعو حتمي ٿئي.

تخليقي لحاظ کان تخليق جي سيني صنفن کي فني ۽ فڪري

طور سماج سان هر آهنگ ٻڌائي همہ گير فڪر ڏيئي ۽ جديد تقاضائن تي پورو لهڻو پوندو. موجوده تخليقي ذخيري مان جن تخليقن کي دوام حاصل آهي، انهن جي اشاعت جو جوڳو بندوبست ڪرڻو پوندو. تخليق جي عمل کي تيز کان تيز تر ۽ پر اثر بنائڻ لاءِ ماحول پيدا ڪرڻو پوندو. عالمي ادب جي فني ۽ فڪري تقاضائن جو هر طرح خيال رکڻو پوندو.

ترجمي جي لحاظ کان مختلف صنفن ۾ اعليٰ معيار جون تخليقون، تحقيق ۽ تنقيد جو ترجمو ڪري، ان جي اشاعت جا اپاءَ وٺڻا پوندا. پنهنجي ادب مان پڻ ڪلاسيڪل تحريرن جو ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻو پوندو.

ايڪيهين صديءَ جي اديب کي ادب جي هرهڪ پهلوءَ کي طاقتور بنائڻ لاءِ ماحول پيدا ڪرڻو پوندو. اهڙو ماحول جنهن جو هڪ فرد پوءِ توڙي اهو پڙهندڙ هجي يا لکندڙ پنهنجي ذميواري جو احساس رکي.

ايڪيهين صديءَ جي اديب کي پنهنجي گهڻ رخي جدوجهد ڪرڻ لاءِ هر لحاظ کان وسيلا پيدا ڪرڻا پوندا. پنهنجي علمي ۽ ادبي ادارن جي ساک بحال ڪرڻي پوندي.

ايڪيهين صديءَ جي اديب کي هرهڪ ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ جامع رٿابندي ڪرڻي پوندي، جنهن ۾ ڪم جي نوعيت، وقت، اخراجات ۽ ڪارج جو خيال رکڻو پوندو.

# سنڌي ادب ۾ ٻولي

چونڊ سنڌي ٻهاڪا ۽ اصطلاح

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقوي

ڊاڪٽر هدايت پريم

سُر ڪاموڏ جي روشنيءَ ۾ شاهه جي دور جي سماجي حالتن جو جائزو

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

سنڌي ناٽڪ: موجوده صورتحال

شوڪت حسين شورو

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سماجي فڪر

شيخ محمد اسماعيل

نظم

اير ڪمل

زيور نامه

علي اڪبر اسير قريشي

نرمل جيوتاڻي

آزاد قاضي

حضرت مخدوم غلام حيدر صديقي هالائي

ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# چوند سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح

پهاڪي، اصطلاح، ورجيس، چوڻيءَ ۽ محاوري سان جملو خوبصورت ۽ پُر معنيٰ بنجي ٿو. سمجهڻ ۾ نہ رڳو آساني ٿئي ٿي، بلڪ عبارت وڻندڙ لڳي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن تحرير يا گفتگو ۾ ڪو بہ پهاڪو يا اصطلاح نہ هوندو تہ اها ٻُسي ڦِڪي ۽ ڪُجسي لڳندي. اِن لاءِ هي ٻہ جملا پيش ڏسبا تہ ڳالهہ واضح ٿي ويندي.

1- آنڊن جا واهي گدڙ.

2- فلاڻو بي ايمان آهي.

جملي نمبر ٻئي ۾ اهوئي چيو ويو، جو پهرئين ۾ چيل آهي، يعني آنڊن جي حفاظت لاءِ گدڙ چوڪيدار ڪونہ وهاريو، هُو کائي ويندو. ٻيو جملو بہ اهائي معنيٰ ڏي ٿو، يعني بي ايمان تي ڀروسو ڪونہ ڪبو.

چوڻين، پهاڪن ۽ اصطلاحن جي استعمال سان ٻوليءَ جو حسن وڌي ٿو ۽ معنيٰ مطلب چٽو ٿئي ٿو. دنيا جي شاهوڪار زبانن وانگر سنڌي عالمن هنن موتين کي ميڙڻ ۾ ڪو نہ گهٽايو آهي. هن موضوع تي چڱو چوکو بنيادي ڪم ٿيو آهي. اَن لاءِ ايئن چوڻ صحيح نہ ٿيندو تہ: ورجيسن، پهاڪن، چوڻين، اصطلاحن يا محاورن تي سنڌيءَ ۾ اٽي ۾ لوڻ برابر بہ ڪم نہ ٿيو آهي. هيءَ ڳالهہ ڪتاب ورجيسون ۾ سادا اکر نالي مهاڳ لکندڙ جناب نذير سومري ڪئي آهي.(ص 11). هڪ تہ هي جملو بہ غلط آهي. چئبو هيئن تہ: سنڌيءَ ۾ هن موضوع تي اٽي ۾ لوڻ برابر ڪم ٿيو آهي. ٻيو تہ ليکڪ جناب عبدالوهاب سهتي سيني صنفن

كي ورجيس ڇاتو آهي. ايئن نہ آهي. هن سلسلي ۾ جناب سنتداس پنهون مل ڪشناڻي جي ڪوش (ڊڪشنري) سنڌي پهاڪا ۽ محاورا. جو مقدمو ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي لکيو آهي، جو هند ۽ هاڻي سنڌ ۾ جدا ڪتابي صورت ۾ بہ ڇپيو آهي. ڊاڪٽر جيتلي پهاڪن، محاورن يا اصطلاحن ۽ ورجيسن جي باري ۾ انهن جي هيئت ۽ استعمال ۽ باهمي فرق بابت کولي سمجهايو آهي. انهن جا ٽي قسم آهن:(1) ٻٽا لفظ: جيئن: ڏٿو مُٿو، ڇوڪر ٻاڪر، اچ وڃ وغيره (2) ٻيٽ ڏيکاريندڙ لفظ. جيئن: منو ماڪيءَ جهڙو، سانڀي وانگر رنگ بدلائڻ وغيره. (3) اڳياڙين ۽ پڇاڙين ذريعي جڙيل لفظ يا فقرا. جيئن: غير ضروري، هر روز وغيره.

ايئن چوڻ هن حد تائين صحيح آهي تہ هن علمي خزاني تي ترتيب ۽ سهيڙ ڪان ڪم اڳتي نہ وڌيو آهي. اُن ڪري ڪي ماڻهو هر مصدر کي اصطلاح سڏين ٿا. ڪاڻڻ پيئڻ اٿڻ ويهڻ هرگز اصطلاح نہ آهن. اگر ڪو فقرو معنوي لحاظ کان ورتل معنيٰ ڏي تہ اهو اصطلاح آهي. جيئن باغ باغ ٿيڻ. سهيڙ ترتيب جي لحاظ کان ۽ ڪٿي سمجهاڻي ڏيڻ جي لحاظ کان سنڌيءَ ۾ هينيان ڪتاب آهن: ديوان ڪوڙو مل چندن مل، کلناڻي (1844-1916ع) اهو پهريون ودوان هو. جنهن سنڌي پهاڪا ڪتاب 1889ع ۾ ڇپايو. اُن کان پوءِ ديوان ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻيءَ پهاڪن جو ڪتاب گل شڪر تيار تہ 1869ع ۾ ڪيو هو پر ڇپيو 1905ع ۾. ۽ پوءِ اُن جا ٻيا ست ڇاپا نڪتا. روچيرام گجومل ڪرپالاڻي انگريزيءَ ۾ 1892ع ۾ سنڌي پهاڪن جو ڪتاب ڪڍيو. ديوان ڪيولرام پهاڪن جي سمجهاڻي ڏيندي فارسي شعر بہ ڏنا آهن. 570 پهاڪا گڏ ڪيا اٿس.

سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحات اصغر: هي ڪتاب غلام اُصغر 1956-55ع، آر-ايچ-احمد برادرس حيدرآباد ذريعي ڇپايو. 574 صفحن

جي هن ضخيم ڪتاب ۾ اصطلاحن جي سمجهاڻي ڏنل آهي ۽ ان ۾ اڪثر اصطلاحن جي داخلا غلط ڪيل آهي! جيئن وري اچڻ، جي معنيٰ فوت ٿيڻ ڪيل آهي، (ص 520) معنيٰ تہ صحيح آهي پر اصطلاح وري وڃڻ آهي ۽ خاص طور ننڍي ٻار جي وفات تي وري وڃڻ چئبو آهي. اڪثر مصدرن کي اصطلاح سڏيو ويو آهي. جيئن اک اٿڻ (ص 39). هن ۾ ڪائي اصطلاحي معنيٰ نہ آهي. هر فعل اصطلاح نہ ٿيندو آهي. ڪي ايڪ بہ مصدرن کي اصطلاح سڏي پنهنجن اهڙن مضمونن ۾ اڻ ڄاڻ ماڻهن کي گمراه ڪن پيا. اصطلاح ۾ ٻي ورتل ۽ خوبصورت معنيٰ ٻنبي، ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جا بہ ڪتاب پهاڪن جي پاڙ ۽ اصطلاحن جي اصليت، هنن صنفن جي بهترين سمجهاڻي ڏين ٿا.

پهاڪا ۽ اصطلاح پنهنجي هيئت ۽ معنيٰ ۾ پڌرو آهي.

پهاڪو: انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.

اصطلاح: اکين ڪان انب گهرڻ.

پهاڪن ۽ اصطلاحن تي پيا هي ڪتاب بہ شايع ٿيا:

1- مرزا قليچ بيگ- پهاڪن جي حڪمت

2- پيرومل- پهاڪن جي پيڙهہ ۽ گلقند

3- گهنشامداس- سنڌي ٻوليءَ جي سونهن

4- موهن لال شهاڻي- سنڌي اڊيمس

5- تيرٿ داس پيسومل- پهاڪن جي پاڀوهہ

6- سترامداس جڙيا سنگهاڻي- درن جي دٻلي، ماڻڪ موتي

7- ليکراج عزيز- سنڌي اصطلاح

8- وشونات دنڪر - پارتيہ ڪهاوت ڪوش (سنڌي پهاڪا بہ شامل)

9- سنتداس پنهون مل ڪشناڻي- سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح (هن ڪتاب ۾ 12 هزار سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح آهن)

ڊاڪٽر جيٺلي جي تحقيق ۾ هنن مڙني ڪتابن مان چونڊ پهاڪا ۽ اصطلاح هن هيٺ ڏجن ٿا.

پهاڪا

1- اڀ ۾ جو ٽڪ اڇلائي سو پنهنجي منهن ۾ پائي.
2- اٽ پريو بہ ڪرڪي سڪٽو بہ ڪرڪي.
3- اٽ ٻڌندو پيچ ڏانهن تري.
4- اڌ ڪي ڇڏي جو سڄي ڏانهن ڀڄي تنهن جو اڌ بہ وڃي.
5- آزمائي کي آزمائي سو ڏوڙ منهن ۾ پائي.
6- اُستاد جي مار ٻار لاءِ سنوار.
7- اکرين ۾ مٺا وجهن سي مُهرين پر ڇو ڏچن.
8- اڳياڙي تن جي سُرهي جن جي پڇاڙي سُرهي.
9- اگهہ ڪٽيو ڪائجي وٽ ڪٽيو نہ ڪائجي.
10- الله سڄاڻي سِڳ تو ڏيءِ.
11- انڌن وڃي ملتان لڌو.
12- انسان خطا جو گهر آهي.
13- انَ جو منهن جَنڊَ ڏانهن.
14- انڌو ۽ اَڻ سونهون هڪڙي آچار.
15- انڌو گهري الله کان ٻہ اکيون.
16- اَڻ گهريو ماءُ بہ تج نہ ڏي.
17- اهو ڪي ڪجي جو عينهن وسندي ڪم اچي.
18- اهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني.
19- اهڙو ڪم ڪجي جو لعل بہ ليي پريت بہ رهجي اچي.
20- اهو وڻ ئي ڪونہ جو واءُ نہ لوڏيو.
21- آهہ غريبان قهر خدائي.

22- آئي ٽانڊي ڪاڻ بورچياڻي ٿي ويٺي.

23- اٺئي راتيون چور جون ٿيهين ساڌ جي.

24- اندر ڪاري ڪان ٻاهر جو ڪارو چڱو.

25- اندر راضي ٻاهر قاضي.

26- اڪئين لونگ لڳا جافر ويا وسري.

27- ان آهي تہ ايمان آهي.

28- ٻڪ ۾ ٻصر ٻہ متا لڳن.

29- ٻيٺي جو هرڪو يار.

30- ٻيڪار کان ٻيگار چڱي.

31- ٻڪ ٻيڇڙو ٿول دانا ديوانا ڪري.

32- ٻہ تہ ٻارهن.

33- ٻہ گڏرا مٺ ۾ نہ اُيندا.

34- ٻڏي ٻيڙيءَ جو لوهہ ٻہ چڱو.

35- ٻري تيل ڪامي وٺ واه ڙي ڏيا واه.

36- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا.

37- ٻہ پائر ٽيون ليکو.

38- پلو ڪر تہ پلو ٿئي.

39- پاڳ ڏي پيڙو تہ دال سان سيرو-پاڳي ڏي دٻ تہ سيري مان رٻ

40- تاڙي هڪ هٿ سان نہ وڄي.

41- تلوار جو ڦٽ ڇٽي وڃي زبان جو ڦٽ نہ ڇُٽي.

42- تـرَ جي گٽي سوءَ چوٽون ڪائي.

43- تڪڙ ڪم شيطان جو.

44- تُرهو ٻہ ٻڏجي تہ پاٽيءَ کي ٻہ سڏجي.

45- تڏو گهڙو پاڻ کي ڇانوَ ۾ رکائي.

46- توري ڪٺئي گهٽي برڪت.

47- ڌوٻيءَ جو ڪتو نہ گهر جو نہ گهاٽ جو.

48- ٽٽونءَ ڪي ٽارو تازيءَ ڪي اشارو.

49- پنڌ ڪان ڪتي جي وات ۾ چڱو.

50- ٿلهو گهڙو وڃي گهٽو.

51- پاپ جو گهڙو ڀرجي نيٺ ڦاٽي.

52- پڇڻا نہ منجهڻا. (جي پڇن سي وڃن، جو لکڻ منجهہ ماڻهئين، سو مکڻ منجهہ ڪير).

53- پنج آڱريون برابر نہ آهن. (نہ هر زن زن است، نہ هر مرد مرد، خدا پنج انگشت يکسان نہ کرد).

54- پرائي پلاهہ کان پنهنجي پيچ چڱي.

55- پرائي دهلين احمق نچي.

56- پنهنجي گهر ٻلي ٻہ شينهن.

57- پوڙهو اٺ ٻہ ڪنواٽ لهي.

58- پرايون ماڙيون ڏسي پنهنجو پونگو نہ ڊاهجي.

59- پيٽ ۾ ٻڪ اُره ۾ آڪڙ.

60- ڦڙي ڦڙيءَ تلاءُ.

61- جيڪو ڏاڍو سو گابو.

62- جت باهہ ٻري اُت سيڪ اچي.

63- جڙيءَ ڪي جس آهي.

64- جتي ماکي تتي مک، جتي گنج تتي رنج.

65- جو اڳي سو تڳي.

66- جنهن جو ٻڻ ٻڇڙو تنهن جو ميوو مٺو نہ ٿئي.

67- جيئن دير تيئن خير.

68- جنهن کي باهه تنهن جو آسرو لاهه.

69- جنهن جي ترهي ترجي تنهن جو پلو گهرجي.

70- جيڪو مڙيو سو جُڙيو.

71- جيئرو ته لک جو مئو ته ڪک جو.

72- جو نه ڪجي سو گهڙو ڪجي.

73- جهڙي سٽ تهڙيون تي ويهون.

74- جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا.

75- جهڙو گڏه تهڙا آتر.

76- جهڙي نيت تهڙي مراد.

77- جهڙي ڇالي تهڙي ٻني، جهڙو گهوٽ تهڙي ونی.

78- جهڙو راجا تهڙي پرجا.

79- جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان.

80- جهڙا مير تهڙيون مزمانيون.

81- جهڙا روح تهڙا ختما.

82- جهڙو منهن تهڙو موچڙو.

83- جهڙو ديس تهڙو ويس.

84- جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي.

85- جيڪي ڇله تي سي دل تي، جي آسريا سي وسريا.

86- جي ڇٽين سي نپائين.

87- جيترا وات اوتريون ڳالهيون.

88- جيڏا اٽ تيڏا لوڏا.

89- جيڪي ڪنيءَ ۾ هوندو سوئي پاٽ ۾ پوندو.

90- جيءُ خوش ته جهان خوش.

91- جتي وڻ نه هوندو اتي ڪانديرو به درخت.

92- چور نہ تہ چاڪي.

93- چمڙن جي گهر ويا مهمان، چي اسين پيا لڙڪون اوهين اچي لٿا.

94- چڪر ڪي پڇي لٺ.

95- چري پوندي ۾ خوش.

96- چري ڪيئن؟ چي ويران وير وٺ.

97- چرين جا ٻوڙ مٽي جا سور.

98- چريءَ جو پُٽ چَمين سان چَٽ.

99- چرين ڪهڙا چِتَ مُٺن ڪهڙا مامرا.

100- چڱا سي جن جا پڙيان چڱا.

101- خان جي خاني مانيءَ مان معلوم.

102- خون ۽ ڪتوري ڳجها ڪين رهن.

103- ڏک سکن جي سونهن.

104- ڏنيجي گڏھ سور تئي ساٿياٽيءَ کي.

105- ڏاھو ڪانءُ ٻہ ٽنگو ڦاسي.

106- ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻہ مٿا.

107- ڏبرو وهٽ سوير پلاٽجي.

108- دل جي ڪاراڻ ڪان منهن جي ڪاراڻ چڱي.

109- دل ڪوتي عنر گهٽا.

110- ڏڻ تہ ڏٽي نہ تہ وڪڻ ڪٽي.

111- ڊچجي تنهن جي ڊاءُ ڪان جنهن جي وائيءَ کي ور گهٽا.

112- رت دانگيءَ تي ٻہ وري پٺي.

113- راجا ڪي وٽي سا راٽي، تنهن ڪي ڪير چوي ڪاٽي.

114- رڏي پڪي ٻہ يا نصيب.

115- رڍ چا چاٽي راڳ مان جنهن جي ٻولي ٻي.

116- رڍن اڳيان رباب وڄائيندي ورهہ ٿيا.

117- روزن پٺيان عيدون.

118- سياڻو پٽ پينگهي ۾ پڌرو.

119- سيڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگبي.

120- سُتن جا پاڏا ويٺن جون وڇون.

121- سڄن پٺيان وڏيا.

122- سائي کي سهي ڪونہ، ٻکٽي کي ڏي ڪونہ..

123- سائو کنهي پيٽ، ٻکٽي جو وجي ساهہ.

124- سڄڻ سَچي پانهن ڏي تہ سڄي نہ ڳڙڪائجي.

125- سُرمو سيڪا پائي پر اک اک جو ڦير.

126- سوناري جا سؤ ٺڪ لوهار جو هڪ ٺڪ.

127- سچ تہ بيٺو نچ.

128- سچ جي بيڙي لڏي پر ڪڏهن نہ ٻڏي.

129- سڪن گڏ آلا بہ ٻريو وڃن.

130- سياري جي سوڙ سيڪو پاڻ ڏانهن سيري.

131- ستين لنگهڻين ڪتو حلال.

132- سڪٽي کني ڳهٽو اڀامي.

133- سپ نہ ماري سپ جو سراپ ماري.

134- سونٽي هجي ساڻ تہ ڳڏهہ ڳوهي نہ ڪري.

135- عقل ري عذاب گهٽا سهندئين جندڙي.

136- غريب جي زال هر ڪنهن جي ڀاڄائي

137- قلندرن پويان ڪيئي ڪتا ڀونڪن.

138- ڪاتيءَ گڏري وارو ڪم.

139- ڪانءُ کي لڙ ۾ مزو.

140- ڪاٺي ڪي بہ ڪاٺو نہ چئجي.

141- ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان.

142- ڪتي جو پڇ ٻارهن مهينا نڙ ۾ پيو هجي تہ بہ ڏنگي جو ڏنگو.

143- ڪک جو چور سو لک جو چور.

144- ڪک سان بہ وير نہ وجهجي.

145- ڪم پئي تہ ڪل پوي.

146- ڪين جو ڪتيو ڪير ڪاٽين.

147- ڪن ڪن سان نہ ڏوبي.

148- ڪتي چور سچا تہ ڪتي ڊور سچا.

149- ڪني اگر وڌي چڱي.

150- ڪاڏي ڪاڻ ڪرو ڪم ڪاڻ پرو.

151- ڪاڏي ڪوه بہ ڪتيو وڃن.

152- ڪوهن جا وات بند تي وڃن ماڻهن جا وات بند نہ ٿين.

153- ڪنل واٽيو پراٽيون وهيون سنڀالي.

154- گدڙ ڏاک نہ پڄي آکي ٿو ڪنا.

155- گگر گگر پنڊا اڙيا.

156- ڳڙ ڄاڻي ڳڙ جي ڳوتري.

157- گهٽي ڪاڏي گهٽي ٻک.

158- گهٽن ڪنٿي چپر بہ ڪچي وڃي.

159- گهٽين زالين گهر نہ هلي گهٽن هارين

160- لٽ بہ ڏيکارجي چٽ بہ.

161- لٽ ڪٽجي پاءُ پاران جواب ڏجي خدا ڪارڻ.

162- مِنِي بہ ماٽ مِنِي بہ ماٽ.

163- من ۽ موتي ڀڳا تہ سجو نہ ٿئي.

164- ماءُ ڇڏيندي پَڙاپَيا ڳَ نه ڏيندي وندُ.

165- مرض اچي گهوڙي وانگر وڃي جون وانگر.

166- مروان موت ملوڪان شڪار.

167- منڊِن ڪونئرو ڳَتا پتائي.

168- مٿا پرَ پتجن هيل.

169- مور چگو پير ڏنگا.

170-ميڙو متو ٿي ڇڏجي.

171- ماڪي نه ڏسي وڻ زال نه ڏسي وڙ.

172- موچي جا گهڙيا موچيءَ جي منهن ۾.

173- مينهن وِيامي ادائي گهر پاري، زال ويامي ادائي گهر ڪاري.

174- نه ڪتو ڏسندو نه ڀونڪندو.

175- نه ڪنهن جي ڪتيءَ کي هٿ لائجي نه پنهنجو پٽ پٽائجي.

176- نالي چڙهيو واپاري ڪتيو ڪائي، نالي چڙهيو چور ڦاهيءَ چڙهي.

177- ننڍيو ٻار ميچ جو وار، جيڏانهن وار تيڏانهن وري.

178- ننهن سان ڇڇي ته ڪاتي ڇو هڻجي.

179- نيرَ جو ٽڪو لهي وڃي گلا جو ٽڪو نه لهي.

180- نياڻن جا نار واڊن چڙهيا واٽ تي.

181- وات ڪائي منهن لجائي

182- وڏن ۾ وڏي ڪلا.

183- وڙهن سان لتاڙجن ٻوڙا.

184- هٿ جي وڍئي جو نڪو ويڄ نڪو طبيب.

185- هڙ سڪٽي لوڏ گهٽي.

186- همت مردان مدد خدا.

187- هاٿيءَ جا ڏند کائڻ جا هڪڙا ڏيکارڻ جا ٻيا.

188- هرڻي اڳ ئي نچڻي ويتر جو پيس گھنڊڻي.

189- هڪڙي اڻ هوند ٻيو افعال ٻڇڙا.

190- هڪڙو اڻ دعوتيل ٻيو ڪرياتو.

191- هنر واري جو هنر، بي هنر جي وڃي جند.

192- هرڻي جي هير ٽنگ پڇي ته ٻه نه وڃي.

193- يار آهو جو اؤکيءَ ويل ڪم اچي.

پهاڪن ۽ چوڻين وانگي اصطلاح به زبان جو حسن وڏائين ٿا. اصطلاح جي بنيادي صورت لازمي طور مصدر وانگر ٿئي ٿي. جئن اک ميري ڪرڻ وغيره. ان ريت مطلب وڏيڪ آسانيءَ ۽ سونهن سان ادا ٿئي ٿو. جيڪڏهن اصطلاح هٿ هٺڻ جو مطلب جملي ۾ آڻجي ته چئبو ته پهرين اک نه پٽيائين هاڻي ٻيو هٿ هٺي. هن جملي ۾ هڪ سان گڏ ٻيو به اصطلاح اچي ويو اک پٽڻ.

چوند اصطلاح هي آهن.

1- ابتا توپا ڏيڻ.

2- ابتا پير کڻڻ.

3- آبرو وڃڻ.

4- اپ ۾ تراريون هڻڻ.

5- اپ ڦاڙڻ.

6- اڇا ڪارا پڌرا ڪرڻ.

7- اُس ۾ وار اڇا ڪرڻ.

8- ادر گدر ڪرڻ.

9- آڏو اچڻ.

10- آڏ ڇڪڻ.

11- آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ.

12- آسمان مان تارا لاهڻ.

13- آسمان ڏانهن تـڪ اُڇلائڻ.

14- اَڪ ڪارا ڪرڻ.

15- اَڪن ڇـڪن تيڻ.

16- اک ٻـوٽ ڪرڻ.

17- اک پچڻ.

18- اک ٽيٽ ڪرڻ.،

19- اک ڦٽڻ.

20- اک ڏيکارڻ.

21- اکيون ڦيرائڻ.

22- اکيون ڪڍڻ.

23- اکيون کولڻ.

24- اک ميري ڪرڻ

25- اک ۾ رکڻ.

26- اکيون چرخ ٿيڻ.

27- اکين تي رکڻ.

28- اکين ۾ وهارڻ.

29- اکين تي پردا چڙهڻ.

30- اکين ۾ جوسُب هڻڻ.

31- اکين اڳيان ڦرڻ.

32- اک ۾ ٿيڻ.

33- اک نه ٻڏڻ.

34- اکين ڪان وڏو ٿيڻ.

35- اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ.

36- اکين تي رات ڪاٽڻ.
37- اکين پورَ ڪرڻ.
38- اکين جو رت ڇڏڻ.
39- اکيون جاءِ ڪرڻ.
40- اکيون ڪاپار ۾ هجڻ.
41- اکيون ڏيون ڏيڻ.
42- اکو ڦلو ڪرڻ.
43- آگ لاهڻ.
44- اگر تگر ڇٽ ڪرڻ.
45- اڳ وٺڻ.
46- اڳو پيچو ڳڻڻ.
47- آگرين تي نچائڻ.
48- اندر ۾ ڇـُريون هجڻ.
49- انڌ جي گهوڙي تي هجڻ.
50- اڻ سوئيل تي چڙهڻ.
51- آهو لاهڻ.
52- باغ باغ ٿيڻ.
53- باهه تي وجڻ.
54- برميچڻ.
55- بيٽ ٻڌڻ.
56- ٻہ گهر پارڻ.
57- ٻاهترجڻ.
58- ٻاهريون ٻنو رکڻ.
59- ٻبرن ڪان ٻير گـهرڻ.

60- ٻڏ تر ۾ هجڻ.

61- ٻوٽو ٻارڻ.

62- ٻوهي ۾ ڏيڻ.

63- ٻيٽَ پوڻ.

64- پيڙيءَ چاڙهي ڦرهو ڪڍڻ.

65- پيکهي مچڻ.

66- پَت گهاٽو ڪرڻ.

67- پَتَ مان ڪڍڻ.

68- پَتَ ۾ ڪَپَرَ وجهڻ.

69- پِت سان منهن لڳڻ.

70- پري پير هيٺ ٻُڪَ مرڻ.

71- پڳڙن مُٺ تي وڪڻڻ.

72- پنگ پڳڙو ڪرڻ.

73- پيت تي پوڻ.

74- پيڏي هٽڻ.

75- پيرو ڪرڻ.

76- پيرو پجڻ.

77- تارا ڳڻڻ.

78- تتي تاءُ ڪرڻ.

79- تريءَ تي بهشت گهرڻ.

80- تريءَ تيل نہ لڳڻ.

81- تيليءَ مان تنبو ڪرڻ.

82- تالهئين لاهڻ.

83- تڏيون ڪوسيون ڏيڻ.

84- ٽاڪوڙو پوڻ.

85- ٿاٽ ٿاٽڻ.

86- ٿڦڙي لڳڻ.

87- ٿلهيار ۾ ٿوڪون ڏيڻ

88- جيري لاءِ ٻڪري ڪهڻ.

89- چانديا مکسي هڻڻ.

90- چٽ ٻڌڻ.

91- چپن کي چُنو لائڻ.

92- ڇيڪ ڇڏڻ.

93- ڇنڇري لاهڻ.

94- ڇنڊا پوڻ.

95- ڇوهه ڇنڊڻ.

96- دَڦ ڪرڻ.

97- دل ونڊڻ.

98- دل ۾ ڪرڻ.

99- دل ڪٽي ٽيڻ.

100- دم جهلڻ.

101- ڌڌڙ ۾ پير هٽڻ.

102- ڏاڙهي ٻئي جي هٿ ۾ ڏيڻ.

103- ڏندين آڱريون اچڻ.

104- ڍينگو ڍيري ٽيڻ.

105- زبان ڏيڻ.

106- زبان کولڻ.

107- سبق سيکارڻ.

108- ست سارڻ.

109- سَتَ منڍ ڀڃڻ.

110- سُر ملائڻ.

111- سُتي سرمو پائڻ.

112- سرخرو ٿيڻ.

113- سُکيءَ ۾ ٿيي هٽڻ.

114- سندرو ٻڌڻ.

115- سَوڙَ ۾ ڇهنبڙيون پائڻ.

116- سوڙهو گهٽڻ.

117- سيخ ٿيڻ.

118- شَبَ ۾ رکڻ.

119- شش و پنج ۾ هجڻ.

120- شير شکر ٿيڻ.

121- شينهن ڪلهي چڙهڻ.

122- ڪافور ٿي وڃڻ.

123- ڪپڙن ۾ نہ ماپڻ.

124- ڪن ڏيڻ.

125- ڪن ڪائڻ.

126- ڪن ڪٽائڻ.

127- ڪن هڻڻ.

128- ڪن ۾ ڦوڪ ڏيڻ.

129- ڪنڌ ۾ ڪلي هڻڻ.

130- ڪنبا پوڪڻ.

131- ڪنڍا ڪڍڻ.

132- ڪيتو لوڙڻ.

133- ڪٽون ڪوٽڻ.

134- ڪڙ تيل نڪرڻ.

135- ڪيپ ڪٽڻ.

136- ڳنر تي لت اچڻ.

137- لاڪ لاهڻ.

138- لبو تبو ڪرڻ.

139- لڙهه لڳڻ.

140- ليڪو لنگهڻ.

141- متو ڪوڙڻ.

142- متو وڃائڻ.

143- متو ڦرڻ.

144- متي پليت ڪرڻ.

145- مٽ ڀر هجڻ.

146- مڇي مانيءَ مان ڪڍڻ.

147- مڪو مچڻ.

148- مکڻ جي ماڙي آڏڻ.

149- مکڻ مان وار ڪڍڻ.

150- ممڻ مچائڻ.

151- نڪ وڍڻ.

152- نوڙيءَ مان نانگ ڪرڻ.

153- وات وڪيل هئڻ.

154- وات هٽڻ/ ڪرڻ.

155- واجهه وجهڻ.

156- وار وڃائڻ.

157- ور تي رسو پيچڻ.

158- وڻ گهوڙو نہ ٻڌڻ.

159- هٿ هٽڻ.

160- هٿ ڌوئي پٺيان پوڻ.

ڊاڪٽر هدايت پريم

# سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقوي

سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقوي شاهه لطيف جي ٻوليءَ جي لغت "ٻاروچي ٻولي" جي حوالي، سان ساري سنڌ ۾ مشهور ۽ معروف آهي. نجف علي شاهه، شاهه لطيف جي ٻوليءَ تي نه صرف "ٻاروچي ٻولي" ڪتاب لکيو پر سترواري ڏهاڪي ۾ هر سال شاهه جي ميلي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ مقالا پيش ڪندو رهيو. جن ۾ پڻ شاهه جي ٻوليءَ تي تحقيق ڪيل هوندي هئي، هن پنهنجي سموري حياتي شاهه لطيف جي هيرن موتين جهڙن لفظن جون معنائون ڳولڻ ڦولڻ ۾ گذاري ڇڏي. "ٻاروچي ٻولي" ڪتاب جا سورهن جلد پيار جي پورهئي سان لکي تيار ڪيائين.

پهريون جلد جنهن ۾ صرف "الف" سان شروع ٿيندڙ لفظ آهن، سنڌالاجيءَ پاران 1984ع ۾ ڇپجڻ شروع ٿيو. سيپٽمبر 1984ع ۾ ٻاروچي ٻولي ڪتاب جي پهرين جلد کي ڇاپي جي صورت ۾ ڏسڻ جي آس کي سيني ۾ هميشه لاءِ ساندي هي سنسار ڇڏي هلي ويو. جتان موٽيو ڪوئي نه آهي. ٻاروچي ٻوليءَ جو مذڪوره جلد پهريون ڊسمبر 1984ع ۾ تڏهن پڌرو ٿيو، جڏهن نجف علي شاهه مٽيءَ ماءُ جي حوالي ٿي چڪو هو.

باقي رهيل 15 جلد پريس ڏانهن وڃڻ لاءِ واجهائين پيا پر اهو ڏينهن الائي ڪڏهن ايندو جڏهن سنڌي قوم پنهنجي هن لائق محقق جي روح کي راحت رسائڻ لاءِ سندس اها لغت ڇپائي پڌري ڪري سگهڻ جي قابل بڻبي.

سيد نجف علي شاھ 21 اپريل 1923ع تي ڳوٺ ٽنڊي جهانيان حيدرآباد، ۾ ڄائو. پاڻ مئٽرڪ تائين تعليم بمبئي يونيورسٽي ۾ حاصل ڪيائين. پاڻ امام مفتي عليہ رحمتہ جي اولاد مان هو مورث اعليٰ سيد جلال الدين حيدر سرخ پوش بخاري اُچ شريف ضلع بهاولپور ۾ مدفون آهي. هن جو پوٽو سيد جلال الدين مخدوم جهانيان مشهور بزرگ اوليائن مان آهي. مخدوم جهانيان جو اولاد سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو. جنهن ڪري هن خاندان وارا جهانيان پوٽا مشهور ٿيا.

نجف علي شاھ اڃا ننڍوئي هو تہ سندس والد بزرگوار سيد حسن عليٰ شاھ گذاري ويو. تنهن ڪري کين دنياوي ڪاروبار ۾ پاڳي پائيوار ٿيڻو پيو. سندن خاندان ۾ تصوف ۽ فقر نمايان آهي. وقت جي حاڪمن سان سٺن لاڳاپن جي باوجود هميشہ فقيراڻ زندگي بسر ڪندا رهيا. سندن پورو خاندان ادبي ۽ علمي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو. سندن وڏن بزرگن مان ڪيترائي صاحب تصنيف ۽ اعليٰ شاعر ٿي گذريا آهن. شاھ صاحب مرحوم کي اهو ادبي ۽ علمي ورثو خاندان ڪان مليو. کين سنڌي نثر لکڻ ۾ ڪمال حاصل هو. سندن پوري زندگي شاھ عبداللطيف جي ڪلام جي تحقيق ۽ تدوين ۾ صرف ٿي، پاڻ شاھ صاحب جي ڪلام جو هر طرح سان عاشق هو. بيتن جي معنائن جي سمجهاڻي ۽ بيتن جي پڙهڻي تي کيس مهارت حاصل هئي ۽ ان تي سندن عبور تصور ڪيو ويندو هو. سندس اوطاق تي شاھ جي بيتن تي بحث مباحثا ۽ علمي مناظرا ٿيندا رهندا هئا. سندس انهيءَ محنت جو سرمايو ٻاروچي ٻولي ڪتاب ۾ موجود آهي. شاھ صاحب 12 سيپٽمبر 1984ع تي اوچتوئي وفات ڪري ويو. الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جايون عطا ڪري. (آمين)

ڪتاب ٻاروچي ٻولي جي مهاڳ ۾ نجف علي شاھ ڪمتر نقوي لکي ٿو تہ پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي 35 سال شاھ عبداللطيف جي رسالي

۽ سندس ڪلام جي معنيٰ جي باري ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ، جهر جهنگ، جبل، ڏونگر، ٿر بر ڏوريندو رهيس. هن ڪتاب ۾ ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ اج کان 500 سال اڳ ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، تنهن جا متروڪ ٿي ويل اکر بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا وڃن تہ جيئن اسان جي پراڻي سنڌي ٻولي محفوظ رهي سگهي ۽ ايندڙ پيڙهيون جيڪڏهن چاهين تہ ان تي تحقيق ۽ جستجو ڪري سگهن.(1)

ٻاروچي ٻوليءَ جي پهرين جلد ۾ صرف "آ" کان وٺي "اي" تائين جا سمورا لفظ هن ۾ ڏنا ويا آهن انهن جون داخلائون هن طرح ڪيل آهن.

آباد

1- راضي منجهان ريج، عالم سڀ آباد ٿئي (سارنگ) 987-13.

2- دوست منا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين (سارنگ 4) 986 (ف) پوڪيل: سرسبزا سائو: وسندڙ: شاداب. بريڪيٽن ڏنل سر جو نالو ۽ داستان جو نمبر آهي ان جي ٻاهران شاهوائي صاحب جي رسالي جو صفحو نمبر ۽ بيت نمبر ڏنل آهن، معنيٰ کان اڳ بريڪيٽ ۾ ان ٻوليءَ جو مخفف آهي جنهن جو اهو لفظ آهي. هن لغت ۾ ڪيترن لفظن کي تمام تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ پنهنجا ويچار نقوي صاحب مقدمي ۾ پيش ڪيا آهن. سنڌي ٻولي يا زبان سنسڪرت ٻوليءَ يا ان جي بعض شاخن مان پيدائشي آهي. آيا ان جي تصور يا انهيءَ تصوير جو ٻيو رخ پيش ڪري ارباب دانش تي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏيندس. ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي بہ عربي ۽ سنسڪرت زبانن وانگر هڪ بنيادي، مڪيہ ۽ قديم زبان آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ ٻي ٻولي جا ڪي لفظ يا گرامر جون ڪجهہ ترڪيبون سنڌي زبان سان ڪنهن حد تائين ملندڙ جلندڙ آهن تہ ان جو مطلب نہ آهي تہ ڪو سنڌي ٻولي انهيءَ زبان مان نڪتي آهي پر ان جي

برعڪس ائين به چئي سگهجي ٿو ته خود هي زبانون سنڌي ٻوليءَ مان نڪتيون آهن، يا انهن ٻولين تي سنڌي زبان جو گهرو اثر پيل آهي. هڪڙي اهڙي، همه گير زبان جيڪا پنجن هزارن سالن کان وٺي هڪ وسيع علائقي ۾ ڳالهائي، لکي پڙهي پئي وڃي ته هن کي ٻي زبان مان نڪتل سمجهڻ احساس ڪمتري نه آهي ته ٻيو ڇا هي.(2) هڪ هنڌ شاهه جي ٻوليءَ لاءِ لکي ٿو. شاهه صاحب (شاهه عبداللطيف) پنهنجي رسالي ۾ جيڪا ٻولي ڪم آندي آهي. ان ٻوليءَ جا هزارها ٺيٺ سنڌي لفظ اڄ ڪلهه جي مروج شهري سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪرڻ ڇڏيا ويا آهن. انهن ٺيٺ سنڌي اکرن جي عيوض ۾ ٻين ٻولين جا هم معنيٰ لفظ استعمال ٿي رهيا آهن. هن وقت اهو رجحان اهڙي منزل تي پهچي ويو آهي جو اهڙي رجحان کي صرف روڪڻ لاءِ سڄي حياتي جي جدوجهد ناڪافي ٿيندي.(3)

سنڌي ٻوليءَ سان نجف علي شاهه کي ڪيترو عشق هو سو هيٺ ڏنل حوالي مان ظاهر آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي سينگاري ۽ سنواري قوم جي اڳيان پيش ڪيو. اِها زبان اڄڪلهه متروڪ ٿيندي پئي وڃي. ان جو سبب ڪان وڏو ۽ مکيه سبب اهو آهي جو شاهه جي رسالي جي ڪا به مستند لغت اڄا تائين منظر عام تي ڪانه آئي آهي. (4)

اسين ڏسون پيا ته موجوده دور ۾ اسان جي سنڌي زبان ۾ ڌارين ٻولين جي لفظن جي استعمال جي ڀرمار ٿيندي پئي وڃي ۽ سنڌيءَ جا پراڻا لفظ ۽ اصطلاح متروڪ ٿيندا پيا وڃن.

سنڌي زبان جي ٻين ٻولين جا ڪي ضروري لفظ شامل ڪيا وڃن ته ان ۾ پاڻ اسان جي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ ۾ اضافو ٿيندو. پر اهو ڪنهن به طرح جائز نه آهي ته اهي ڌارين زبانن جا لفظ اصلوڪن ۽ پراڻن سنڌي لفظن جي جاءِ تي استعمال ڪيا وڃن ۽ پراڻن سنڌي لفظن ۽

اصطلاحن جو استعمال ترڪ ڪيو وڃي. جيئن اڄڪلهه ٿي رهيو آهي، ڏارين ٻولين جا عام خاص لفظ پراڻن سنڌي لفظن جي بدران استعمال ڪرڻ سان سنڌيءَ جا اهي پراڻا لفظ ۽ اصطلاح متروڪ ٿيندا پيا وڃن ۽ جيڪڏهن اِها رفتار جاري رهي ته پوءِ اهو ڏينهن پري ڪونهي جو سنڌي زبان پنهنجي شڪل ۽ صورت ميناج و صلاحيت وڃائي هڪ ٻي نئين ۽ بلڪل مختلف روپ ۾ ظاهر ٿئي جيڪو سندس اصل حيثيت جي صفا ابتڙ هجي. سر سريراڳ وار ي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالي ۾ هو لکي ٿو. شاهه لطيف پنهنجي ڪلام جي ذريعي سنڌي زبان جي بيٺل پاڻيءَ ۾ لهرون نه پر طوفان برپا ڪري ڇڏيو آهي. اڄ ڪان گهٽ ۾ گهٽ اڍائي سو سال پراڻي سنڌي زبان جي سڌن ۽ سادن لفظن جي مدد سان معاني ۽ مطالب جا اهي بيش بها آبدار گوهر گڏ ڪري ڇڏيا اٿس جن ڪي پرائڻ جي لاءِ مون جهڙي هيچمدان ڪي ڪا به طاقت نه آهي، شاهه صاحب هزارها جاين تي ڪي ڪي لفظ اهڙا به استعمال ڪيا آهن جن مان هرهڪ لفظ جون ساڳي مطلب واريون ڪيتريون ئي معنائون نڪري سگهن ٿيون. اهڙن لفظن مان ڪنهن ڪنهن خاص لفظ جي معنيٰ متعين ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهو ضروري آهي ته اهڙن سيني بيتن جو تقابلي مطالعو ڪيو وڃي جن ۾ اهو لفظ استعمال ٿيل هجي.(5)

شاهه لطيف تي ٿيل ڪانفرنسن ۾ اڪثر ڪري سائين نجف علي شاهه، پنهنجي ڪتاب ٻاروچي ٻوليءَ جو ذڪر ڪندو هو. 1975ع واري ڪانفرنس ۾ سر سهڻيءَ جي لغت واري مقالي ۾ پڻ هن ٻاروچي ٻوليءَ جي ڪتاب لکڻ تي روشني وڌي. ٻاروچي ٻولي ڪتاب لکڻ جو خاص مقصد اهو آهي ته سهڻي سنڌ جي پراڻي ۽ سباجهي، ٻوليءَ ۽ منڙي ملڪ جي گذريل ۽ وسريل تهذيب ۽ ثقافت ڪي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪر ي ڇڏجي ايندڙ نسلن ڪي پنهنجي پراڻي زبان ۽ رسم و رواج جو ماضي ۾ هر

وقت اڳيان هجي ۽ ان سان نئون نسل ڪجهہ استفاده حاصل ڪري سگهي.(6)

سيد نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي شاهہ جي ٻوليءَ جو هڪ وڏو ڄاڻو هو. هن جي تيار ڪيل لغت "ٻاروچي ٻولي" هڪ بيمثال تحقيقي ڪم آهي. پر افسوس تہ سندس اوترو قدر ڪين ٿيو، جنهن جو لائق هو. بهرحال جڏهن بہ هن جو ڪتاب مڪمل طور ڇپجي پڌرو ٿيندو تہ دنيا ڀاڻ ٿي مڃيندي ۽ هن جو نالو ناميارو ٿيندو.

حوالا:

1- نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي: ٻاروچي ٻولي 1984ع، ص 5-7.
2- نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي: مضمون "سر آبري جي لغت" ڪتاب "سر سسئي آبري جو مطالعو" ترتيب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1976ع، ص 38-40.
3- نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي: مضمون "معذوري جي لغت" ڪتاب "سر سسئي معذوري جو مطالعو، مرتب ڊاڪٽر نبي بخش، 1977ع، ص 5.
4- نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي: "سر ڪنيات جي لغت" ڪتاب سر ڪنيات جو مطالعو، ترتيب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 1972ع، ص 93-94.
5- نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي: مضمون سر سريراڳ جي لغت، ڪتاب "سر سريراڳ جو مطالعو"، مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1974ع، ص 3.
6- نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي: مضمون "سر سهڻي جي لغت" ڪتاب سر سهڻي جو مطالعو، مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1975ع، ص 86.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

# سُر ڪاموڏ جي روشنيءَ ۾ شاهه جي دور جي سماجي حالتن جو جائزو

شاه سائين منطق جو بنياد وجهندي سنڌي ادب ۾ سماجي سطح تي نمايان سنڌي نير داستان رسالي ۾ پيش ڪيا آهن. اِهو ادب ۾ هڪ وڏو ۽ قابل تعظيم ڪارنامو آهي.

ادب جو انساني سماج ۾ اهم ڪردار آهي، جيڪڏهن ڪو معترض ائين چوي ته شاه سائين چار تماچي جي دربار جا گيت ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ چيا هئا ته اها ڳالهه اڻ ٺيڪي آهي. چو ته شاه تقريباً چار ڪان ٽي صديون پوءِ جنم ورتو. اصل شاه سائين ته انهن روين، انهن عقيدن ۽ مٽ تان پردو کنيو، جنهن تي هر ڪنهن شاعر جي نگاه وڃي ڪونه سگهي. فڪر جو دائرو سماجي سطح تي آدرش يا نظريو بڻجڻ ڪان پوءِ ئي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. اهو آدرش جيڪڏهن نرو دانشوراڻو آهي ته پوءِ ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪو خاطر خواه ڪم ٽي ڪونه سگهندو. شاه لطيف ۾ اهي ٻئي خوبيون موجود آهن، هو نئون نظريو ڏيندڙ دانشور به آهي ته عوامي ڀلائي چاهيندڙ هڪ سماجي ماهر به.

يوناني ادب جيان سنڌي ادب ۾ تقدير جي تونگرائي کي مڃيو وڃي ٿو. يونان وارن وٽ به حسن جو تصور سادگي تي ٻڌل هو. شاه صاحب وٽ به سادگي اصل حسن آهي، اهوئي سبب هو جو شاه کي نوريءَ جي نماڻائي ۽ سادگي ايڏو متاثر ڪيو جو سندس قصي کي رسالي جي زينت بڻائي امر ڪري ڇڏيائين.

سنڌي سماج ۾ هر پورهيت کي گهٽ نظر سان ڏٺو پئي ويو آهي. شاه لطيف کان گهڻو اڳ واري زماني کان وٺي گندرن (مهاڻن) کي گهٽ نظر سان ڏٺو ويندو هو. انهن سان مٽي مائٽي ڪرڻ يا پاڻپي برادري رکڻ کي شاه جي زماني کان وٺي معيوب سمجهيو پئي ويو آهي. اهڙو اظهار شاه وٽ ملي ٿو:

ڪِڪِيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇِڇِيءَ هاٿا ڇج،
پاند جنين جي پاندسين، لڳو ٿئي لڄ،
سَمو ڄام سُهج، اپو ڪري ان سين.

(10-1)

نوري ڪينجهر نالي گندري جي سياڻي هئي جيڪو پنهنجي نُک جو پريو مڙس ۽ مهندار هو. سندس ڌيءَ نوري به پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هن ۾ بين گندرين جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻيون خوبيون موجود هيون. هوءَ جڏهن جوان ٿي ته ڪيس احساس ٿيو ته پاڻ سگهند پرئي سرس نرمل نيڻن ۽ موچاري مورت جي مالڪ آهي. هن کي اها به ڄاڻ پئي ته هوءَ پاڳوند ۽ اشراف عورتن مان هڪ آهي. هن جي من ۾ به هر نوجوان نينگري جيان اها خواهش اُڌما ڏيئي رهي هئي ته ڪيس ماناٽتو ۽ منهن مهانڊي وارو وَر ملي. جڏهن سندس اها خواهش پوري ٿي ۽ سندس ٻانهن سنڌ جي حاڪم ڄام تماچي جي حوالي ٿي، تڏهن هن کي سوين وسوسن وڪوڙي ڇڏيو. ڇو ته هوءَ هڪ گهٽ درجي واري طبقي سان واسطو رکندڙ غريب عورت هئي. جڏهن راڻي ٻڄي ڪوٽ ۾ آئي ته هن کي ٻني سازشن سان مقابلو ڪرڻو پيو. هڪ پاسي سميون راڻيون هيس ته ٻئي پاسي سنڌي سماج جا رويا ۽ ريتون رسمون هيون. ٻنهي محاذن تي مهاڏو اٽڪائڻ بجاءِ، نوريءَ نوڙت وارو رستو اختيار ڪيو.

سان سنڌي سماج کي پڪوڙيندا آيا آهن. تنڌا حاڪم گهڻو ڪري جاگيردار ئي هوندا هئا.

ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي لکي ٿو:

"جاگيردار ان کي چيو ويندو هو جنهن کي جاگير ڏني ويندي هئي، پيو زميندار هوندو هو جيڪو مقرر قيمت ڏيئي زمين جو مالڪ بڻبو هو. سنڌ ۾ جاگير لفظ جي معنيٰ گهڻن ئي قسمن جي ملڪيت جي مالڪي لاءِ ٿيندي آهي. پر حقيقي معنيٰ ۾ جاگيردار زمين جو خطو بنا ڪنهن معاوضي وٺندو هو جيڪڏهن معاوضو ڀريندو هو ته به ٿورو ۽ هوڏانهن ساري زمين جي ڍل پاڻ وٽ وصول ڪري رکندو هو. جاگيرون خاص طور تي انهن سردارن کي ڏنيون وينديون هيون، جيڪي هٿياربند محافظ مهيا ڪري ڏيندا هئا. اهي انهن اهلڪارن کي به ڏنيون وينديون هيون جيڪي سرڪاري فرض ادا ڪندا هئا. اهي گهرو ملازمن کي به ملنديون هيون. عام درٻارين کي به شاهي درٻار جي خوشنودي حاصل ڪرڻ کان پوءِ به ملي وينديون هيون. جاگير ۽ انعام ۾ بهرحال فرق هوندو هو. جاگير سان گڏ ڪي شرط به هوندا هئا جيڪي جاگيردار جي مرڻ کان پوءِ ختم ٿي ويندا هئا ۽ سَنَد واپس ورتي ويندي هئي ۽ حڪمران جي مرضي مطابق سندس وارث کي موٽائي ڏني ويندي هئي. انعام هڪ قسم جو تحفو هوندو هو جنهن تي دعويٰ ڪري ڪانه سگهبي هئي."(2)

چار تماچي گندرن جي پراڻي بخشش يعني ڪينجهر ۽ ڀرپاسي جون سڀ ڍنڍون سندن نالي تي بحال ڪيون ۽ اهو انعام سمن جي صاحبي تائين گندرن ۾ منتقل ٿيندو آيو ۽ اهڙي طرح گندرن کي مراعات يافته طبقي ۾ شامل ڪري ڇڏيائين.

فيروزا فقيرن تان، گهوري سڀ گهوريائين،
اتي عبداللطيف چئي، اڄلي اُمل ڏنائين.

(1–وائي)

اهي اهڙا جذبا هئا جن ڄام جي هستي ۾ تبديلي آڻي ڇڏي ۽ هن جو احساسِ ذات، زندگي ڏانهن وڌندو ويو. جيڪي ويچارا سارو ڏينهن ڪينجهر جي ڪپ تي مڏ مڪڙا موڙي، مڇي ماري ۽ بِهه ميڙي مياڻين ۾ اچي ڍير ڪندا هئا ۽ سندن زالون مڇيون ۽ پابوڙا واڻن تي ويهي وڪڻنديون هيون ۽ ٻار لڏڙن جيان لڙهندا هئا، سي سمي جي سُهج سان ساڃهه وارا ۽ سيبتا انسان بڻجي پيا. جيستائين انسانيت جو احساس مئل هو تيستائين ڄام ڪان اڳي وارا سڀ حاڪم ۽ جاگيردار اونده ۾ رهڻ جا عادي هئا ۽ منجهن سماجي رتبي ماڻڻ جي سوچ پيدا ڪونه ٿي هئي. شاه صاحب اهڙي ئي احساس کي اجاگر ڪرڻ لاءِ، انسان جي لاشعوري دنيا ۾ شعوري انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

ٻاريون، ڪاريون، ڇڄ، ڇپريون جن جي محبت مڇي ساڻ،
رهن وهن سير ٻانڊيُن، سڀ ئي بدبوءِ هاڻ،
لڏڙن جنءِ لطيف چئي، پاڻي وجهن پاڻ،
تن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪئو پاهجي.

(12–1)

انساني تاريخ انقلابن سان ڀري پيئي آهي، تبديلي ئي انساني وجود جي بقا ۽ خوبصورتي جي ضامن آهي. سڀ سماج اهڙن روين جا متلاشي هوندا آهن. جتي اها جستجو ۽ تلاش ختم ٿيو وڃي ٿي، اتي سماجي ترقيءَ جون راهون بہ مسدود ٿي وڃن ٿيون. مهاڻن جي تلاش، تبديلي جي خواهش ۽ سماجي ترقي جي طلب ايتري تہ زوردار ۽ چٽي هئي جو سڀ ڪان اڳ ۾ جنهن شيءِ جي نوري گهُر ڪري ٿي اُها ڍنڍن تان

محصول جي معافي آهي. آچپي جي گهُر آهي ۽ مسڪيني حال کان ٻاهر نڪرڻ جي گهُر آهي.

توں تماچي، تڙ ڌڻي، آئون گندري غريب،
توسين ڄام! قريب، ڪِي ڏنُ ڇڏائي ڏيج مون.

(7-1)

گندرن جي نسلي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته اها هڪ دولتمند ۽ متمدن قوم هئي، جنهن جو اصل وطن واديءِ مهراڻ ۾ "گندراديش" هو.(3)

رِگ ويد ۾ هن قديم قوم جو ذڪر هڪ شلوڪ ۾ ملي ٿو.

"راجا ڀاويا. جنهن جي حڪومت مهراڻ تي هئي تنهن جي راڻي "لوماسا" مڙس کي چوي ٿي: "مان چوٽي کان پيرن تائين گندرن وانگر ڍڪيل آهيان."

هن شلوڪ مان اها خبر پوي ٿي ته گندرا رِيڍار، رڍن جي اُن مان نهيل ڪپڙا ڍڪيندا هئا. اٿر ويد ۾ گندرن کي "گنداون" ڏيکاريل آهي ۽ برهمڻي لٽريچر ۾ گندرا ڄاڻايل آهي.(4)

گندرن جي تاريخي حيثيت متعلق ۽ نوريءَ ڄام تماچي سان ملندڙ جلندڙ هڪ ڪهاڻي مهاڀارت ۾ به بيان ڪيل آهي، جنهن ۾ راجا شانتنو هڪ مهاڻي گنگا سان پيار جي شادي رچائي ٿو. مهاڀارت جو هڪ مکيه ڪردار ڀيشم، گنگا جو پٽ هو جيڪو هڪ آدرشي انسان هو. جيتوڻيڪ نوريءَ ڪنهن اهڙي پٽ کي جنم نه ڏنو جنهن مهراڻ جي ماٽري لاءِ ڪو آدرشي ڪردار ادا ڪيو هجي. پر خود نوري اتهاس ۾ پنهنجو نالو لکرائي ويئي. هن ڪينجهر جي مهاڻن تان ڍل معاف ڪرائي ڇڏي ۽ تماچي کي احساس ڏياريائين ته سادگي کان وڌيڪ سونهن ڪا به ڪانهي.(5)

تهڙو ڪينجهر ڪين ٿئو، جهڙي سونهن سنديا سر،
مڏ مياڻيون، مڪڙا، مڙيئي معاف ٿياس،
مورچل مڻاس، اپو تماچي تي هٽي.

(24-1)

سماجي تبديلي جا ڪيترائي ڪارڻ آهن، پر سڀ کان اهم ڪارڻ نظرئي جي تبديلي آهي. ريتن رسمن جي بنياد تي نظريا قائم ٿين ٿا ۽ پوءِ اڳتي هلي اهي عقيدن جو درجو حاصل ڪن ٿا.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو شاه کي تبدل پسند سڏيندي چوي ٿو:

"شاه سائين اهڙو صوفي شاعر آهي جنهن وقت جا سڀ سياسي، سماجي ۽ شاعرانہ نظريا ٽوڙيا، سنڌي تصوف جو هڪ نرالو رنگ نکري نروار ٿيو، انڪري مذهبي ڪشمڪش گهٽبي ويئي ۽ نوان مذهبي نظريا انساني برادري ۾ رواداري جا علمبردار بڻيا."(6)

مهاڻن (گندرن) جي باري ۾ اسان وٽ اهو تصور هو تہ اهي ڪوجها، ڪارا، ڪِڪِي جي ڌپ وارا ۽ ميچ آهن. انهن جي ويجهو وڃڻ ۾ بدنامي آهي. اصل ۾ اهو نظريو سماجي اڻ برابري چاهيندڙ ٽولي جي گهڙيل سازش هئي جيڪا روايت جو روپ ڌاري سنڌي سماج جو هڪ اٽوٽ حصو بڻجي چڪي هئي. اهو لطيف سائين ئي هو جنهن سُر ڪاموڏ ۾ مهاڻن جي باري ۾ اهڙيون حقيقتون ظاهر ڪري، پراڻا قائم ڪيل نظريا پچي پور ڪري ڇڏيا.

نوريءَ جي نماڻائي، سادگي ۽ سونهن گندرن جي دنيا ۾ اهڙو انقلاب آندو جو هرڪو گندرو مان ۽ مرتبي جو مالڪ بڻجي پيو. انهن سان ملي مائٽي ڪرڻ ۾ هرڪو ماڻهو عزت ۽ مان محسوس ڪرڻ لڳو. اهو تاثر ڄام تماچي جي عمل سان سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيو پر ان تاثر کي عام ڪندڙ ۽ ابدي حيثيت ڏيڻ وارو لطيف ئي آهي.

ٿٺا تماچي ڄام سين، مهاٺا محروم،
ننڍيَ وڏيَ ڳنڍِريَ، مٿي ماڙي ڏوم،
جي ڪينجهر جي روم، سي سڀ انعامي ٿيا.

(16−1)

سمن جي صاحبي واري سماج کي ڏسبو ته ان وقت سنڌي سماج روايت، مٿ، وهم، عقيدي ۽ مخصوص معروضي حالتن جي شڪنجي ۾ ڦاٿل هو. ان آهني شڪنجي جي مضبوط سيخن کي سنڌ جي سمي حاڪم ڄام تماچي ٽوڙيو. جيتوڻيڪ ان جو محرڪ نوريءَ جي نماڻائي، سادگي ۽ سونهن هئي. نتيجي ۾ سماج جي هڪ پيڙ۾ يل ۽ پنتي پيلَ طبقي کي حرمت ۽ حوصلو مليو.

ادب ۾ پروسي واري ڪردار جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ سان ڳنڍ مجتا جو سهرو به شاه سائين کي سونهين ٿو. جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪٿي به اهڙي بخل کان ڪم ناهي ورتو . دراصل ڪنهن به سماج کي سڌارڻ ۽ فلاحي بڻائڻ جي جوابداري سڀ کان اڳ ۾ حاڪم تي عائد ٿئي ٿي، اهوئي سبب هو جو هن ڄام جي ڪردار جي اهميت ۽ عظمت کي جيئن محسوس ڪيو تيئن ئي پيش ڪيو.

سر سلامت سپرين! مُروڪَڻ تون مَر مريج،
آهين ٺار اکين جي، وٺان مون مَر وڃيج،
تماچي تڳيج، ڪو ڏينهن، ڪينجهر ڪنڌيين.

(1−2)

حاصل ڪلام ته شاه سائين سُر ڪاموڏ ۾ اهڙا سماجي مسئلا حل ڪيا آهن جن جو واسطو حال، ماضي ۽ مستقبل سان آهي. هو تبديلي واري عمل سان ڳنڍ تبليغ، ترويج ۽ محسوسات واري عمل مان به گذريو آهي. هو رمز ۽ علامت جو استعمال به ڪري ٿو ته تصويري پيڪر به جوڙي

ٿو. نوريءَ جي نماڻائي سان گڏ ڄام جي حاڪماڻي ذميواري. بصيرت، محبت جو انداز ۽ سماجي روش بيان ڪري، ادبي طور تي ان کي اعليٰ ۽ ارفع مقام تي پهچائي ڇڏيو اٿس.

نڪي ڄايو ڄام کي، نڪي ڄام وياءُ،
ننڍيَ وڏِيَ گندِري، سين آهه سياءُ،
"لم يلد ولم يولد"، اِيُ نجابت نياءُ،
ڪِبر ڪبرياءُ، تخت تماچي ڄام جو.

(10-2)

ڄام جي ايڏي تعريف ۽ واکاڻ ڪرڻ هر ڪنهن شاعر جو ڪم ناهي. اها اهڃاڻي ٻولي آهي. حقيقت ۾ ته ڄام مهاڻن جي خاندان مان نه هوندي به وڏي شان شوڪت ۽ دٻدٻي جو مالڪ هوندي به، نوريءَ جي ناتي مهاڻن جو ايڏو ته ويجهو عزيز ٿي پيو جو شاهه سائين ٻنهي ڪردارن جي اهميت کي محسوس ڪندي، انهن کي اهڃاڻي حيثيت بخشي ڇڏي.

شاهه سائين هڪ هنڌ بيٺل سماج ۾ فڪر ۽ تدبر وسيلي نيون راهون گهڙيون آهن. هڪ شاعر کي سماج جا ڪوڙ سارا واقعا ۽ ڪردار محرڪ بڻجي سامهون اچن ٿا. اها سندس خوبي ۽ پرکا ليکبي ته ڪهڙي واقعي ۽ ڪهڙي ڪردار کي هو اهميت ڏي ٿو. سُر ڪاموڏ جي حيثيت ان ڪري به اهم ٿي پيئي آهي جو شاهه سائين ڪينجهر ڍنڍ ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن کي سمبل (Symbol) ڪري چونڊيو ۽ ان ننڍڙي خطي جي حوالي سان سماجي ۽ ڪائناتي مسئلا حل ڪيا. مٿيون بيت انهي سماجي سوال کي سمجهڻ لاءِ به وڏي اهميت رکي ٿو.

شاهه صاحب وٽ فن ۽ سماج جا مسئلا به اهميت رکن ٿا. فن خلا ۾ لڙڪيل ڪو جادو ناهي پر هڪ ليکڪ جي ذهن جي پيداوار آهي جيڪو پاڻ سماج جو هڪ ذميدار فرد آهي ۽ پنهنجي سماج کان متاثر به آهي. شاهه

سائين سماج جي انهي اهم واقعي کي اجاگر به انهي ڪري ڪيو جو هو پاڻ ان واقعي جي محسوسيات مان گذري رهيو هو. هن اهو محسوس ڪيو ته ڄام جيان ٻيا به ته ڪوڙ حاڪم هئا جن انهي مسئلي کي بنهه ڏٺوئي ڪونه. پر ڄام تماچي جي حيثيت ان ڪري اجاگر ٿي جو هن نوريءَ جهڙي ٻي وس ۽ نماڻي عورت کي نوازيو. انهن جي مائٽن جا محصول معاف ڪيا ۽ انهن جي سماجي حيثيت کي بحال ڪير.

نوريءَ جي نوازيو، ٿيو تماچي تي،
گاڏي چاڙهي گندري، ماڙهو ڪئو مي،
ڪينجهر چوندا ڪي، ته سڄ سپائي ڳالهڙي.

(8-2)

اميري غريبي جي تمام وڏي تفاوت ۽ طبقاتي وڇوٽي ڪري، جيڪا سماجي ڪشمڪش پيدا ٿي هئي، اُن ڪشمڪش کي ختم ڪرائڻ ۾ نوريءَ جي تدبر ۽ حسن ۽ ڄام جي فهم ۽ عشق گڏجي وڏو ڪردار ادا ڪيو. لطيف سائين ان سماجي تبديلي کي محسوس ڪري، ان واقعي جي حيثيت کي سُر ڪاموڏ ۾ امر بڻائي ڇڏيو ۽ ٻنهي ڪردارن کي اهڃاڻي حيثيت ڏئي ڇڏيائين.

اڄ به اسان جو سماج، ڪالهه جيان تبديلي جو خواهشمند آهي. اڄ به ماڻهن جي مرضي آهي ته ڪو نوريءَ جهڙي تدبر ۽ حسن جو پيڪر پيدا ٿئي ۽ اڄ به ڪو ڄام جهڙو سماجي سوچ رکندڙ، خوبصورتين ۽ خوشبوئن جو متلاشي ميدان عمل تي اچي ۽ عوامي مسئلا حل ڪري، ڌرتيءَ کي امن، انسانيت، مساوات ۽ پيار جو گهر بڻائي ڇڏي. شاه سائين جو ويساه آهي ته هڪ ڏينهن هيءَ ڌرتي جنت جو نمونو بڻبي ۽ انساني گوندر گم ٿيندا ۽ هر پاسي خوشيون ۽ ڪستوريون پکڙبيون.

بکا پکارين چار تماچي آئيو،
گندر لاهيو گنڍريون! آتڻ اُجاريو،
ڪينجهر قرارئو، سمي سام بخشي.

(12-2)

حوالا:

1- بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر: "سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچي" لوڪ ادب جو ٽيهون ڪتاب، ادبي بورڊ ڪراچي، حيدرآباد، 1972ع، ص 229-230.

2- سورلي، ايچ-ٽي ڊاڪٽر: "ڀٽ جو شاه" (ترجمو) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي- 1992ع، ص 312.

3- مولائي شيدائي، رحيمداد: "شاه جا گندرا" (مقالو) ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1962ع، ص 191.

4- - ايضاً -

5- ابڙو بدر: "سنڌوءَ جو سفر"، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1994ع، ص 434-435.

6- ٻوهيو، الهداد ڊاڪٽر: "تنقيدون"، سنڌالاجي ڄامشورو 1980ع، ص 64.

شوڪت حسين شورو

# سنڌي ناٽڪ: موجوده صورتحال

ناٽڪ جو تعلق بنيادي طور اسٽيج سان آهي. ناٽڪ لکڻ يا ان کي ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي ڇڏڻ ان حد تائين اڌوري ڪوشش آهي جيستائين اهو اسٽيج تي پيش نٿو ڪيو وڃي. پريم پرڪاش جي لفظن ۾ "لکيل ناٽڪ، ناٽڪ نه پر اسڪرپٽ آهي. منچ تي پيش ٿيڻ بعد ئي لکيل يا ڇپيل ناٽڪ، ناٽڪ آهي." ساڳي ڳالهه مدن جماڻيءَ به چئي آهي ته ناٽڪ پڙهڻ لاءِ نه پر منچ تي پيش ڪرڻ ۽ درشڪن لاءِ ماڻڻ، يا ريڊيو، ٽي وي معرفت درشڪن / ٻڌندڙن لاءِ جنميا ويندا آهن.

سنڌ ۾ ناٽڪ ته گهڻا لکيا ويا آهن ۽ اهي رسالن ۾ يا ڪتابن ۾ ڇپيا به آهن، پر انهن مان ڪي اهڙا ٿورا خوشنصيب ناٽڪ آهن جيڪي اسٽيج تي اچي سگهيا آهن. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ناٽڪ کي نئين سر جيئارڻ جون ڪوششون ٿيون ۽ ان ڏس ۾ نيون ناٽڪ منڊليون به ٺهيون، پر اهي مستقل بنيادن تي ڪم نه ڪري سگهيون. هر ناٽڪ منڊلي هڪ کان وٺي وڌ ۾ وڌ ڇهن ستن جي عدد تائين ناٽڪ ڪري سگهي آهي. انهن ۾ سان گڏ مرزا قليچ بيگ، عثمان ڏيپلائي، منگهارام ملڪاڻي، رميش جاجاڻي، آغا سليم، قمر شهباز جهڙن مشهور ليکڪن جا ناٽڪ اسٽيج تي آندا. ڪجهه سالن کان پوءِ اهي ناٽڪ منڊليون گم ٿي ويون.

ٿيندو ائين رهيو آهي، ته ناٽڪ سان چاهه رکندڙ ماڻهن پنهنجي شوق خاطر وقت بوقت ڪوششون پئي ڪيون آهن، پر رنگ منچ ورهاڱي کان ڪ ٻارو اوج ڪو نه ماڻي سگهيو آهي ۽ نه وري اڄ تائين ٿيٽر

ڪمرشل بنيادن تي قائم ٿي سگهيو آهي. ڪمرشل رنگ منچ نہ هجڻ سبب ناٽڪن جون ٽڪيٽون ڪو نہ وڪامنديون آهن. ناظرين ۾ اها عادت ئي ڪانهي تہ اهي ٽڪيٽ خريد ڪري ناٽڪ ڏسڻ وڃن. رواج اهو آهي تہ ڪنهن بہ ناٽڪ کي اسٽيج تي آڻڻ کان اڳ دعوت جا ڪارڊ ڇپرايا ويندا آهن، جيڪي پهچ وارن يا سرڪاري طور Influential ماڻهن کي ڏنا ويندا آهن جتان Donation جي صورت ۾ ڪجهہ رقم ملي ويندي آهي ۽ ان رقم مان ناٽڪ تي ٿيندڙ خرچ جي پورائو ڪيو ويندو آهي. ناٽڪ منڊلين جي مالي حالت ڪمزور هجڻ سبب انهن جي لاءِ گهڻي وقت تائين جٽاءُ ڪرڻ هڪ نهايت ڏکيو ڪم آهي. ان ڪري هاڻي ڪجهہ ناٽڪ منڊلين NGO جو سهارو ورتو آهي.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سنڌ ۾ ناٽڪ جو شوق گهٽيو آهي. ان ڪري ننڍين ننڍين شهرن ۾ بہ مختلف نالن سان ناٽڪ منڊليون ٺهيل آهن، جيڪي سال ۾ هڪ بہ پيرا ڪو ناٽڪ اسٽيج تي آڻينديون آهن. انهن ناٽڪن جا ليکڪ، ڊائريڪٽر ۽ آرٽسٽ شوقين ۽ سيڪڙات ئي هوندا آهن. ناٽڪ منڊلين جي حوالي سان خاص طور حيدرآباد، لاڙڪاڻي، دادو ۽ ٺٽي ۾ ڪجهہ گروپ وڌيڪ سرگرم آهن. پر 2002ع ۾ جڏهن کان سنڌي ٽي وي چينل ڪي ٽي اين شروع ٿيو آهي تہ انهن ناٽڪ منڊلين جي سرگرمي متاثر ٿي آهي. ڪارڻ اهو آهي تہ اسٽيج جي ڪلاڪارن ڪي ٽي اين تي هلندڙ ٽي وي ڊرامن ڏانهن رخ ڪيو آهي. ٺٽي جا ڊرٽميٽڪ گروپ وري وڊيو مووي ناهڻ لڳا آهن.

ٽيڪنالاجي جو استعمال هاڻي اسٽيج ناٽڪن ۾ بہ ٿيڻ لڳو آهي، پر ان ۾ خرابي اها آهي تہ ناٽڪ مشيني انداز ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا جن ۾ ايڪٽر روبوٽ بنجي ويا آهن. ناٽڪ منڊليون پنهنجي سهوليت جي لاءِ ناٽڪ جو سمورو آواز وارو حصو يعني ڊائلاگ، موسيقي ۽ سائونڊ

افيڪٽس ٽيپ تي اڳواٽ رڪارڊ ڪري ڇڏينديون آهن. پوءِ اسٽيج تي شو ڪرڻ وقت انهيءَ ٽيپ کي هلائي ڪردارن کان اسٽيج تي رڳو چرپر Movement ڪرائي ويندي آهي.

حيدرآباد ۾ رنگ منچ جي پراڻي روايت کي جهولي لال ڊرئميٽڪ سوسائٽي ۽ قليچ سنگت جهڙيون ناٽڪ منڊليون اڃا زنده رکيو اچن. جهولي لال ڊرئميٽڪ سوسائٽي 1978ع کان ناٽڪ پيش ڪندي پئي اچي، جيڪي گهڻو ڪري نادر بلوچ ڪيا آهن. انهن ناٽڪن ۾ ڏکو پير پيران، جيجل ڌرتي ماءُ، وطن يا ڪفن، رت جا سهرا، هل صابل ميليءَ تي، مسٽر ٻٽاڪي، خميسو ڏچي ۾، سنڌ جو ماٺهو موتيءَ داڻو، عشق، عيد دل وارن جي، تماشو، مسٽر مداري، زال زهر مڙس ماکي ۽ ٻيا ڪيترا ناٽڪ اسٽيج تي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا پيش ٿي چڪا آهن.

پرياٽ آرٽ سرڪل جنهن مرزا قليچ بيگ، ماڻڪ ۽ شوڪت حسين شوري جا ناٽڪ اسٽيج تي آندا، 1985ع ۾ ان ناٽڪ منڊلي جو نالو بدلائي قليچ سنگت رکيو ويو. اها ناٽڪ منڊلي نثار حسيني جي قائم ڪيل آهي. ان طرفان شيخ اياز جو لکيل آپيرا "دودي سومري جو موت"، مرزا قليچ بيگ جو ناٽڪ "انڪوائري آفيسر"، قمر شهباز جو لکيل ناٽڪ "عيد برادري"، نثار حسيني جو ناٽڪ "منيٽ دي وتايو"، سنڌي ڪلاسيڪي شاعري خليفي نبي بخش جي رسالي ۾ سر ڪيڏاري تي نثار حسيني جو لکيل ناٽڪ "ڪرڙي ڪائي ٻت"، عثمان ڏيپلائي جو ناٽڪ "شاهدي" ۽ امداد حسيني جي نظم "حملو" تي ٻڌل ٽيبلو پيش ڪيا ويا آهن. انهن ناٽڪن جا ڊائريڪٽر نثار حسيني ۽ زيب نظاماڻي آهن.

21 صديءَ جي شروع ٿيڻ سان سنڌ جي رنگ منچ ۾ ڪجهه نوان تجربا ٿيا آهن ۽ انهن نيون اميدون پيدا ڪيون آهن. اسٽريٽ ٿيئٽر، شئڊو ٿيئٽر ۽ انٽر ايڪٽو ٿيئٽر ناٽڪ جا اهڙا روپ آهن، جن دنيا ۾ ۽ خاص طور

ٿرڊ ورلڊ جي پوئتي پيل ملڪن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي آهي. سنڌ ۾ به انهن جي شروعات ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن ناٽڪ جي اتهاس ۾ پوئتي نظر ڪجي ته سنڌ ۾ پراڻي زماني کان ميلن ملاکڙن ۾ مسخرا مختلف ڪردار ادا ڪري ماڻهن کي وندرائيندا هئا. اهڙن مسخري وجهندڙن Comedian کي Street player ۽ انهيءَ مسخريءَ کي Street play چئي سگهجي ٿو. جيڪو Folk theatre جي ويجهو آهي. هڪڙو ٻئي قسم جو عوامي تماشو جنهن کي ڀڳت ڪري چوندا آهن، اهو به سنڌ ۾ گهڻو مقبول هوندو هو. ڀڳت کي ناٽڪ جي شروعاتي صورت سڏي سگهجي ٿو. ڀڳت ۾ ڊائلاگ ۽ موسيقيءَ جو امتزاج هوندو آهي. ڀڳت صاحب پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي چم چم ڪندو آهي ته ان سان گڏ ڳائيندو به آهي. وري جڏهن ڳائڻ ختم ڪندو آهي تڏهن يا پنهنجي ساٿي ننڍي ڀڳت سان گفتگو (مڪالمو) ڪندو آهي، يا پاڻ ”ڳالهه“ کي اڳتي ڪڍندو آهي. ڳالهه يا ڪهاڻي هڪ ڀڳت جو موضوع هوندي آهي. افسوس جي ڳالهه آهي ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ناٽڪ جو اهو نج سنڌي نمونو ختم ٿي ويو. منهنجي خيال ۾ ڀڳت پڻ Folk theatre جو هڪ نمونو آهي.

موجوده دور جو Street Theatre نه رڳو وندر جو واهڻ آهي، پر ان جا سماجي ۽ سياسي مقصد به آهن. اسٽريٽ ٿيئٽر ماڻهن کي ڪميونٽيءَ جي حيثيت سان هڪ هنڌ گڏ ڪري پنهنجن مسئلن تي سوچ ويچار ڪرڻ جي موقعي سان گڏ حڪومت ۽ ان جي مشنري جهڙوڪ آفيسرن تي تنقيد ڪرڻ لاءِ Catharses جو ڪم پڻ ڏئي ٿو.

سنڌ ۾ هن وقت انڊس وئلي ٿيئٽر جوهي گروپ آف انٽرايڪٽو ٿيئٽر ۽ انڊس ريناسان ٿيئٽر ان ڏس ۾ ڪجهه ڪم ڪيو آهي، جيتوڻيڪ ... ان جا پوري رفتار نه پڪڙي آهي. انڊس وئلي ٿيئٽر پهرين انڊس ٿيئٽر جي نالي سان حيدرآباد ۾ اي-جي-چانڊيو ۽ سندس دوستن قائم ڪيو،

جنهن طرفان مارچ 2001ع ۾ حفيظ ڪنڀر جو لکيل اسٽريٽ پلي "سنڌو جو وچن" اشرف بلوچ جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. جنهن جو موضوع سنڌو درياءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ هو. اهو اسٽريٽ ٿيٽر حيدرآباد پريس ڪلب جي اڳيان روڊ تي پيش ڪيو ويو جنهن کي عام ماڻهن سان گڏ سياستدانن. ليکڪن، سماجي ڪارڪنن ۽ اخباري نمائندن ڏٺو ۽ ساراهيو. جنهن کان پوءِ سيپٽمبر 2001ع ۾ اشرف بلوچ آرٽس ڪائونسل ۽ انڊس ٿيٽر پارٽ ۾ گڏجي هڪ نئين انڊس وئلي ٿيٽر جو بنياد وڌو جيڪو پروفيشنل ۽ Committed آرٽسٽن جو سنگم آهي. ان گروپ جو چيئرمين اي- جي- چانڊيو ۽ سيڪريٽري اشرف بلوچ آهي، جيڪي ٻئي ايڪٽر هجڻ سان گڏ ڊراما ڊائريڪٽر پڻ آهن. انڊس وئلي ٿيٽر جا مول متا اهي آهن ته عوام کي آرٽ جي وسيلي سماجي نابرابري، اظهار جي آزادي، انساني حقن جي لتاڙ ۽ بنيادي سماجي حقن بابت ڄاڻ ڏني وڃي ۽ امن جو پرچار ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ اهو به ته هڪ فنڪار کي سماجي ترقيءَ ۾ پنهنجو گهربل شعوري ڪردار ادا ڪرڻ کپي. انڊس وئلي ٿيٽر Awareness through Art ۽ Advocacy through Art جو نعرو بلند ڪيو آهي.

انڊس وئلي ٿيٽر طرفان امن سيمينار جي موضوع تي هڪ نئون ڊرامائي تجربو ڪيو ويو. "محبت، جنگ ۽ جدوجهد" جهڙن خيالن جي چوڌاري ڦرندڙ اردو جي شاعر ساحر لڌيانوي جي ڊگهي نظم "پرڇائيان" کي مڪمل طور Shadow Play جي ٽيڪنڪ ۾ پيش ڪيو ويو. 2002ع ۾ ان ٿيٽر طرفان سنڌ جي صحافين سان ٿيندڙ ڏاڍاين جي خلاف اسٽريٽ ٿيٽر "آئينو" ۽ ان کان پوءِ نيوڪليئر تجربن جي خلاف اسٽريٽ ٿيٽر Farewell to arms پيش ڪيا ويا. انڊس وئلي ٿيٽر ساڳئي وقت روايتي اسٽيج ناٽڪ جي ڏس ۾ سنڌ جي ٻن مشهور لوڪ ڪٿائن تي ٻڌل ناٽڪ "عمر مارئي" ۽ بعد ۾ "مومل راڻو" کي پڻ اسٽيج تي پيش ڪيو ويو. انهن

ناٽڪن جا اسڪرپٽ الطاف سومرو لکيا ۽ ڊائريڪٽر خالد ڪليار هو.

هڪ ٻيو گروپ انڊس ريناسان ٿيئٽر آهي جيڪو حفيظ ڪنير قائم ڪيو آهي. هن گروپ ٿيئٽر ۾ جديد ٻاڙن ۽ روايتن کي آندو آهي ۽ ٿيئٽر جي Form تي تجربا ڪري ان کي وڌيڪ آسان ۽ ماڻهن جي ويجهو آندو آهي. ان گروپ جيڪي ٿيئٽر ڪيا آهن تن ۾ درياءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ واري موضوع تي "نديءَ جو نوحو" ۽ .سنڌوءَ جو وچن" کان پوءِ امن جي موضوع تي it is enogh کان سواءِ Child Labour ۽ Child abuse ٽوڙي ڇوڪرين جي تعليم جي موضوعن تي مختصر ٿيئٽر پيش ڪيا آهن.

اسٽريٽ ٿيئٽر سان گڏ انٽرايڪٽو ٿيئٽر پڻ Brain storming ٿيئٽر طور متعارف ٿيو آهي جنهن ۾ ڪلاڪارن ۽ درشڪن جي وچ ۾ ڊائيلاگ تي سگهندو آهي. هن نئين ٿيئٽر ۾ ڏسندڙن مان ڪي به ماڻهو ڪو به نئون ڪردار ادا ڪري ناٽڪ ۾ ڦيرڦار آڻي سگهن ٿا. اسٽريٽ ٿيئٽر ۽ انٽرايڪٽو ٿيئٽر ۾ جيڪو خاص فرق ڄاڻايو وڃي ٿو اهو سوشل ۽ سياسي ٿيئٽر جو چيو وڃي ٿو. اسٽريٽ ٿيئٽر هڪ نعرو Slogan سمجهڻ گهرجي. ان جو باقاعدي هڪ اسڪرپٽ هوندو آهي جنهن ۾ ڪلائميڪس آهي، جڏهن ته انٽرايڪٽو ٿيئٽر ۾ گهڻو ڪري ڪو باقاعدي اسڪرپٽ ڪونه هوندو آهي. ان ۾ درشڪن کي involve ڪري بحث ۽ سوالن کي جنم ڏنو وڃي ٿو.

سنڌ ۾ هن وقت انٽرايڪٽو ٿيئٽر جي حوالي سان جوهي گروپ آف انٽرايڪٽو ٿيئٽر، مرڪ ڊرئميٽڪ سوسائٽي ۽ انڊس ريناسان ٿيئٽر NGO طور ڪم ڪري رهيا آهن. انهن ٽنهي گروپن لاهور جي Interactive Resource center يا (IRC) مان ٽريننگ حاصل ڪئي آهي. جيڪو پڻ هڪ NGO آهي. هن گروپ ناٽڪ ۽ رهس جي وساري ڇڏيل روايتن کي نئين سر زنده ڪيو آهي، ان جي هر ناٽڪ ۾ زندگيءَ جا سچا ۽ اصلي واقعا

پورچوگيزن ٺٽي تي حملو ڪري ان کي ڦري لٽي تباھ ڪيو ھو. تاريخي ناٽڪن ۾ "آخري رات" ممتاز مرزا جو شاھڪار ريڊيو ڊراما آھي، موھن جي دڙي جي تباھي ان ناٽڪ جو موضوع آھي.

آغا سليم 1963ع ۾ پھريون ريڊيو ناٽڪ "واپسي" لکيو. ان کان پوءِ "روپ بھروپ"، "گل چنو گرنار جو" سندس مشھور ڊراما آھن. ابن الياس سومرو، ڊاڪٽر محمد ابراھيم خليل، زيب عاقلي، مراد علي مرزا، عبدالغفور انصاري، غلام حيدر صديقي ريڊيو جا اوائلي ناٽڪ لکندڙ ھئا. انھن کان پوءِ امر جليل، قمر شھباز، شوڪت حسين شورو، عبدالقادر جوڻيجو، قاضي خادم، انور بلوچ، سيد ماڪن شاھ رضوي، حيات علي شاھ بخاري، ريڊيو پلي جا ناميارا ليکڪ ٿي اڀريا. ھن وقت ريڊيو پاڪستان جي حيدرآباد، ڪراچي، لاڙڪاڻو ۽ خيرپور جي اسٽيشنن تان سنڌي ڊراما نشر ٿيندا رھن ٿا.

جڏھن پاڪستان ٽيليويزن شروع ٿي تہ آھستي آھستي ريڊيو ناٽڪن جي مقبوليت گھٽجڻ لڳي ۽ ماڻھو ٽي وي ناٽڪ وڌيڪ دلچسپي سان ڏسڻ لڳا. پاڪستان ٽيليويزن جي ڪراچي سينٽر تان 22 جنوري 1970ع کان سنڌي پروگرام شروع ٿيا. ٽي وي تان سنڌي ناٽڪ پيش ڪرڻ جي سلسلي ۾ شروع ۾ گھڻين مشڪلاتن کي منھن ڏيڻو پيو. خاص طرح سان سنڌ ۾ اسٽيج ڊرامن ۽ ناٽڪ منڊلين جي ختم ٿي وڃڻ سبب سٺا ڊراما رائٽر ۽ ڪلاڪار ملي نہ پئي سگھيا. ڪراچي ٽي وي تان سڀ کان پھريون ٽي وي پلي مرزا قليچ بيگ جي ناول "زينت" جو ڊرامائي روپ 1970ع ۾ پيش ٿيو. ھن ناول کي ڊرامائي روپ شمشيرالحيدري ڏنو جيڪو 25 منٽن جي ٽن قسطن ۾ ھليو. ھن ناٽڪ جو پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر عبدالڪريم بلوچ ھو. "زينت" کان پوءِ علي بابا پنھنجي ڪھاڻي ھي جيون ٿي سپنا" کي ٽي وي ناٽڪ جو روپ ڏنو. ٽي وي جو پھريون

اصلوڪو ناٽڪ امر جليل جو لکيل هو، جيڪو 1971ع ۾ "اونڌهه ۽ روشني" جي نالي سان پيش ٿيو.

ٽيليويزن جا سيٽ جيئن گهر گهر ۾ عام ٿيندا ويا، تيئن ٽي وي ناٽڪن جي مقبوليت به وڌندي وئي. ٽي وي ناٽڪن رنگ منچ جي کوٽ کي ڪنهن حد تائين پورو ڪيو ۽ ٽيليويزن جڻ رنگ منچ کي ماڻهن جي گهر ۾ اندر ڪٺي آئي. پاڪستان ٽيليويزن جي ڪراچي سينٽر تان پهريون هر هفتي 25 منٽن جو ٽي وي پلي هلندو هو. سنڌي ماڻهن جي مطالبن سبب نيٺ ان جو وقت وڌائي 50 منٽ ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ نشر ٿيل مونو پلي توڙي ٽي وي سيريل سنڌيءَ جي مشهور ڪهاڻيڪارن جا لکيل آهن. عبدالقادر جوڻيجي جي لکيل سيريل "راڻي جي ڪهاڻي" جيڪا پهرين سنڌيءَ ۾ قسطوار هلي. سا وري جڏهن اردو ۾ "ديوارين" جي نالي سان پيش ڪئي وئي ته ان تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي ۽ ان کي بهترين ٽي وي سيريل جو ايوارڊ ڏنو ويو. ساڳئي ليکڪ جي ئي سنڌي سيريل "خانصاحب" جڏهن اردو ۾ "ڇوٽي سي دنيا" جي نالي سان نشر ٿي ته اها نه رڳو ملڪ اندر پر ٻاهر پڻ نهايت ڪامياب سيريل ثابت ٿي ۽ ايوارڊ حاصل ڪيا.

سنڌيءَ جو ناميارو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار علي بابا پڻ ٽي وي ناٽڪن جو اهم ليکڪ آهي. علي بابا جو مونو پلي "دنگي منجهه دريا" کي 1976ع ۾ ميونخ جرمنيءَ ۾ ٿيل انٽرنيشنل فيسٽيول ۾ ٽيون نمبر انعام مليو. هن ناٽڪ ۾ دريا ۾ پلا پڪڙڻ وارن مهاڻن ۽ سندن سنڌو درياءُ سان عشق کي خوبصورتي سان پيش ڪيو ويو هو. علي بابا ٻيا به ڪيترائي مونو پلي ۽ سيريل لکيا آهن. انهن ليکڪن کان سواءِ ٽي وي ناٽڪ جا ٻيا سر موڙ ۽ سرواڻ ليکڪ آهن، قمر شهباز، آغا سليم، شمشير الحيدري، مراد علي مرزا، شوڪت حسين شورو، آغا رفيق، قاضي خادم، ماڻڪ،

محمود مغل، اياز عالم، طارق عالم، ڪيهر شوڪت، رزاق مهر، زيب سنڌي، حفيظ ڪنير ۽ عزيز ڪنگراڻي.

پاڪستان ٽيليويزن تان پيش ٿيل سنڌي ناٽڪن ۾ اسڪرپٽ توڙي پيشڪش جو اعليٰ معيار قائم رکيو ويندو هو، جيڪو هاڻي ڏينهون ڏينهن ڪرندو نظر اچي ٿو. هڪ نئين سنڌي سيٽلائيٽ چينل ڪي ٽي اين تان پڻ سنڌي ناٽڪ پيش ڪيا وڃن ٿا، پر اهي معيار جي لحاظ کان ايترا سٺا نہ هوندا آهن. پوءِ بہ اها حقيقت آهي تہ هن وقت ٽي وي ناٽڪن کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي ۽ ماڻهو انهن کي گهڻي شوق سان ڏسن ٿا.

ٽي وي ناٽڪ جي مقبوليت پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌ ۾ ٿيئٽر جي ڪميءَ جو احساس پوءِ بہ شدت سان محسوس ٿئي ٿو ۽ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ رنگ منچ جي جيڪا پنهنجي خوبصورتي آهي ان کان سنڌ جي اسٽيج اڃا وانجهيل آهي.

شيخ محمد اسماعيل

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سماجي فڪر

شاهہ صاحب جو ڪلام سنڌي معاشري ۽ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي حالات جو آئينو آهي. جيتوڻيڪ هن پنهنجي ذاتي، جذباتي ۽ فڪري احساسن جو اظهار گهڻو ڪري سنڌ جي نيم تاريخي عشقيہ ڪردارن جي تمثيل ۾ ڪيو آهي، ليڪن ڪيترائي سخا ۽ سورهيائي جا سرواڻ، سچائي ۽ منافقي جا اهڃاڻ، غلامي ۽ آزادي جا احساس بہ سندس بيتن جا موضوع آهن. شاعر نہ رڳو پنهنجي دور جو ترجمان آهي، پر ساڳئي وقت نقيب بہ آهي ننهنڪري شاهہ صاحب پنهنجي دور ۾ جيڪي ڏٺو، جيڪي محسوس ڪيو، نہ فقط ان جو اظهار ڪيو پر شاندار ماضي جي روشني ۾ حال جي پستيءَ جا اسباب بيان ڪندي مستقبل جي جياپي لاءِ بہ راهہ ڏسيائين. شاهہ صاحب جي ڪلام مان اهڙن مثالن پيش ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي تہ سندس دور جي سماجي حالات جو جائزو وٺجي تہ انهن سببن کان آگاهي ٿئي جن شاهہ صاحب کي متاثر ڪيو.

شاهہ صاحب جي ولادت سنہ 1102هہ (1689ع) ۾ ٿي، ۽ 1125هہ (1752ع) ۾ وفات ڪيائين. سنڌ تي اهو دور مغل نوابن (1587-1700ع) ۽ ڪلهوڙن (1700-1783ع) حڪمرانن جو هو، جيڪو وڏي افراتفري وارو دور هو. هڪ طرف مغل ڇاڻي ٻجهي عام سنڌي

ماڻهن کي سنڌ ڇڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا هئا ته جيئن اتي پنهنجن انهن ماڻهن کي آباد ڪن جيڪي اڳتي هلي مغل حڪومت جي استحڪام جو باعث بنجن. ٻئي طرف ڪلهوڙن جي دور ۾ افغانن جي سنڌ تي لاڳيتن حملن ۽ لٽ مار سنڌ جي اقتصادي حالت کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. انهي افراتفري واري ڏکي عرصي ۾ نه صرف شهري علائقن مان سنڌي عالم ۽ واپاري لڏي پلائي ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ عربستان ڏانهن هجرت ڪري تي ويا، پر عام ماڻهو به بک، بيروزگاري ۽ بدامني جو شڪار ٿي خانہ بدوشي واري زندگي گذاري رهيا هئا. سنڌ جي پيداوار ۽ محصولات جو وڏو حصو نوابن جا نوازيل ڪارندا هڙپ ڪري ويندا هئا. سنڌي ماڻهن جي جان ۽ مال جا مالڪ به اهي ئي هوندا هئا. نه شخصي آزادي هئي نه ته قومي تشخص جو تصور.

مغلن سنڌ تي سوا سؤ کن سال حڪومت ڪئي هئي، پر ڪلهوڙن جي دور ۾ به کين دهلي حڪومت جي پٺڀرائي هئي، ڇاڪاڻ ته ڪلهوڙن جا اوائلي حاڪم به دهلي حڪومت جا نمائندا هئا. تنهن ڪري ان دور ۾ به کين سنڌ جي سماجي ۽ سياسي زندگي ۾ ڪافي عمل دخل حاصل هو. ڪلهوڙن کي جيئن ته سنڌ جي پوري حصي تي حڪومت ڪرڻ جا اختيار مليل هئا، پيو ته اقتصادي لحاظ کان به گهڻو ڪمزور هئا. تنهنڪري آسپاس جي رياستن کان به دٻيل رهندا هئا. خصوصن افغان حملہ آورن کين سک سان ويهڻ نتي ڏنو ۽ ڪلهوڙن هر سال انهن کي ڏن ڏيئي جند تي ڇڏائي. اها صورتحال ميان غلام شاهہ جي تخت تي ويهڻ تائين هلندي رهي. ميان غلام شاهہ پنهنجي حڪمت عملي ۽ همت سان سنڌ جي آزاد ۽ خودمختيار حڪومت قائم ڪئي، مگر اهو به گهڻو وقت پنهنجن پروارين رياستن سان جنگين ۾ مصروف رهڻ ڪري ملڪ جي اندروني حالتن ۽ سازشن کي منهن ڏيڻ ۾ گهڻو ڪامياب نه ٿيو. البت

ملڪ کي آباد ڪرڻ ۽ سماجي سڌارن لاءِ وڏي ڪوشش ورتائين.

شاهه صاحب سنڌ جي انهي استحصالي دور ۾ جائو ۽ نپنو. ننڍپڻ کان ئي سنڌ جي ڏکوئيندڙ حالتن، عام ماڻهو جي بيوسي، محتاجي، مفلسي، منافقن ۽ غدارن جي خوشحالي، وطن دوستن تي قيد و بند جا عذاب ۽ سچائي کي سوري چڙهندي ڏٺائين.

هر شاعر جڏهن پنهنجي حال کان ٻاهر تي قومي شعور جي احساس سان هم آهنگ ٿئي ٿو، تڏهن هو چاهي ٿو ته سندس وطن خودمختار ۽ خوشحال هجي، هر ماڻهو آزاد هجي ۽ آزاديءَ جي نعمتن سان مالا مال هجي. شاه صاحب به يقينن انهي جذبي ۽ احساس سان جڏهن پنهنجي وطن جو جائزو ورتو تڏهن کيس منفي حالات نظر آيا. عام ماڻهو جي اخلاقي ۽ اقتصادي حالت تباه هئي. ان جي برعڪس خوشامدڙين ۽ منافقن کي موج مستيون ڪندي ڏٺائين، اهڙي حالت ۾ هن ٻهرياڻين ماضي جي انهن سورهيه سرويچن کي ياد ڪيو جن جي دور ۾ سنڌ کي اهي سيئي نعمتون حاصل هيون ۽ هن اهڙن ڪردارن جي ميدان ۾ ٽپي پوڻ جي تمنا جو اظهار ڪيو، جيڪي معاشري مان انهن براين کي تڙي ڪڍن، پر هر طرف کان نا اميد تي چيائين ته:

ساٿي سي نه پسان، جي هئم هنئين ٽوٽيون،
هاٿي ڪنهين جي، وجيو اگڻ اُيبان.
جني ريجهاٿا راڇيا، ڪِتي سي ٽَنبير،
وِيڙا وڏيءَ وير، ڪُلهي رکي ڪينرا.
جيڪس جيلاهين، مارو ناه ملير ۾،
منهنجي تيلاهين، اڇيو ڪونه ڪَر لهي.
ويا مور مري، هنجهه نه رهيو هيڪڙو،
وطن تيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو.

انهن بيتن مان شاهہ صاحب جي زماني سان شڪايت، سار لهندڙ سڄڻن جي عدم موجودگي ۽ وطن ۾ منافقن ۽ دغابازن جي سرسيءَ جو اظهار ٿئي ٿو.

اهڙن دوستن کي بہ مدد لاءِ سڏيائين، جن مان اميد هئي تہ من اهي ڏکئي وقت ۾ مصيبتن مان ڇوٽڪارو ڏيارين، پر اهي جاني زباني هئا جن رڳو ٻري ڪان ويٺي دوستيءَ جو دم هنيون. تڏهن چيائين تہ:

سڏ سڄاڻي پرين جو، وانگي جي نہ ورن،
ڪچاڙي کي ڪن، ڪوڙي دعوي دوست جي.

شاه صاحب پنهنجي قوم جي بيوسي جو سبب سهي ڪيو تہ ڌارين جي مسلسل حملن ۽ ڦرلٽ، اندروني قومي گروه بندين ۽ اختلافن، مذهبي تفرقي بازين قوم کي ساٺو ۽ بي حس ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي حالت ۾ ڪنهن بہ ٻاهرين مدد جي اميد نہ رکي، جيستائين خود قوم پنهنجو پاڻ مان اختلاف ڪڍي، متحد ٿي، اجتماعي طور جدوجهد نہ ڪندي تيستائين نجات نہ تيندي. فطري اصول بہ اهو آهي تہ قوم جيستائين پاڻ پنهنجي قسمت بدلائڻ جي ڪوشش نہ ڪندي تيستائين ظالم جي پيڙا ۾ گرفتار رهندي.

شاهہ صاحب ڏٺو تہ قوم نااميدي جي انهيءَ حد تائين پهچي چڪي آهي جو جيڪي ڪجهہ مٿس گذري ٿو، ان جو احساس بہ نہ رهيو آهي. تڏهن پڇي ٿو تہ: نکٽن جي بدلجڻ يعني وقت گذرڻ سان بہ تو ۾ ڪا تبديلي ڪانہ ٿي اچي، ۽ نہ وري تنهنجي تڪليفن ۾ ڪو وقفو پوي ٿو. ان جي باوجود پنهنجي اها حالت الله جي طرفان ٿو ڀانئين، حالانڪ اها تنهنجي پنهنجي ڪوتاهي آهي، پر انهي سموري سودو زيان جي خبر هوندي بہ اطمينان سان پيو هلين ۽ چوين پيو تہ سڀ خير آهي!

نکو سک نکتين، نہ ويساند نَئِين،
جيکي اچئي سامهين، پانيئن سا سَنئِين،
مُوڙي چو نہ مَئِين، جين سچيون راتيون سمهين!

اهڙي حالت ۾ هڪ شاعر ڪيئن تو خاموش رهي سگهي! انسان اڪيلي سر ڪجھ بہ نہ آهي، فرد جو وجود افراد سان آهي، جيستائين جمعيت ناهي تيستائين ڪا بہ انساني ڪوشش نتيجہ خيز ثابت نہ ٿيندي. جيئن ظلم جي عمل ۾ ظالم اڪيلو نہ هوندو، پر ساڻس ٻيا بہ مددگار هوندا آهن، تيئن مظلوم بہ ان کي تڏهن مات ڪري سگهندو جڏهن ان سان بہ مظلومن جو ساٿ هجي. جيڪڏهن جابر سان ٽولو شامل هوندو تہ جبر جي ڪوٽ ڊاهڻ لاءِ مجبور جو اجتماع هئڻ بہ ضروري آهي. شاهہ صاحب فڪر جي انهي نڪتي جي اُپٽار ڪندي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي آزاديءَ لاءِ اجتماعيت جو پيغام ڏنو تہ جڏهن ايرا سيرا سيئي گڏجي جدوجهد ڪندا تڏهن ئي ڪاميابيءَ جي منزل ماڻي سگهبي. فرمائي ٿو تہ اهي سرويچ ۽ سچاڻ اڳواڻ سوڀ لائق آهن، جيڪي سمر ساڻ ڪٺي اُيرن ۽ هيٺن کي ساٿ ۾ پيڙو ڪن ٿا:

مَيَن متي سَمرا، ڪُهين سڏ ڪَرينِ
ساٿ نباهيونِينِ، ايءَ پر سنڌي سچٽين.

صلاح ٿو ڏئي تہ: پنهنجي ساٿ ۾ سڀ قسم جا ماڻهو گڏ ڪرڻ، ڪنهن کي بہ گهٽ وڌ نہ ڄاڻ، ڇو تہ اهي هن ڌرتيءَ جا آهن، ۽ پنهنجي سماجي تعلق سبب توکي اويل سويل اچي سڏ ۾ سڏ ڏيندا.

ڪانڌ مَ وڪڻ ڪُنديون، ڌڻ سيوئي ڌار،
اپريون سيريون پانهنجون، سسَيون، سڀ سنيار،
ٻَن ڇڏي ڇَنِ پَئِي، وڃي ولهارن وار،
تہ اڳڻ اچي ٻُهار، سُرلا ڪنديون سڏڙا.

پر اول انهن کي ڀيڙو ڪرڻ گهرجي جيڪي اوڏڙا پرپاسي ۾ ويٺل آهن، يعني قريب آهن. جيٰ انهن جي سات ڪانسواءِ ٻئي هنڌ وڃي فريادون ڪندين تہ ڪهڙو فائدو؟

وري پڇ ويٺين کي، موتي پڇ پانهين،
عبث اڳاهين، وڃو ڪُوڪين ڪانڌ کي!

اجتماعيت جو بنيادي شرط آهي تہ ڏک ٻک، سفر حضر ۾ وک وک سان ملائي گڏ هلجي. جيڪو پوئتي رهيو، سو منزل کان محروم رهندو.

ڇڄ مَ قطاران، سات ڇڙهندو لڪئين،
مَـڇُـڻ تيئن پُـٺان، وڳ واٿين نہ لهين!

اجتماعيت جو بنيادي اصول آهي تہ دعوت مسلسل ڏجي ۽ وري وري وٺن وڃجي، جيئن عام کي مقصد جي آگاهي ذهن نشين ٿئي. وري وري پيغام ڏيڻ سان نيٺ ڪنهن نہ ڪنهن منزل تي اهي بہ اچي سات ۾ شامل ٿيندا.

واڪو هڏ مَ لاهہ، ڪر سڏن متي سڏڙا،
مانَ تنهنجي ڪاءِ، سڳر ۾ سارَ ٿئي.

قوم کي اجتماعي طور ڪنهن مقصد تي گڏ ڪرڻ ۾ اڳواڻ کي جيڪي رڪاوٽون درپيش اچن ٿيون، تنهن بابت بہ شاهہ صاحب کي اهڃاڻ ڏنا آهن. مثلاً: سستي ۽ بي حسي، اڻ چاٽائي، ڏارين، وٽ سرخروئي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جي ٻولي ۽ رسمون اختيار ڪرڻ، ۽ بي علمي، هڪ سڄاڻ اڳواڻ جو ڪم آهي تہ سست، بي حس ۽ اڻ ڄاڻ ماڻهن کي سندن خامين ۽ ايندڙ خطرن کان آگاهہ ڪري، هوشيار ڪري. جيئن شاهہ صاحب پنهنجن بيتن ۾ سست ۽ غافل ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ غير ملڪي استحصال ڪندڙ ڏاڙيلن کان آگاهہ ڪيو تہ:

دنگي وچ درياءَ، ٻڏي ڪي اُپڙي،
هو جي واڍي واٺيا. سي سونهڻ سڀ سڙيا.
ملاح تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا.
جتي ڍينگ ڍريا. تتي تاري تنهنجي.

يا وري انهن دشمن کان هوشيار ڪيو، جن اڳئي ڪئين ڪٽنب ماري ناس ڪري ڇڏيا هئا. اهي اجا تائين دغا ۽ دولاب جو ڄار پکيڙيو ويٺا آهن.

ڪونج تہ پسين ڪک، ڍڀ جنهين سين ڍيو.
ماريءَ ماري ٻک، وڳر هٽي ويڇون ڪيا.

دشمن ٻهروپي دغاباز آهي، جيڪو ظاهري طرح مسڪين بنيو پيو هلي پر اندروني اندر شڪار ڪندو ماريندو رهي ٿو:

بغل منجهہ بندوق، ماري ميرا ڪپڙا،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيو لَڪ چڙهي.

هڪ طرف شاهہ صاحب، قوم کي اندروني توڙي ٻيروني دشمن کان خبردار ٿي ڪيو تہ ٻئي طرف ڪاهل ۽ غافل قوم کي ننڊ مان بيدار ڪرڻ جو ڪم بہ سرانجام ٿي ڏنو تہ: ڪنهن جي آسري ننڊون پيو ڪرين! توتي مصيبت آئي بيٺي آهي، اوچتو اچي ڪڙڪنديءَ، ڏسين ڪونہ پيو تہ ٻيا تو جيڏا ۽ تنهنجا ساٿي سڀ موت جي لهرين ۾ مري کپي ويا آهن!

سُتين ڪهڙي سار، وچ ڪونديءَ ويسرا،
تو جيڏا تويار، لهرين لهوارا ڪيا.

يعني جيڪي اڻ ڄاڻائي سان ايندڙ مصيبت کان بچاءُ لاءِ ڪا بہ تياري ڪرڻ کان ڪيٻائين ٿا، يا نظرانداز ڪن ٿا، تن کي اها خبر ئي ڪانهي تہ انهن وانگر ٻيا بہ ڪيترائي غافل لهرين جو ٻک ٿي ويا آهن.

ڏونگر نہ ڏوري، سِڪڻ جون سَڏون ڪري،
ويني گهر گهوري، متان پرين جندڙو.

مقصد هي آهي تہ فقط سَڏون ڪرڻ سان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. جيسين عملي طرح تڪليفن ۽ ڏکن سان آشنائي نہ ٿيندي، يا عملي جدوجهد ۾ حصو نہ وٺبو.

سُتوئي سيج گهرين، جفا ڏيئن نہ جان،
صلح ري سيٽانِ، متان تُونڌين نہ چڙهين.

ان جي برعڪس شاهہ صاحب، صلاح تو ڏيئي تہ: اڇوڪو ڏينهن تہ اٿين ويو پر سياٽي ڇا ٿيندو؟ ان جو ڪو اونو رکيو اٿئي؟ جي توکي پاڻ کي سرخرو ڪرڻو آهي تہ پوءِ پاڻ کي آزمائش جي مچ ۾ اڇلائي وجهہ. ۽ تنهنجي زندگيءَ جو مقصد ٿي هجي پاڻ کي آزمائش ۾ وجهڻ. جن سياٽي يعني مستقبل کي نظر ۾ نہ رکيو سي تباهہ ٿي ويا. تنهنڪري حال جيڪي هلي پيو، ان کي اهڙيءَ ريت پنهنجي وس ۾ آڻ جيئن سياٽي تنهنجي لاءِ سودمند ٿئي.

پتنگ چايين پاڻ کي تہ ڇيري پوءُ ڇاٽي،
تان تان تاٽج تيڏهين جان آڳ نہ اُجهاٽي،
هيءَ هڏ وهاٽي، ڪڙهہ ڪالهوٽي ڏينهن کي.
ڪتڻ جي ڪانہ ڪرئين، سُتي ساهئين هڏ،
صباح ايندئي اوچتي عيد اگهاڙن گڏ،
جت سرتيون ڪندئي سڏ، ات سڪندئين سينگار لئي.

قوم ۾ گروهہ بندي ۽ نفاق جو باعث اهي اڌ پڙهيا، اڻ پڙهيا ۽ گمراهہ اڳواڻ آهن، جيڪي پاڻ مصلحتن ۾ گرفتار آهن، منافقي ۽ خودغرضي سندن شيوو آهي. اهي ماڻهن کي ڇاٽي ٻجهي يا اڻ اڄاڻائي کان سنئين ۽ صحيح راهہ تان هٽائي ٿا ڇڏين. اهي جهالت ۽ گمراهہ

ڀڪيڙيندڙ آهن. شاهہ صاحب اهڙن اڳواڻن وٽ ڦاسڻ کان بہ خبردار ڪيو آهي تہ:

سُونهان چائين، سُڌ نہ پئين، سسئي پڇ مَ سي،
متان ئي توکي، منجهائينِ مارڳ ۾.

اهي اڻ پڙهيا عالم جيڪي نہ اصل حقيقت کي ٿا سمجهي سگهن ۽ نہ وري ڪا رهنمائي ڪري سگهن ٿا. اهي انڌن مثال آهن جيڪي رڳو اجايو بحث ڪن ۽ ڪوڙيون فتوائون ٿا ڏين:

مُئي هاٿي سين مامرو، اچي پيو انڌن،
مناڙين هٿن سين، اڪئين ڪين پسن،
في الحقيقت فيل کي سڃا سڃاڻن،
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

اهڙن بي عقلن کي ڇا چئجي ۽ ڇا سمجهائجي؟

انهئون اکر هيڪڙي، ٻيو جي نہ ٻجهن،
ڪوه ڪيو کي تن، سچي سٽائي ڳالهڙي!

تنهنڪري شاه صلاح ڏني آهي تہ اهڙن منافقن ۽ انڌن وٽ وڃڻ ۽ انهن کان رهنمائي وٺڻ نقصانڪار آهي جو اهي ماڳهين جيڪي آهي ان کي بہ ناس نہ ڪري ڇڏين!

جي نہ سڃاڻن سچ کي، وه مَ تني وٽ،
امل کي اڌ ڪري، پاٽان هٽندا پٽ،
وڃي مُهر تني وٽ مَٽِ، جي پارکو پارس جا.

سڀ کان وڏو نقصان پهچائيندڙ اهي شخص هئا جن وقت جي حاڪمن جي ٻولي فارسي ۽ انهن جون رسمون انهيءَ لاءِ اختيار ڪيون هيون تہ جيئن دهلي، ڪابل قنڌار يا ايران جي حاڪم قومن وٽ سرخرو ٿي روزگار ۽ عزتمندي حاصل ڪري سگهن. پر شاهہ صاحب انهن

خوشامدڙين ۽ ابن الوقت ماڻهن کي خبردار ڪيو تہ باوجود انهيءَ جي جو اوهين ڪٿي مولانا رومي سان ڪلهو هڻو پر اوهين حاڪمن واري نسل مان نہ آهيو تنهن ڪري انهن وارو مانُ مرتبو حاصل ڪري نٿا سگهو. فارسي پڙهڻ جي باوجرد اوهين غلام آهيو ۽ پنهنجي رزق جي حاصلات ۾ ڌارين جي آڌو محتاج آهيو. فارسي پڙهڻ يا انهن جي ريت رسم اختيار ڪرڻ سان، اوهين خاص (آزاد) نہ سڏبا.

جي تون فارسي سکئو، گولو توءِ غلام،
جو پـَڌو ٻن ڳالهئين سو ڪيئن چائي چام،
اَجيو تہ آب گهري، بکيو تان طعام،
اي عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿيو!

محتاجي جو ٻيو روپ غلامي آهي، اهو اصول فرد سان بہ لڳي ٿو تہ قوم سان بہ. شاهہ صاحب اهڙن ماڻهن کي، جيڪي سمجهن ٿا تہ جن ڌارين جي لڙهہ لڳا آهيون، اهي ئي مددگار ٿيندا ۽ پنهنجو ڪندا، تن کي زماني جي انقلاب کان آگاهہ ڪندي چيو تہ:

انئين چوندي ڪير، تہ آءٌ ساجاري سڄڻين،
دائم ان دربار جا ڦـِرندا پسان ڦير،
جن حضوري هير، ڪري تغير تن سان.

پر اهڙن خودغرض ماڻهن تي نصيحت اثر ڪا نہ ٿي ڪري، نڪي انهن کي قومي غيرت آهي تہ نہ ان تي پڇتاءُ. پاڻان بي شرميءَ سان چون تہ هڪڙو نڪ وڍيو تہ ڇا ٿيو؟

جني سندي مُنهن ۾ نيهائيون نَڪن،
تنان وڍيو هيڪڙو تہ کهڙو تورو تن؟

انهي تناظر جي روشني ۾ شاهہ صاحب انهي نڪتي تي پختو فيصلو ٿو ڏئي تہ پنهنجن کي پنهنجو ڪجي. ڌاريا وري بہ ڌاريا آهن،

جيڪي ڪڏهن بہ پنهنجا ٿي نٿا سگهن. اهوئي فطري نظريو آهي تہ:

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين!

يا:

ڏريان ٿي ڌاريا، مڻ مئي جا نہ ٿيا.

جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪان پنهنجا رُسي ڌار ٿي ويا آهن، تڏهن بہ اهي پنهنجا آهن، ڪڏهن نہ ڪڏهن اچي گڏبا. جي اهي ڌاريل آهن تہ پنهنجا آهن، انهن کي ڏکي ڌار نہ ڪجي! هيٺئين بيت ۾ شاھ صاحب سنڌي سماج جي نفسيات جو مطالعو پيش ڪيو آهي تہ:

ڏڻ ڌارڻ، ڌار رهڻ، ايءَ سنگهارن سڻَ،
ڪاهي ايندا ڪڏهين مٿي واندِ وَهِڻَ،
جي هاٺُو هونئي مِڻَ، تہ بہ اُڏو لاه مَ ان جو.

هاڻي جڏهن قوم سيئي ويچا وساري، يڪجهتي واري منزل تي پهچي ٿي تڏهن شاه صاحب جي آڏو بہ خاص نڪتا آهن: هڪڙو سنڌ کي ڌارين جي غلاميءَ مان ڪڍي آزاديءَ واري راه تي وٺي هلڻ ۽ ٻيو آزاديءَ جي راه جي پانڌيڙن جي رهنمائي ڪرڻ ۽ کين انهي راه جي سختين کان آگاه ڪرڻ. سڀ کان اول آهي انهن ۾ حوصلو پيدا ڪرڻ. شاه صاحب انهي سلسلي ۾ فرمايو تہ:

سوري ڄڙهڻ، سيج پسڻ، اي ڪم عاشقن،
پاهون کين پسن، سائو هلن سامهان.

شاه صاحب، سورهيائي جو ڳڻ بيان ڪندي جدوجهد ۾ شخصيتن جي ضايع ٿيڻ تي زندگي ۽ موت جي حقيقت کي سمجهايو تہ:

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا

يا وري اهي مصلحت پسند جيڪو قرباني وقت بهاني بازي ڪري، يا اهو سورهيه جيڪو هر وقت قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هجي، انساني فطرت جا اهي پهلو سدائين ساڳيا رهيا آهن- جيئن

ڪلي وير ڪٽڪ ۾ پاڪر جو پائي،
اجان ان ڪي جيڻ جو آسانگو آهي،
سورهيه سوچائي، جو رڳوئي رڻ گهڙي.

جيئن سماج جا اهي قدر اڄ بہ ساڳيا آهن ۽ ساڳيا رهندا، تيئن شاه جي دور وارا سمورا حالات اڄ بہ موجود آهن، ساڳيا ماري، ساڳيا شڪاري، ساڳيا هاٿوَ ساڳيا ماڻهو، ساڳيا واقعا، ساڳيا موقعا- تنهنڪري اسين شاه صاحب جي سماجي نظرين جي روشني ۾ سياڻي جي لاءِ راه ۽ روش متعين ڪرڻ ۾ حق بجانب آهيون، جو:

سُرهو سَرُ وڃائيو، ڪوڙن ڪانيرن،
رنا روه وڃن، ڪنهن هيٺائي ڪان هنجهڙا.

ايم. ڪمل

# نظم

نظم، شاعريءَ جي هڪ اهم صنفِ سخن آهي. جا پنهنجي الڳ هستي رکي ٿي. بطور اصطلاح جي معنيٰ ۾ ڪٿي اُن جي نثر سان ڀيٽ ڪبي آهي جا نثر ۽ نظم جي حد بنديءَ ۾ هٿي ڏئي ٿي.

"نظم" جي لغوي معنيٰ آهي "موزون ڪرڻ" يا 'ڪنهن ترتيب ۾ اڻڻ' ۽ 'پوئڻ'. "نثر" جي معنيٰ آهي "پکيڙڻ". هر لفظ ڪي وزن ڏنو ويو آهي. جنهن ڪي عربيءَ ۾ علم عروض چئجي ٿو. وزن جي ترتيب کي 'بحر' چئبو آهي. تنهي ليکي نثر ۽ نظم جي حدبندي هيٺين اصولن جي آڌار تي ڪري سگهجي ٿي.

(١) نظم جي پهرئين اهم نشاني اِها آهي تہ تحرير، رچنا، موزون هجي، يعني وزن ۾ هجي. جنهن جي دهراءَ سان مقرر ڪيل انتظام ۾ آوازي لهر اُٿي. جنهن جي اُتار ۽ چڙهاءَ مان هڪ طرح جو آوازي نقش (Sound Pattren) اُڀري. مون 'دهراءُ' لفظ استعمال ڪيو آهي جو نثر جا ننڍڙا جملا بہ وزن ۾ تي سگهن ٿا. پر ڪنهن مقرر بحر ۾ نٿا رهن. نظم ۾ بحر ۽ وزن مقرر آهي.

(٢) نظم ۾ لازمي محسوس ڪيل لفظن جي غير موجودگي روا آهي. پر نثر ۾ انهيءَ جو هئڻ بيحد ضروري آهي. مثال طور:

دل کي ڏاڍو ئي جــــبر ظالم هو آ،
دل ورايو بس فـــدا اُن تي ٿـــيس.

دل کي.... هو آ- (اُن جي باوجود/ يا پوءِ بہ) دل ورايو (مان) اُن تي (ئي) فدا ٿ س.

(۳) نظم ۾ گرامر جي قاعدن جي پابندي نہ ڪرڻ عيب نہ آهي. نظم ۾ اسم، صفت، فعل وغيره جي جاءِ مقرر نہ آهي. پر نثر ۾ جي ائين ڪبو تہ نثر عيبدار ٿي پوندو.

(۴) موضوع جو ڪو بہ شرط لاڳو نہ آهي. ڪهڙي بہ خيال کي نظمائي سگهجي ٿو. نثر ۽ نظم، ٻنهي ۾ پڙهندڙ جي ذهن ۽ جذبات کي ڇورڻ جي قوت آهي. پر نظم ڪيل موضوع جي تاثير ۾ هڪ اور طرح جو لطف بہ پيو مضمر آهي. جو نظم جي آواز جي لهر هڪ اڻ ڇٽي سنگيت جهڙي احساس سان، جنهن کي جماليات بہ چئي سگهجي، پڙهندڙ کي لطف اندوز ڪري ٿي. اهڙي قسم جو هڳاءُ نثر مان نٿو اچي. جي نثر ۾ اِها خصوصيت ملي، تہ اهو نثر، نظم جي حد کي ڇهي ٿو. جنهن کي مان نثريہ نظم جي سري هيٺ آڻيان ٿو.

(۵) نثر ۾ خيال جي ڇٽائي، جنهن وشيہ تي لکيو وڃي ٿو سو بلڪل سڌو، صاف، ڪنهن ٻي راهہ ڏانهن، ٻي مقصد نہ ڀٽڪي، بہ اَرٿو نہ هجي. گهماءُ ڦيراءُ نثر ۾ عيب آهي، پر نظم ۾ اِهو خوبي ٿي سگهي ٿو. اهو نظم جو زيب آهي.

هاڻي جائز سوال اٿاري سگهجي ٿو تہ نظم جون اِهي تمام صنفون سڄي شاعريءَ سان لاڳو ٿي سگهن ٿيون، تہ پوءِ ڪهڙي آڌار تي نظم کي اُن کان الڳ رکجي؟

شاعريءَ ۾ هر صنفِ سخن جون حدون، ماپا ۽ ڪنهن حد تائين بحر وزن ۽ موضوع بہ مقرر آهن. جيڪڏهن اِهي حدون، قاعدا ۽ لازمي شرط نگهوسار ڪيا ويندا تہ اُهو عيب ۾ شماربو. مثال "ڪافي" ٻن مصراعن جو شعر. "غزل" بہ گهٽ ۾ گهٽ ڪري ٻن مصراعن ۾ ٿئي ٿو پر اُن جي پيشڪش اور طرح جي آهي. اهڙي طرح الڳ الڳ شاعريءَ جون ساخون آهن، جي پنهنجي نرالي خصوصيت ۽ هيئت سان وابستہ آهن. جيئن تہ دوهو ۽ سورٺو- مقرر ماترائون مقرر جاءِ تي. ان جي آڌار تي

اسين چئي سگهون ٿا تہ هي رباعي آهي، هيءَ قطع آهي، هيءَ وائي آهي. هي دوها آهن ۽ هي سورٺا.

نظم جون اهم خصوصيتون هي آهن:

(الف) نظم ۾ عنوان جو هئڻ لازمي آهي ۽ سڄو نظم اُن ئي وشيہ سان وابستہ رهي.

(ب) نظم ۾ شعرن جو عدد مقرر ڪونهي. ٻن شعرن کان وٺي هزار شعرن تائين بہ نظم لکي سگهجي ٿو.

(پ) نظم ۾ تفصيل سان ڪنهن نقطي/ نظاري/ ڳالهہ جو بيان ڪرڻ عيب نہ آهي.

(ڀ) نظم ۾ خارجي حالتون، نظارا ۽ واقعي جي بيان بازي روا آهي.

## نظم جا قسم

### مسمط:

ڪنهن بہ ڏگهي نظم جا بند ڪن مقرر مصراعن ۾ پيش ڪيا وڃن تہ اهڙي بناوت کي مُسمَط چئجي ٿو. 'مسمط' جي معنيٰ آهي 'ڳنڍ ڪرڻ' يا 'پوئڻ'. مُسمَط کي مصراعن جي عدد پٽاندڙ جدا جدا عنوان هيٺ آندو ويو آهي.

ٽن مصراعن واري مسمط کي چون مُثَلثَ. جنهن ۾ پهريون ٽي مصراعون هم وزن ۽ هم قافيہ ٿين. ٻئي بند جون بہ مصراعون ٻئي قافبي ۾ ٿين. آخرين مصراع پهرئين مصرعي جي قافبي واري ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن نظم جي ٻين بندن ۾ ٽئين مصراع، پهرئين بند جي ٽئين مصراع ۾ دهرائجي ٿي. مثال:

بي وفا، با وفا، ٿيندو ڪٿن،
ڪو پلو پوء پلا ٿيندو ڪٿن،
درد دل ڪان جدا ٿيندو ڪٿن.

ٻئين بند جي آخري مصراع "وفا" جي قافبي سان هئڻ گهرجي يا سڄي مصراع دهرائجي تہ بہ روا آهي، جيئن:

خـــواب منهنجـــا نـہ پَچ اي ســـچڻ،
مـــوڙي منهن تون نـہ وڃ اي ســـجڻ،
درد دل کـــان جـــدا ٿـــيندو کيـــئن.

چئن مصراعن واري مسمط کي مُربعَ چئبو آهي. مربع ۾ پهريون چار مصراعون ساڳئي قافيي واريون ٿين. يعني شروعاتي بند هم قافيائي، ٻئي بند ۾ پهريون ٽي مصراعون (اور قافيي ۾) هم قافيہ ۽ چوٿين مصراع پهرئين بند سان هم قافيہ ٿئي ٿي.

پنجن مصراعن جو بند چئجي مُخَمس. هن ۾ پهريون بند هم قافيہ. ٻئين بند ۾ پويون چار مصراعون هم قافيہ. پنجين مصراع پهرئين بند جي هم قافيہ ٿئي. ٻيو هڪ طريقو شاعرن اِهو بہ اپنايو آهي تہ ڪنهن غزل جي شعر سان، ٻيون ٽي مصراعون جوڙي ڇڏجن. اهڙي تحريڪ کي "خمسيہ" جي نالي سڏيو اٿائون. سنڌيءَ ۾ "خمسيہ" جو ڪتاب ڪنهن ڪونہ لکيو آهي. اردوءَ ۾ فراق گورکپوريءَ جو ڪاربان" مشهور آهي.

سنڌيءَ ۾ مثال:

راه الفت جي ڇـــــڏي نيت رلائي ويـنـــــا،
پيـــار پنهنجن جـــو دلين مـــان بہ وڃـــائي ويـنـــا،
درد دوريءَ جـــــو ڏئي هاءِ، ســـتـــائي ويـنـــا،
ديس پنهنجـــو ڇـــڏي پرديس وســـائي ويـنـــا،
روح جي جن ســـان رچي مـــاڳ مـــٽـــائي ويـئـــا.
جن جي ســـارن کـــان رهن ڪين دليـون پل وانديون،
جـــذبا مـــايوس امـــيـدون سي ڪري ويا مـــانديون،
ڪيئن پنهنجن کي وٽيون غير سان تن کي رانديون،
"هن دورنگيءَ جي عـــجب دؤر جـــدايون آنديون،
پنهنجـــا پنهنجن کـــان اڏا ڏور اڏائي ويـنـــا."

تہ هر رديف ۽ قافيہ هجي پر آخرين بند. مطلع جي طرح هجي. ترڪيب بند ۾ اهو الڳ ٿئي ٿو، ۽ ترجيع بند ۾ اهو بند دهرائجڻ ۾ اچي ٿو.

## مثنوي:

'مثنوي' نظم جي اهم صنف آهي، هن لاءِ ست وزن مقرر ڪيل اهن. جي لڳ ڀڳ ٽن رڪن جا ٿين ٿا. جيئن:

فعولن فعولن فعولن فعول.

مفاعلن مفاعلن، مفائل – مفعول مفاعلن فعولن...

فاعلاتن مفاعلن فعلن – فاعلاتن فاعلاتن فاعلن،

فعلاتن فعلاتن فعلن – مفتعلن مفتعلن مفتعلن.

سڄي مثنويءَ ۾ هڪ ئي وزن استعمال ٿئي ٿو. هن ۾ ڪو تواريخي واقعو، ڪا ڪهاڻي، ڪو امر قصو يا مقبول ڏند ڪٿائون نظم ڪري سگهجن ٿيون. جيئن ليليٰ مجنون يا قصو طوطي مينا جو وغيره. اردوءَ ۾ وطن جي حب تي مثنويون آهن، تہ رامائڻ بہ مثنويءَ ۾ نظم ڪيل آهي. هن صنف ۾ بيان جو سلسلو قائم رکڻو پوي ٿو، ۽ هڪ ڳالهہ کان ٻي ڳالهہ تي اچڻ ئي مثنويءَ جي فن جي خاص خوبي آهي. هر شعر ۾ قافيي جي ڦير گهير آهي. هن ۾ زبان جي فصاحت، چست بندش، اختصار استعارو ۽ ڪنايو هن صنف جي خاصيت آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو مثنويءَ جي تخليق صرف ڪهنہ مشق ۽ عالم سخن ور ڪري سگهن ٿا. شعرن جي عدد جو ٻنڌن ڪونهي. ڪيترا بہ بيت چئي سگهجن ٿا. پر مختصر مثنويون بہ لکيون ويون آهن. جهمٽ مل خوبچند پاوناڻي 'سنڌي شعر' ۾ اِجهو هيئن چوي ٿو:

اردوءِ وارن جو چوڻ آهي تہ مثنويءَ ۾،

١ – اهڙن واقعن جو ذڪر هجي جن کي شاعر پنهنجين اکين سان ڏٺو هجي.

تواريخي واقعو يا روبرو ڏٺو نظاري جو بيان ڪري.

٣- شاعر مثنويءَ ۾ قلم ۽ مس کان اهو ڪم وٺي جيئن هڪ نقاش رنگ ۽ برش کان...

٤- مثنويءَ ۾ صنايع بدايع جو استعمال گهٽ ٿئي ٿو. (يعني رڳو لفظن جي ظاهري صورت ۽ خوبي هئڻ گهرجي). مبالغو تہ اعليٰ مثنويءَ جو دشمن ليکجي.

٥- ... بي شرمائي ۽ بي حيائيءَ جهڙيون ڳالهيون اظهار هيٺ نہ آڻجن.

٦- سلسليوار واقعا هجن.... ڪٿي أنڌ ۽ ڪٿي منڍ. ٻيئي آڻي، هڪ ٻئي منجهہ ٺنبايل نہ هجن....

ظاهر آهي 'مثنوي'، نظم جي هڪ ڏکي شاخ آهي، جا طبع جو زور پيجي ٿي. ان ڪري ورلي ڪو شاعر أن ۾ طبع آزمائي ڪري ٿو. ليکراج 'عزيز' جي مشهور مثنوي "مصر جي راڻي" جو ڪجهہ حصو بطور مثال پيش ڪجي ٿو. هيءَ هڪ جنگ جو نظارو آهي:

پسايا چرخ جا ڏرتي نظارا؛ تراريون تير جنهن ۾ چنڊ تارا،

ڪمان مان تير فولادي ڇٽا ٿي؛ ڪڙيل تارا فلڪ تان ڇڻ ٽٽا ٿي.

*****

ڪري پٽ تي نچيا ٿي ڪنڌ ڪن جا، پڳا سنڌن ڪان پالن سنڌ ڪن جا،

فنيا ماريا سوين سورهيہ سپاهي، اجل آندي نئين سر بي تباهي.

*****

نہ ڌاريو آسرو ڪنهن ٿئي جيئڻ، جو؛ هئو خواهان هرڪو سر ڏيڻ جو،

جي ڪٽ هٿيار ٿي بيڪار پيا ٿئي؛ وڏي، ياڪر وجهي بانڪا لڙيا ٿئي،

لڏيءَ ڪوسيءَ جو هو ڪنهنکي نہ سانگو، مرڻ کان مانُ هو سڀ لئہ مهانگو.

سترام "سائل" جي هڪ مثنوي رچيل آهي "رام ڪٿا". هن صاحب تازو شاه جي لوڪ ڪهاڻين کي بہ مثنويءَ ۾ نظم ڪيو آهي.

حال ۾. اسان جي برک ۽ بزرگ شاعر هري دلگير "امر گيت" جي نالي ۾ گيتا نظم ڪئي آهي. اڄڪلهه سنڌيءَ ۾ ڪو شاعر مثنوي نٿو لکي.

## قطع:

هن لفظ جي لغوي معنيٰ آهي "ٽڪڙو"، فني نقطہ نگاه سان هن ۾ شعر هڪ ٻئي سان متعلق هجن. سندن جڙ ۽ اهڙي طرح هجي جو جيسين ٻيون شعر نہ پڙهجي تيسين مضمون جو مطلب ادا نہ ٿئي. گهٽ ۾ گهٽ ٻن شعرن جو هئڻ لازمي آهي. ٻئين ۽ چوٿين مصراع ۾ قافيہ هجي. شعرن جو ڪو بہ عدد مقرر ڪونهي. ٻن شعرن کان وٺي هڪ سئو ستر شعرن تائين 'قطع' جي رچنا ڪري سگهجي ٿي. "ڪي عالم 'قطع' کي 'قصيدي' جو هڪ حصو/ ٽڪرو چوندا آهن. جو غلط آهي. ڇو تہ "قصيدي" ۾ هڪ يا ٻہ مطلع ٿي سگهن ٿا ۽ "قطع" ۾ مطلع نٿي ٿئي."... (بحرالفصاحت)

"سڄي قطع ۾ قافيو قائم ٿئي ٿو. هري دلگير صاحب چند قطعون "پلپل جو پرلاءُ" ڪتاب ۾ درج ڪيون آهن. پر انهن کي مسلسل غزل چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو. سنڌيءَ جي اعليٰ شاعر سرڳواسي سڳن آهوجا جي هڪ قطع جو مثال:

تو نيڪ ڪئي پنهنجي عزيزن جي شڪايت،
پر دوست ذرا هيئن بہ دل پنهنجي کي چئجي،
گرهست جو انهيءَ ڳالهہ تي بنياد ٻڌل آ،
پنهنجي خوشيءَ کان اڳ ۾ خوشي ٻئي جي ٿي ڳڻجي.

## قصيده:

"قصيدي" جي اصطلاحي معني آهي، اهي شعر جن ۾ ڪنهن جي ساراه يا برائيءَ جو ذڪر ٿئي يا اخلاقي ۽ نصيحت آميز ڳالهيون ڪيون وڃن. قصيدي ۾ ٻي جان شين تي، اتهاسڪ، اعليٰ ۽ عظيم

ڪلڪ تازش تي ڪري جي نام اُن جـو تـو ونـان،
پڻ زبان تي، تي شـڪـرانا جي ڪريان ان جي پچـار.

*****

نـور وانـگر جـاءِ اڪـڙين ۾ سـدا اُن دوست جي،
جـان وانگر ڪين تـو دل ڪـان رهي هڪ لحظو ڏار.

## "مدح":

زندگي بخش، روح افزا، دل کي سُرور ۽ روح کي ريجهائيندڙ عناصرن، قدرت جي عطا ڪيل نظارن ۽ سامان جي ساراهہ ڪرڻ يا ڪنهن بہ اعليٰ هستي لاءِ دعاگو ٿيڻ ۽ اُن کي قصيدي ۾ نظم ڪرڻ کي مدح" چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ گهڻيون ئي مدحون لکيون ويون آهن. مدح گرو نانڪ جي، دولهہ لعل جي، مدح امر لعل جي ۽ وقت جي حاڪمن جون مدحون وغيره. "مدح" ساڳئي وزن ۾ مثلث، مربع يا مخمس ۾ بہ چئبي آهي تہ ترڪيب بند يا ترجيع بند ۾ بہ چئي ويندي آهي. چند بند، هڪ اعليٰ مـدح "درياه شـاه" تي، جـا حـيـدر بخش ڄتوئيءَ جي رچيل آهي، پيش ڪيان ٿو:

سنڌ ۾ پاڙ سـاري جـهـان جـو آ تخت،
جتي مـينهن مـوتين سندو آه سـخت،
وهي ٿـو هتـان هر همـيشـه جـو بخت،
جـو چـاهي لهي ٿـو ڪتي پي رهي ٿـو،
فـرنگي ۽ هندي جـپـاني ۽ سنڌي،
منجـهـان اهڙي سندر سـخي بارگـاه،
پـلـي آئين جي آئين درياه شـاه.

(مقرر مصراع)

**"مرثيہ":**

ڪنهن اعليٰ هستي، واقعي، درد يا سخت رنجائيندڙ حالت تي ماتم ڪيو وڃي. اهڙي ڪلام کي "مرثيہ" چئجي ٿو. اردوءَ ۾ ڪربلا جي جنگ تي عاليشان مرثيہ "انيس" جو مڃيو وڃي ٿو.

پرسرام "ضياءَ" جو پنهنجي پتا جي سرڳواس ٿيڻ تي پُر درد مرثيو لکيل آهي. "دڪايل" جو شهيد ڀڳت سنگهہ تي مرثيو مستزاد هيئت ۾ لکيو ۽ ڳاتو آهي. مرثيہ، مسدس، مثمن، ترجيع بند يا ترڪيب بند ۾ لکبي آهي. هيٺين مرثيي کي نوح پڻ چئبو آهي:

سوري جي چڙهيو سيج تي سالار ڀڳت سنگهہ،
سردار ڀڳت سنگهہ.
ڀارت جو بڻيو لاڏلو دلدار ڀڳت سنگهہ،
سردار ڀڳت سنگهہ.
هرجاءِ هندوستان تي ماتام مچايو ۽ نير وهايو،
هر دل تي ڇيو محب هو منٺار ڀڳت سنگهہ،
سردار ڀڳت سنگهہ.

(مرثيہ، جو غزل/ قصيدي ۾ لکيو ٿو وڃي، ان کي "سلام" چون ٿا، اهو اِسلام سان وابستہ رهي ٿو.)

## جديد نظم:

آزاد نظم هن هيئت ۾ ڪو بہ مقرر سٽاءُ ڪونہ ٿئي. صرف خيال جي اظهار لاءِ، جي بہ جملا جڙن، سي وزن ۾ لکيا وڃن، ڪنهن بحر ۾ بند هجن. ان بحر جا رڪن بہ مڪمل طرح، هڪ ئي جملي ۾ هئڻ لازمي نہ آهن. مثال:

گرمي ايڏي ڪين هئي
پر ڀيهري هئي ضرور

وچڻو لوڏيو ماءُ تي پٽ جي مٿان.

(سگن آهوجا)

*****

سينگار ٻيڻي تون ڪرين
مان پر ۾ ويهي پيو ڏسان،
تنهنجي هٿن جون آڱريون.

(سگن آهوجا)

## نثريہ نظم:

ڪو بہ نثر، جنهن مان شاعريءَ جو هڳاءُ اچي ۽ انداز شاعرانہ طرز جهڙو هجي (اهڙي نثر ۾ ڪو نفيس خيال، آدمي ۽ فڪر جو نئي اظهار ٿئي ٿو) ۽ ڪنهن بہ بحر وزن تي ٻيڌل نہ هجي. اُن کي نثريہ نظم چيو وڃي ٿو. اهڙي ڪلام ۾ رواني ۽ فصاحت هئڻ لازمي آهي. خيال جذباتي يا ذهني طرح گهرا ۽ معنيٰ دار هجن. ٽيگور جو سنڌي ۾ ترجمو ان نئي صنف سخن ۾ ڪيو ويو آهي. پڙهو منگهارام ملڪاڻيءَ جا ترجما. مثال:

مون ڪجهہ نہ گهريو، رڳو ٻنيءَ جي آڳنڌ تي، وڻ جي پويان بيٺو رهيس...

اجا، پرڀات جي پلڪن تي ستي ستل هئي ۽ ماڪ هوا ۾ موجود.

(ٽيگور)

ٻيو مثال: هڪ عورت جا پير،

ڌرتي جي سيني تي بہ آواز پيرن جا،
بہ مست، گلابي، نازڪ پير،
ڌرتي ياد تي ڪري اٿي سوين بهارون...

(ٽيگور)

## غزل جي فارم ۾ لکيل نظم ۽ مسلسل غزل ۾ فرق:

مسلسل غزل ۾ هڪ پاڙ اپري ٿو، هر شعر، اهڙي مخصوص ...ضا کي گهرو ڪري ٿو. غزل جو هر شعر پنهنجي ليکي مڪمل ٿئي ٿو. ... کي عنوان نٿو ٿئي. ان طرز وارن ليکراج "عزيز" جي غزلن ۾ ڪٿي ...حر ۽ وڇوڙي جي فضا آهي ته ڪٿي وصال جي: (پڙهو آبشار جو غزل ...مبر ١٧)

دل جي اجڙيل باغ ۾ موتي بهار آئي اٿم،
آس جون مڪڙيون ٽڙيون سرهاڻ سهائي اٿم.

(وصالي غزل)

۽ غزل نمبر ٨٠

نا اميد نه سوا عشق جو انجام ڏٺم،
پاڻ کي شوق جي آخر ۾ ٿي ناڪام ڏٺم.

(فراق ۽ درد جي فضا)

## غزل جي فارم ۾ نظم:

هن ۾ عنوان هوندو آهي. غزل جو شعر، پئين غزل جي شعر سان وابسته رهي، ته عيب نه آهي. هر شعر جيان هڪ ئي نقطي جي اردگرد گهمي ۽ پلي ان جو تفصيلي يا منطقي طرح بيان ڪري.

مثال: "هيءَ زندگي"

اڙي عمر ڪيڏي وڏي ٿي وئي آ،
پرولي پرولي ته پي زندگي آ،
پيالي اجا صاف خالي نه ٿي آ،
اجا پي انهيءَ ۾ رهيل ڪجهه ڇُڪي آ.

"رولو آواز" (هري دلگير)

پئين شعر ۾ پيالي جو زندگي ڏانهن اشارو صاف "عنوان" ڪري ٿي آهي. آخر ۾ هڪ ڳالهه ته نظم ڪهڙي به فارم ۾ لکجي، پر اعليٰ نظم اُهو آهي، جو رديف ۽ قافين جي زور تي نه وڌي. پر هر بند، خيال کي وسيع، بلند ۽ گهرو ڪندو وڃي. نظم ۾ قافيا، خيال جي پويان هجن ۽ نه خيال، قافيي جو پابند...

## مددي ڪتاب:


اردو:

١- "بحرالفصاحت" - محمد نجم الغني.

٢- "شعر، غير شعر اور نثر"- شمس الرحمان فاروقي.

٣- اردو نظم- مضمون- وحيد اختر.

سنڌي:

۴- علم بديع - مرزا قليچ بيگ.

۵- سنڌي شعر - جهمٽمل ڀاوناڻي.

٦ - مهاڳ "روشن ڇانورو"- شام جي مجموعي تي.

ٿو. اديب ۽ عالم به ان طرف خاص توجهه ڏيندا هئا. اڄ جيڪو اسان وٽ مواد موجود آهي، يا جنهن مان مستفيض ٿيون ٿا، اهو جيڪڏهن اشاعت هيٺ نه اچي ها ته شايد اسان اهڙي ادب کان محروم رهجي وڃون ها. انگريزن جي دورِ حڪومت ۾ ڪي اهڙا ڪتاب آهن، جيڪي ٻه ٽي، ٽي ٽي، يا وڌيڪ ڇاپن جي صورت ۾ ڇپجي چڪا آهن، پر ڪي اهڙا ڪتاب به آهن، جيڪي هڪ دفعو مس ڇپيا ۽ وري منظر تي نه آيا. جڻڪ اهي ڪتاب لکيائي نه ويا هئا يا ائين چئجي ته اهي نابود ٿي ويا يا ادب جي ميدان تان ميسارجي ويا.

زنده ٻوليون اهي آهن، جيڪي پنهنجي ادبي ۽ علمي خزاني تي ساهه ڏينديون آهن ۽ پنهنجي ان ورثي کي فنا ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنديون آهن. سنڌن ادبي شاهڪارن جو وري وري ڇپجڻ ٻوليءَ جي بچاءَ جو وڏو اهم سبب ڇيو وڃي ٿو. اسان جي عالمن ۽ ادارن کي ادبي ورثي ڏانهن غفلت ۽ لاپرواهي نه ڪرڻ گهرجي ۽ نه وري سرد مهريءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اسان جو علمي ۽ ادبي سرمايو محفوظ ٿيڻ جي بجاءِ ناپيد ٿي سگهي ٿو. اسان کي پنهنجن عالمن ۽ وڏن جي مَيڙاچُونڊيءَ کي هٿن جي وٿين مان واريءَ وانگر وهائڻ نه گهرجي. اهڙن املهه ماڻڪن کي ڳولي ڦولهي هٿ ڪري اشاعت هيٺ آڻڻ گهرجي ته جيئن اهڙو علمي ۽ ادبي خزانو گم ٿيڻ کان بچي سگهي. هُونئن ته ڪيترائي اسان جو ادبي ۽ علمي ۽ اسلامي سرمايو اشاعت لاءِ اباڻڪ آهي، جنهن کي ڇپائي علمي ميدان تي آندو وڃي ته بهتر کان بهترين ٿي سگهي ٿو نه ته اهو خزانو اُڏوهيءَ جي نذر به ٿي سگهي ٿو.

هت اهڙي ڪتاب جو جائزو وٺجي ٿو، جيڪو هڪ طرف اسلامي ادب سان واسطو رکي ٿو ته وري ٻئي پاسي لوڪ ادب جي زمري ۾ به اچي ٿو. ان ڪتاب جو نالو "زيور نامه" آهي، جنهن جي مصنف يا جوڙيندڙ جو نالو

مخدوم حاجي فضل الله صديقي پاٽائي (1809ع-1873ع) آهي. هي ڪتاب شعبان المعظم 1356هہ ۾ ڪراچيءَ مان ليٿو ٽائيپ ۾ مخدوم نظام الدين عرف مخدوم محمود صاحب صديقي پاٽائي پهريون ڀيرو ڇپائي پڌرو ڪيو. هيءُ ڪتاب ڪل (32) ٻٽيهن صفحن تي، ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، پهرئين ڀاڱي ۾ زيورن متعلق ٻاويهن صفحن تائين اپٽار ڏنل آهي ۽ ڪتاب جو ٻيو حصو "ترتيب الصلوات" تي منحصر آهي. ترتيب الصلوات الف اشباع تي جوڙيل آهي، جنهن ۾ نماز جي ترتيب ۽ نماز جا فرض شاعرانہ رنگ ۾ رچيل آهن. هتي پنهنجو مقصد "زيورنامہ" تي روشني وجهڻ آهي ۽ نہ "ترتيب الصلوات" تي. هن ڪتاب ۾ زيورن جي زباني زالن (عورتن) کي نصيحت ۽ هدايت ڪيل آهي تہ "ايرينگ" عورتن کي چا ٿو چوي ۽ "نسبيرن" ڪهڙو ٿيون رستون ڏيکارين. "بولو" ڇا ٿو چوڻ چاهي ۽ "چندن هار" ڪهڙي ٿو زباني ڏئي. "جهالر" ۽ "جهومڪ" ڪهڙو ٿا مقصد ظاهر ڪن. "ويڙهہ" ڪهڙي ٿو ڏراٽي ڏئي. "سَنڪليون" ڪهڙو ٿيون سبق سمجهائين. مطلب تہ عورتن لاءِ هي ڪتاب وڏي نصيحت وارو آهي. مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب (زيور نامہ) آخوند صاحبڏني جي اصرار تي 1278هجريءَ تي جوڙي پورو ڪيو. اجوڪي وقت ۾ اڻ لڀ ۽ انمول موتيءَ جي حيثيت رکي ٿو. ڪتاب جوڙڻ جي ابتدا هن طرح ڪئي اٿس:

چوي فضل الله ٿو جو طالب فضل جو،
تہ آخوند صاحبڏني، جو ويٺل ويجهيءَ جو،
مون کي انهيءَ باب ۾ اچي عرض ڪيو،
ہ سنڌي سالم جوڙ تون جنهن ۾ بيان اهيو،
جو هڪ هڪ زيور زال جو آهي اشارو،
ڪارڻ نصيحت زالن جي سمجهي سمجهارو،
پوءِ فقير ڪٿين فڪر سِ هي نسخو جوڙيو،

"زيور نامہ" تنهن جو عجب ناءُ ٿيو.
ٻاره سو اُنهتر ۾ سو مون راسِ ڪيو.
من نصيحتِ ڪو وٺي بس مون اجر اهيو.
(صديقي-1-1356هہ)

اهڙيءَ ريت آخوند صاحب جي عرض ڪرڻ تي هيءُ ڪتاب جوڙي پورو ڪيائين. جنهن جو نالو "زيور نامہ" رکيائين. هيءُ ڪتاب اهڙي جذبي تحت تيار ڪيائين تہ مَن هن منجهان پڙهي پورو لاڀ وٺن ۽ مستفيد ٿين.

خدا تعاليٰ جي ساراه ڪرڻ ۽ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ڪي سونهن جو سردار سڏڻ بعد، هن طرح آغاز ڪيو ويو آهي:

ساراهيان سبحان کي جنهن سينگاريو سنسار،
مڪائين مرسل کي جو سونهن پريو سردار.
(صديقي-1-1356هہ)

اهڙيءَ طرح مڙس کي ڏاڙهي ڏيڻ ۽ زال کي زيور سان زيبور بنائڻ بعد، هيئن چيو اٿس:

مڙس ڏنائين مُهَہ ۾ سهڻي سونهاري،
زال ڪيائين زيور سِ ظاهر زيباري.
(صديقي-1-1356هہ)

ان بعد زالن کي زيورن جي اشارن ۾ سبق سمجهائيندي تلقين ڪئي اٿس:

زيورن ۾ زال کي اشارا آهين،
سي پيا کَنن هٿن سبق سمجهائين،
سمجهڻ واريون سمجهن ٻوڙيون ڪين ٻُجهن،
جي ظاهر زيورن سِ موڳيون ٿيون مرڪن.
(صديقي-2-1356هہ

هن شعر مان اهو واضح ٿو ٿئي تہ سمجهڻ وارن لاءِ رستو --

صاف آهي، انهن لاءِ راهہ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا رڪاوٽ ڪانہ آهي، پر ٻوڙيون تہ اهڙي هدايت ٻڌڻ کان قاصر ۽ محروم آهن .جيڪي وري ظاهري طور تي زيورن سان پريل آهن، سي ٿي موڳيون ۽ موڙهيون ليکيون ويون آهن. اهڙين عورتن کي ڪا بہ نصيحت ۽ هدايت اثر نہ ٿي ڪري سگهي. هو تہ ريوزن جي ڪري اوچي ڳاٽ هلن ٿيون. پاڻ شعر وسيلي عورتن کي گهڻو ئی سمجهايو اٿن. ڪتاب جي زيورن ۾ سمجهائڻ سان "ٻُولي" زيور سان شروعات ڪئي، اٿس:

"ٻُولو" اَبُولوءِ اصلي آهي لفظ چون،
اَبُو اَبي کي چئجي ٻوليءَ ۾ عربن،
لوَءِ چئجي طرف کي معنيٰ آهي هِيَ،
اَبُولوءِ ابي طرف ڏانهن آهي ڏِيَ،
ٻي اوءِ ڪنهن جي ڪين ٿي آهي ٻي لوَءِ،
نڪي ٻين جي ٻول ۾ نڪِ ڪنهن جي جَرءِ،
حُڪم حَقَّ اَبي سندا مهريءَ مڃڻ ٿيا،
هلندي هيٺ ڪنڌ ڪري هوندي منجهہ حياءَ.

(صديقي-2-1356هہ)

ائين ٿو ظاهر ٿئي تہ مخدوم صاحب ديني عالم هجڻ سان گڏ، مصنف، شاعر ۽ ڄاڻو بزرگ هو. پاڻ صديقي خاندان جو چشم و چراغ هو، ڀاٽ جي صديقي، خاندان جو علم و ادب کي اڀارڻ ۾ وڏو هٿ رهيو آهي، جنهن ڪري صديقي خاندان مشهور و مقبول رهيو آهي ۽ هن وقت بہ اهو خاندان علم و ادب جي خدمت ۾ اڳرو ۽ اڳيرو رهندو ٿو اچي.

مخدوم فضل الله کي پنهنجي قلم تي ايتري تہ سگهہ حاصل هئي جو هو چاهي ها تہ هن ڪتاب ۾ مختلف زيورن جا ڪيترائي نالا ڳڻائي نصيحت ۾ وڌيڪ واڌارو ڪري ها يا ڪيترن ئي زيورن جي زبانيءَ ۾

سمجهائي ها، پر پاڻ ٿوري تي اڪتفا ڪندي صرف اوٺونجاهه (49) زيورن جا نالا وٺي تلقين ڪئي اٿس. انهن زيورن جا نالا هن ريت آهن: بولو، نٿ، موتي، لال، مانگهه، چوٽي ڦُل، ڇَلا، جهالر پَنڙا، جهومڪ، ايرينگ، ٻُندڙا، دُربچا، ڦليون، تسبيون، ڪُرڪَن، چَنگل، سَنڪَليون، ٻَڪل، دُهري، جوڙا، چندن هار لاڪيٽ، ڪنبي، ڊولڻ، تائٽ، بازوبند، پٽيون، جهاٻا، ٻانهن رکيون، ٻانهين، چوڙيون، ڪنگڻ، ڪَڙيون، مَنگليون، دَستيون، موريون، واڍولا، پفهڇين، مُنديون، وَيڙهُ، ڪَڙيون، هَسَ، لڪڙي، چَپڪلي، نُورا، پازيبَ، گهنگهرا، بندڙا، مذڪور ڪتاب جي پُڄاڻي زيو ر "بندڙا" جي سمجهاڻي ڪان بعد ڪلمي پاڪ تي ڪئي اٿس:

بندڙا بند رکن ٿا آگريون سنديون پير،
تان ڇڏي پنهنجي گهر کي گهر نہ گهٽيءَ گهير،
وَر وٽ ويهج پانهنجي پَر وٽ ويهج ڪين،
جيڪي حڪم حق جا سڀ مڃ ساڻ يقين،
سُهڳ مليئي صاحبي لهيئي پوءِ باڪُ
مليٰن پنهنجي محب کي پڙهي ڪلمون پاڪُ

(صديقي-21-1356هه)

پاڻ هيءُ ڪتاب لکندي گهٽي ديگهه ڪان پاسو ڪيو اٿس. "ٿورا ڪٺا ٿالهيءَ ۾ پلا" جي مصداق ٿورن زيورن جي سمجهاڻي ڏيندي زيورن جي زبانيءَ ۾ مطلب ۽ مقصد کي ظاهر ڪيو اٿس. مخدوم هڪ پاسي نثر ڪان موشو ڪيو آهي تہ وري ٻئي طرف نظر مثنويءَ جي طرح تي لکي شاعر هئڻ جو ثبوت ڏنو اٿس. جڏهن تہ هيءُ صوفيانہ ۽ فلسفيانہ لاڙن ۽ رجحانن کي ظاهر ڪري ٿو.

زيور بلا شبہ هار سينگار لاءِ ڪم ايندا آهن، پر زيور بچت جو طريقو يا وسيلو بہ چيا وڃن ٿا. زيورن مان هڪ طرف فائدا آهن تہ وري ٻئي

پاسي نقصان بہ آهن. فائدو اهو آهي تہ ڪنهن ضرورت وقت زيورن کي کپائي يا گروي رکي پنهنجو گهربل مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو. نقصان اِن ۾ اهو آهي تہ زيورن رکڻ ڪري هاجيڪار ماڻهن، لچن ۽ لوفرن يا چورن جي اک ۾ ٽيڙو پوي ٿو. البت زيورن جي اهميت ۽ افاديت کان انڪار بہ نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ زيور غريب ۽ امير طبقي لاءِ هڪ جيتري ٿي اهميت وارا آهن.

زيورن جو واسطو ٿي سِڌو سنئون هار سينگار سان آهي ۽ پاڻ وٽائڻ سان پڻ. پر مخدوم صاحب زيورن پائڻ کان ڪا بہ منع يا رنڊ روڪ نہ ٿو ڪري. ليڪن اها ڳالهہ واضح ٿو ڪري تہ زيور پائي ڪبر ۽ وڏائي، هٺ ۽ هوڏ کان گريز ڪريو. زيور پهريائين پايو، پر پاڻ سنڀالي پير ڪڻو. جيئن لوڪ لَڪا نہ پوي ۽ ڪو بہ غلط مطلب نہ وٺي. اهڙيون ڳالهيون قرآن شريف ۾ واضح ڪري چيون ويون آهن. هتي بہ مخدوم صاحب اهڙو ذڪر ڪيو آهي. زيور مانگهہ جو ذڪر ڪري بعد ۾ قرآن شريف مان هڪ آيت ڏني وئي آهي، ان جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ پڻ پيش ڪيل آهي. مانگهہ زيور جو ذڪر هن طرح ظاهر ڪيو اٿس:

مانگهہ مَنگهہ ڪر ڪَهڊي پوءِ ريَ پتار،
ڪنڌ نہ ڪٺج ڪَهڊي توڙي سَوَ سينگار،
اک نہ عالم ڏي ڪٽين جيڪ منجهہ جهان،
يَغضُضنَ مِن اَبصَارِ هِنَّ فرمايو فرقان،
مانگهہ سندو جو ماڳ سو آهي سجدي جاءِ،
سجدو گهر جي مڙس کي پَر سجدو ڪين رِهاءِ.

(صديقي-4-1356هہ)

هن مان اهو مطلب واضح ٿو ٿئي تہ عورت (زال) کي پنهنجي مڙس کان سواءِ ڪنهن ڏي بہ نظر ڪرڻ نہ جڳائي ۽ پهريائين ڪٽي ڪو سَوَن

سينگارن سان سينگاريل چو نہ هجي، تہ بہ ان کي ڪنڌ ورائي بہ نہ ڏسجي چو تہ مانگهہ زيور ۾ اهائي رمز سمايل آهي، ۽ هي بہ عورت کي تلقين ٿو ڪري تہ ڪنهن کي بہ پنهنجي ورڱان علاوه پنهنجو نہ سمجهہ. قرآن شريف ۾ پڻ اهڙي ئي سمجهاڻي آيل آهي. مانگهہ زيور زال (عورت) کي وڏيڪ ٿو سمجهائي تہ پنهنجي مڙس اڳيان نياز نوڙت سان رهي ۽ عالم جي ڪنهن بہ فرد ڏانهن اک کڻي نہ نهاري. جيڪڏهن سجدي جو حڪم ڪيو وڃي ها، تہ خدا کان پوءِ زال کي سمجهايو وڃي ها، تہ پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري، پر سجدي ڪرڻ کان ڪيس منع ڪيل آهي ۽ ڪيس سجدو نہ ٿو رهائي. سجدو صرف هڪ خدا تعاليٰ کي ئي ٿو جڳائي، هو وحدهٗ لاشريڪ آهي. مانگهہ جي بيان ۾ مخدوم نظام الدين صديقي پنهنجي طرفان يا پنهنجي محققانہ خيالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ قرآن شريف مان سورت نور جي رڪوع چار (پاره 18) مان هڪ آيت ڏني آهي. جيڪا اهڙي مقصد کي وڏيڪ هٿي بخشي ٿي.

الله تعاليٰ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي فرمايو آهي تہ توهان مومنياڻين کي هنن ڳالهين جو حڪم ڪيو ۽ مٿن زور ڀريو تہ:

1- پنهنجون نگاهون هيٺ رکن. يعني نامحرم مردن ڏي نہ ڏسن.

2- پنهنجن شرمگاهن کي بچائين. يعني بچڙاين جا خيال نہ ڪن.

3- پنهنجي سونهن کي ظاهر نہ ڪن. يعني پنهنجا عضوا ظاهر نہ ڪن. باقي هٿ، پير، مُنهَ جي منع (روڪ) ڪانهي.

4- بُرقعن سان پنهنجن سينن کي ڍڪينديون رهن. يعي نامحرمن کان پردو ڪن.

5- پنهنجي سونهن ظاهر نہ ڪن. يعني جن عضون کان روڪ ڪيل آهي، اُهي پنهنجن مڙسن کان سواءِ ٻين تي ظاهر نہ ڪن.(صديقي-05-1356هہ)

مٿين آيت مان زالن کي انهيءَ طرف اشارو ڪيو اٿن. اهڙي لحاظ کان ٻيون بہ چند آيتون ڏنيون ويون آهن، جيڪي اهڙو مقصد ظاهر ڪن ٿيون ۽ نصيحت ۾ پڻ اضافي جو سبب آهن.

مخدوم صاحب جيڪا زيورن جي زباني ظاهر ڪئي آهي، سا هر عورت جي لاءِ اهم ۽ ڪارائتي آهي. جنهن کي سمجهڻ، هينئين سان هنڊائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ هرهڪ عورت تي فرض عائد ٿو ٿئي. البت مردن کي بہ هن تي عمل ڪرڻ گهرجي. بلڪ چڱاين جي طرف رجوع ٿيڻ ۾ سندن لاءِ وڏي نيڪنامي ۽ خوش بختي آهي.

مخدوم فضل الله جي هن ڪتاب جي جائزي وٺڻ مان معلوم ٿو ٿئي تہ مصنف جي ڪتب آندل ٻولي عام فهم ۽ سادي ڏسجي ٿي، پر منجهس رواني بہ ڪنهن قدر ساراهہ جوڳي آهي. زير نظر ڪتاب ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جي پڙهڻ ۾ ڪا بہ دقت محسوس نہ ٿيندي. هرڪو آسانيءَ سان پنهنجو مقصد ۽ مطلب حاصل ڪري سگهندو. هاڻي اچون ٿا ڪجهہ زيور جي ڄاڻ معلوم ڪرڻ لاءِ تہ زيور ڇا آهي؟ ۽ زيور جي معنيٰ ڪهڙي آهي. عام طور تي جنهن کي اسان "زيور" سڏيون ٿا، سو لفظ هن وقت مروج ۽ عام جام استعمال ٿيندي ٻڌو وڃي ٿو. "زيور" کي سنڌي ٻوليءَ ۾ "ڳهہ" چيو ويندو آهي چو تہ زيور جو مطلب سڌو سنئون ڳهن ڳنڻ سان آهي. اهڙا ڪيترائي لفظ آهن، جيڪي زيورن سان لاڳاپيل آهن. جيئن تہ ڪنگڻ، ڳهہ، هار، منڊيون، ڇَلا، والا نَٿون، ڪڙيون ۽ تائيت وغيره. زيور سونَ مان بہ ٺهن تہ چاندي، ٽامي ۽ پتل مان پڻ. مطلب تہ زيورنَ جا ڪيترائي قسم يا نالا آهن.

زيور هر ملڪ ۽ هر خطي جي ثقافت جو حصو آهن. ثقافت ئي عوام جي زندگيءَ جو چٽو پٽو عڪس آهي. جنهن ۾ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون، سوچ ويچار، اٿڻ ويهڻ، هلڻ چلڻ، عقيدن ۽

خواهشن، وهمن ۽ وسوسن جو بيان اچي وڃي ٿو. ثقافت ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون سمايل ملن ٿيون، جن ۾ سماجي زندگي ۽ ڪار وهنوار جو هوبهو عڪس نقش ٿيل هوندو آهي. ثقافت جون ڪيتريون ئي مختلف معنائون آهن. ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري ( Advanced Learner's Dictionary) ۾ ثقافت جي وصف/ تعريف هن طرح بيان ڪئي وئي آهي: "ثقافت انسان جي تهذيب ۽ تمدن جي اعليٰ ترقي آهي. هن ترقيءَ ۾ طبعي، ذهني ۽ روحاني ترقي اچي وڃي ٿي. اها ترقي تجربي ۽ ترتيب تي مدار رکي ٿي."

مطلب ته ثقافت ئي انسان جي تاريخ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي ۽ ثقافت ئي انسان جي قدرن ۽ رهڻي ڪهڻي وغيره جي پاسداري ۽ پاسخاطريءَ ۾ اهم ليکي وڃي ٿي. جنهن مان ظاهر آهي ته ثقافت هڪ حقيقت آهي، جنهن انسانذات جي امنگن، خواهشن ۽ ٻين ڪيترين ئي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ وجود ورتو آهي ۽ ڪيس انسانذات جي تاريخ جو مکيه جزو ليکيو وڃي ٿو. ثقافت ۾ انسانذات جا اڻ ڳڻيا آثار ۽ نشان سمايل معلوم ٿين ٿا. ماڻهن جي روزانه زندگيءَ جي طور طريقن، رهائش ۽ لباس جو مطالعو، ريتون رسمون، ٻولي ۽ زراعت ۽ ان جا وسيلا يا ذريعا پڻ ثقافت ۾ اچي وڃن ٿا.

ڪائنات جي مشاهدي ۽ مطالعي يا اڀياس ڪرڻ کان پوءِ ايترو چئي سگهجي ٿو ته ڪائنات جي مڙني مخلوقات کان انسان اعليٰ ترين مخلوق جو درجو رکي ٿو، جو جو ڪيس اشرف المخلوقات جو درجو عطا ڪيو ويو آهي. جيڪو عقل، فهم، ذهانت، سوچ ويچار ۽ فڪر ۽ [illegible] جي ڪري ممتاز آهي، پر بيهڪ ۽ بناوت، سيرت ۽ صورت ۾ به سرس ۽ سوايو آهي. بيشڪ الله سائين ڪيس دنيا جي گولي تي پنهنجو خليفو يا نائب ڪري موڪليو ۽ فرمايو ته:

ترجمو: اسان آدم کي سڀني شين جا نالا ڳڻايا.

خدا تعاليٰ جتي کيس عقل ۽ علم وغيره سان نوازيو ته وري اتي کيس سونهن ۽سوڀيا، رنگ ۽ رونق ۾ پڻ وڏيڪ سهڻو بنايو.

ترجمو: "تحقيق اسان انسان کي سهڻي جوڙ سان خلقيو آهي."

الله تعاليٰ جل جلالهٗ قرآن شريف ۾ هڪ ٻئي هنڌ فرمايو آهي ته:

ترجمو: "اسان آدم کي پنهنجي صورت مطابق خلقيو آهي."

سو بيشڪ هو سهڻو ۽ مخلوق ۾ مٿاهين درجي جي حيثيت رکي ٿو. اهڙيءَ ريت انسان کي تمام سهڻو ڪري ڪائنات ۾ موڪليو ويو آهي. چو ته ابتدا کان ئي سونهن سان پيار ڪري ٿو ۽ سونهن تي مفتون به رهي ٿو. جنهن ڪري سونهن جي واڌاري لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو ايو آهي.

ثقافت جي ماهرن کوجنا ڪندي اهو ظاهر ڪيو آهي ته زيورن جي تاريخ ايتري ته قديم ۽ ڪُهني آهي، جيتري خود انساني تاريخ.

انساني تاريخ جو پهريون دور عجيب و غريب چيو وڃي ٿو. هو شروعات ۾ وڻن ٽڻن ۽ ٻوٽن جي پنن ۽ ٽارين سان پاڻ کي ڍڪيندو هو. تڏهن هن به ان وقت وڻن جي پنن مان سهڻا سهڻا هار ناهي، پائي، پاڻ کي تمام حَسِين ۽ سهڻو بنائڻ جي ڪوشش ۾ مشغول هوندو هو.

جڏهن انسان تهذيب جي ٻئي دور ۾ پير پاتو. تڏهن هن پٿرن کي ڪَتي سٽي، گهڙي ناهي ۽ تِرشي انهن کي زيورن طور استعمال ڪيو. مهر پروين لکي ٿي ته:

"سنڌ جي تهذيب. دنيا جي پراڻين تهذيبن مان هڪ آهي. جنهن جا شاهد اهي پڙا ۽ ڪنڊر آهن، جن جي کوٽائيءَ مان، ٻين پراڻين شين سان گڏ ڳهن جا پڻ ڪيترائي نمونا لڌا ويا آهن. اهي ٽامي، ڪنجهي، سون، چاندي ۽ ٻين ڌاتن جا ٺهيل آهن. انهن ۾ مٽي جا زيور، نراڙ جا زيور، ڪنن جا زيور، ڳچي ۽ چيلهه جا زيور، ٻانهن، هٿن ۽ پيرن جا زيور اچي وڃن ٿا.

انهن ۾ ڪيترائي اهڙا ڳهڻ به آهن، جيڪي اڄ به جيئن جو تيئن استعمال ٿين پيا. اڄ کان ڪئين هزار سال اڳي به هتي جا رهاڪو زيور استعمال ڪندا هئا. جيڪي ڪيترين ئي شڪلين جا هوندا هئا." (مهر پروين–14–جون 1978ع)

زيور اسان جي تهذيب ۾ قيمتي ۽ اها بي بها وٿ آهن، جن جو ذڪر سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح شاعريءَ جي ڪيترن ئي قسمن ۾ ملي ٿو ۽ اسان جي ديسي شاعريءَ ۾ زيورن جا ڪيترائي نالا ڳڻايا ويا آهن، جي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سنڌي شاعريءَ ۾ چڱي خاصي جاءِ والارين ٿا. عام ڪري زيورن جو ذڪر سنڌي قديم شاعريءَ ۾ گهڻو ملي ٿو. سنڌ جي قديم ۽ جديد شاعري ڳيچ، ڳاهه، ڳجهارت، لوڪ گيت، بيت، ڪافي، مولود، مداح ۽ غزل وغيره پهرين صف ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. مثال طور:

ڳاهه:

سورج جو سينگار، چانديءَ "چندن هار"
چنڊ مهانڊي چانڊني، راجا جي دربار.

بيت:

سونا ڪُر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳانا "هار"
"ٻانهوٽا" ٻانهن ۾ سينڌ سٿيا وار
"مٽيو" وجهان مڇ ۾، هائيءَ هٿان "هار".

(شاهه لطيف)

ڪافي:

سونو "ٻازوبند"، مون کي سڄڻ موڪليو.

(اصغر)

مداح:

جنهن کي گهٽائي ڳهڙا، قدر قيمت جا،
"ڪنگڻ"، "ڪڙيون"، قيمتي، "پازيب"، پاڪيڙا،
"ڪنمالون"، "ڪٺ سريون"، "هار" هيري جا،
"بينا"، بولا"، نازڪ "نٿون"، پاڪيزا "پنڙا"،
"چُنگل"، "موريون"، "چهنب ڪليون"، "انگشتون" عجيبا،
ميناڪاري "منڊيون"، آگرين اپارا،
"نٿون" نرمل نور جون، "چُوڙا" چندن جا،
"وچون ويندا"، "وانئيون"، "نورا، نفيسا!

(غلام محمد ٻُگائي)

غزل:

اهي محبوب نوخيزه، سڄو عالم نچائيندا،
پرت مان نينهن جا "نورا" جڏهن پيرن ۾ پائيندا.

(سانگي)

مطلب تہ واديءَ سنڌ جي عورتن ۾ زيور ۽ هار سينگار جو عام واهپو هوندو هيو يا ائين ڪٺي چئجي تہ زيورن پائڻ جو منجهن گهڻو شوق هوندو هيو. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو:

"اڄ کان پنج هزار سال اڳ سنڌ ۾ عاج، ڪوڏ، مٽي، سپي، هڏي، ڪنجهي، ٽامي، چاندي ۽ سون مان زيور ۽ سينگار جا ٻيا سامان ٺاهيا ويندا هئا. واديء سنڌ ۾ انهن ذاتن جا ڪاريگر ۽ هنرمند رهندا هئا. جيڪي پنهنجي پنهنجي فن ۾ مهارت رکندا هئا. انهن مان سونارن جي مهارت جو ثبوت زيورن جي گهاڙيٽي، بناوٽ، بيهڪ، سونهن، سينگار خوبصورتي ۽ دلڪشيءَ مان ملي ٿو".(الانا–21–جون 1980ع)

نشاندهيءَ لاءِ اڪيريا پئي ويا آهن ۽ خوشي ۽ غميءَ جي اظهار لاءِ تمثيل طور پڻ زيورن کي ڪم آندو پئي ويو آهي".(شيخ-155-1989ع)

مخدوم فضل الله هتي اهڙن زيورن جا نالا ورتا آهن. جن مان ڪي هن وقت منجي يا ختم ٿي ويا آهن. انهن جي جاءِ تي نون (جديد) زيورن جو اجراءُ ٿيو آهي ۽ ڪي اهڙا به زيور آهن، جن جو نالو اڄوڪي دور ۾ ٻڌڻ ۾ مشڪل سان ٿو اچي. ڇو ته نون زيورن جو واهپو عام ٿي چڪو آهي. يعني تبديلي اٽل آهي. اهڙي ڪا به چيز نه آهي جيڪا پنهنجي اصليت برقرار رکي سگهي. "اسان جڏهن لوڪ ادب جو مطالعو ڪريون ٿا يا سنڌي ادب کي ڏسون ٿا ته اهڙن زيورن جا نالا اڳيان اچن ٿا، جن کي اسان اڄ سمجهي به نه ٿا سگهون".(شيخ- 187 - 1989ع) اها هڪ حقيقت به آهي ۽ ڏينهون ڏينهن نئين تحقيق ۽ کوجنا ۾ واڌارو ٿيندو رهي ٿو. جنهن ڪري هر روز نئون روپ وٺي اچي اسان جي سامهون بيهي ٿو.

ميان فضل الله هت اهڙن زيورن جو بيان ڪيو آهي، جن مان ڪي موجود نه آهن، پر مخدوم صاحب سينگار جي انهن زيورن کي پنهنجي شاعرانه ۽ سخن پروريءَ سان پنهنجي اشعار ذريعي عملي جامو اوڍايو آهي. مخدوم صاحب کان اڳ ڪيترن ئي شاعرن عورتن جي سينگارن ۽ زيورن جو ذڪر ڪيو آهي، جن مان شاهه لطيف ۽ جلال ڪتيءَ جا نالا پهرين قطار ۾ ڳڻي سگهجن ٿا. هنن کان پوءِ ته گهڻن ئي شاعرن پنهنجي پنهنجي شاعرانه عظمت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ۽ پاڻ سجائڻ لاءِ عورتن جي مختلف زيورن جا نالا پنهنجي ڪلام ۾ داخل ڪيا آهن. پر مخدوم صاحب اهو مصنف ۽ شاعر آهي، جنهن زيورن تي هڪ پورو ڪتاب جوڙيو آهي. سنڌي لوڪ ادب ۾ اهڙن زيورن جو پڻ وڏو قدر ۽ مڃتا هوندي هئي. اڄوڪي ڏينهن تي اڄ جي گهرجن مطابق آهي زيور سونارن کان ٺاهڻ وسرندا ويا يا پوري ائين چئجي ته انهن زيورن ٺاهڻ ۾ وڏي محنت شامل هوندي هئي.

ليڪن وقت جي تقاضا موجب قديم زيورن جي جاءِ تي جديد زيورن کي ناهي جوڙي استعمال هيٺ آندو ويو آهي. اهڙيءَ طرح مخدوم صاحب ٿي آهي، جنهن هن ڏس ۾ پهريون قدم کڻي زيورن جي مختلف قسمن کي شعر جي سانچي ۾ بند ڪيو آهي. جنهن ڪري قدر و قيمت جي لحاظ کان هيءُ ڪتاب لوڪ ادب جي حصي ۾ گهٽ ٿي مانُ لهڻي ٿو. منجهس فلسفيانہ طور تي هر هڪ ڳهہ يا زيور جو مقصد بيان ڪيل آهي. اسان جي سچاڻ سگهڙن ۽ سنوپرن سورهن سينگارن سان گڏ ٻارنهن مکيہ ڳهن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.

”ڳوريءَ سونهن ”ڳهڙا“ جادو منتر منڊ،

”ٻارنهن“ پهريو پهڪي پٽي، جهڙو چوڏهينءَ چنڊ!“

اهي ٻارنهن ڳهڻا سگهڙن ۽ شاعرن جي نظر ۾ هي آهن: چوٽي ٽل، ٽڪڙو بولو بينسر ليلم، ڪنمال، هار، چيلهڪي، پٽيون، ڪنگڻ، ٻانهوٽا ۽ منڊيون“.(مهر پروين- 23- جولاءِ 1978ع).

مخدوم فضل الله صديقي ڪافي زيور پنهنجي شاعرانہ رنگ ۾ محفوظ ڪيا آهن. ڳهن جا قسم بدلبا رهيا آهن ۽ بدلبا رهن ٿا ۽ انهن جي گهاڙيٽي ۾ بہ ڦيرو ايندو رهي ٿو. پر هتي صديقيُ صاحب زيورن جي زباني معلوم ڪندي عورتن کي تلقين ڪئي آهي تہ هو پنهنجي عزت ۽ عصمت جو خاص خيال رکن ۽ ڪنهن بہ بُري ڪم ۽ ڏارئي ماڻهو جي بدنظر کان پاڻ کي حفاظت ۾ رکن. اهڙيءَ طرح عورتن کي نهايت هدايت ۽ تنبيهہ ٿيل آهي تہ هو حق جي طرف هلن ۽ حق جي ڳالهہ ڪن ۽ ٻڌن. پنهنجي ورڪان سواءِ ٻي مرد کي ترجيح نہ ڏين ۽ ان جي ڦندي ۾ نہ ڦاسن. غير مرد کي ترجيح ڏيڻ يا پسند ڪرڻ اسلامي اصولن جي برخلاف آهي. ليڪن ڪُڏيون ڳالهيون ڪرڻ برائيءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون. عورت کي نصيحت ڪندي مخدوم صاحب هن طرح لکيو آهي:

فرمان ٻڌي ور جا ڪر نہ تنهن سان جوش،
چڱيون ڳالهيون رکج ڪن ۾ ڪج ٻرين کان موش.
(صديقي-10-1356هہ)

يعني زال کي اها نصيحت ڪئي ويئي آهي تہ هوءَ پنهنجي وَرَ (مڙس) جو چيو مڃي ۽ ان سان ڪهرو نہ ڳالهائي، جيڪي ڪيس هو چوي، تنهن تي عمل ڪري. هن جون چڱيون ۽ سٺيون ڳالهيون ساهہ ۾ سانڍي ۽ ٻرين کان پاسو ڪري، جنهن ڪري اهائي عورت وڏي مان ۽ مرتبي واري ليکبي، جيڪا پنهنجي مڙس جي چوڻ آکڻ ۾ رهندي. مطلب تہ هيءَ ڪتاب آهي ننڍڙو، پر نصيحت وارن لاءِ آهي، مصريءَ جو ڳنڍڙو. زالن لاءِ منجهس نهايت نصيحتون سمايل آهن. هن ڪتاب جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان جيڪا بہ عورت عمل ڪندي تہ ان لاءِ روز راحت ۽ دنيا ۾ ئي سڀ سک ۽ سهنج آهن. ڏک تہ ڪيس ويجهوئي نہ ايندا. اهڙيءَ ريت سندس لاءِ هتي دنيا بهشت جي مثال آهي.

حوالا:

1- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: (جون 1980ع) سنڌي ثقافت جو هڪ اهم پهلو، زيور ۽ هار سينگار جا سامان (مضمون) ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد.

2- ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري (انگلش).

3- سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر (1956ع) ادبي ۽ ثقافتي تاريخ- ضلعو لاڙڪاڻو- ايم اي جي مونوگراف (اڻ ڇپيل).

4- شيخ، محمد سومار (1989ع) سنڌ جا زيور، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو.

5- صديقي، مخدوم حاجي ميان فضل الله (1956ع) زيور نامہ، پبلشر مخدوم نظام الدين خلف، مخدوم محمود صديقي ڳوٺ پاٽ درگاه پاٽ

شريف ضلع دادو.

6- لاکي، غلام محمد (1990ع) قديم سنڌي تصنيف. تفسير آيت الڪرسي، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو.

7- مهر پروين (جون 1978ع) سنڌ جا ڳهه ڳنا (مضمون) ماهوار نئين زندگي حيدرآباد.

8- مهر پروين (جولاءِ 1978ع) سنڌ جا ڳهه ڳنا (مضمون) ماهوار نئين زندگي حيدرآباد.

آزاد قاضي

# نرمل جيوتاڻي

جديد سنڌي شاعريءَ جي ٽڙندڙ مکڙي، جيڪا گُئونچ کِڙڻ ۽ گل ٿيڻ کان اڳ اسان کي ڪيترائي سريلا نغما ۽ گيت ڏيئي 24 سالن جي ڀرپور جوانيءَ ۾ مرجهائجي ويئي. تنهن حسين مکڙيءَ جو نالو هيو "نرمل جيوتاڻي". جنهن جي شخصيت توڙي مختصر عمر ۾ ڪيل شاعريءَ واري ذات ۽ ڏانوَ تي اڄ تائين ڪو به قابل ذڪر ڪم نه ٿيو آهي. سندس حالات زندگيءَ بابت پروفيسر لوڪومل درياهي سنگهه ڪيسواڻي تبصرو ڪندي لکيو آهي ته: "هن جي جيون ڪٿا سوز واري ۽ دل ڇهائيندڙ آهي ۽ سکيا دائڪ به آهي. نرمل پنهنجي شعر دواران امر رهندو."(1)

جنم:

اسان جي هن روشن خيال ترقي پسند سوچ جي مالڪ، پنهنجي شاعريءَ سبب زنده رهندڙ نوجوان شاعر جي جنم ڀومي ضلعي دادوءَ (ان وقت لاڙڪاڻو) جي، ميهڙ تعلقي جو، ٺرڙي محبت شهر هو. ٺرڙي محبت جنهن کي هو پاڻ چوندو ئي هو "Hamlat of Love" ان محبت واري ٺرڙيءَ ۾ هن، سهڻي صورت ۽ اعليٰ سيرت واري گلابي گل 21 سيپٽمبر 1920ع تي ديوان گدومل جي گهر جنم ورتو. سندس پيءَ کي ٺرڙيءَ ۾ ڪرياني جو دڪان هوندو هو.

مختلف رسالن ۽ ڪتابچن جي صورت ۾ شايع ٿيل مواد تي سندس مختلف نالا لکيل ملن ٿا. شروعاتي ڪتاب جهڙوڪ "سرگ ڏانهن پنڌ عرف منهنجو موت" يا "ٽي ساٿي" سندس اهي ٻئي ڪتابڙا

ٽانور-جي-جيوتاڻي نالي سان شايع ٿيل آهن. پر پوءِ وارا ڪتابڙا جهڙوڪ "ست پرش"، "نرمل لات" ۽ ٻيا "نرمل جيوتاڻي" نالي سان شايع ٿيل آهن.

آريه سماج ويدڪ وديالي ٺرڙي محبت هاڻ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي، ورنيڪيولر اسڪول رجسٽر (GR) ۾ جريان نمبر 228 تي ٿيل داخلا موجب ٽانور پٽ گدومل جمر جي تاريخ 21 سيپٽمبر 1920ع درج ٿيل آهي.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن تي ليکڪ طور لکيل نالن ۽ داخلا رجسٽر (GR) ۾ ٿيل لکت کي ڏسڻ ڪانپوءِ، ان نتيجي تي پهچجي ٿو ته هن نوجوان شاعر جو نالو ٽانور، سندس پيءُ جو نالو گدو مل، جيوتاڻي نکَ ۽ "نرمل" سندس تخلص هو. نرمل ڪانسواءِ پوئين دور ۾ پاڻ ٻيو تخلص "ور" پڻ استعمال ڪيو اٿس پر اهو گهڻو وقت هلي نه سگهيو.

## تعليم:

داخلا رجسٽر ۾ ٿيل داخلا موجب، هن نوجوان کي ٺرڙي محبت جي مشهور ديس شيوڪ جهمٽمل سورداس جي وديالي ۾ پهريون ڀيرو 21 اپريل 1925ع تي ٻاراڻي ڪلاس ۾ داخل ڪرايو ويو. جتان 2 جون 1925ع تي سندس نالو خارج ڪيو ويو. اسڪول ڇڏڻ جو سبب گهر وڃڻ ڏيکاريل آهي. ساڳي رجسٽر ۾ اڳتي هلي جريان 272 تي (جنهن ۾ پراڻي جريان نمبر 228 جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي) ڪيس وري 28 آڪٽوبر 1925ع تي ٻيهر داخل ڪيو ويو.

جنهن دور ۾ هن ٻالڪ پرائمري تعليم ۾ پير پاتو ان وقت ٺرڙي محبت جو ماحول ڪجهه هن طرح جو هو. ويدڪ وديالا هلائيندڙ جهمٽمل سچي، هندستان جي منڃيل شخصيت هو. هو نه رڳو ان اداري جو سرپرست هو، پر پاڻ هڪ باذوق ادبي شخصيت هئڻ سان گڏوگڏ باقائدگيءَ سان پنهنجي قائم ڪيل ان اسڪول ۾ انگريزيءَ جا ڪلاس پڻ وٺندو هو. سندس لاڳاپو

ڪانگريس سان هو پنهنجي سماج سڌار ۽ علمي خيالن جي پرچار لاءِ هن ڪجهه وقت هڪ پرچو پڻ ڪڍيو. جنهن جي هو ساليانو ميمبرشپ ڏئي ندو هو. ان لاءِ سال ۾ هڪ دفعو هندستان جي مختلف شهرن جو دورو ڪندو هو ۽ جيڪي به ماڻهو سندس ساليانا ميمبر ٿيندا هئا يا ڪيس سهائتا طور چندو ڏيندا هئا، انهن جي نالن جي لسٽ پرچي ۾ شايع ڪندو هو. ان ڪان سواءِ سال ۾ هڪ ڀيرو علمي ۽ تعليمي هفتو ملهارائيندو هو. جنهن ۾ هندستان جي مختلف شهرن جا ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا. غالباً 1942ع واري هندستان خالي ڪريو تحريڪ ۾ بارود ٺاهيندي، سندس اکيون ضايع ٿي ويون. جنهن ڪري ٻيون سرگرميون ته ڇڏي ڏنائين، البت ٻارڙن کي انگريزي پاڙهڻ وارو ڪم پوءِ به ڪندو رهيو. ڪيس ڪلاس جي مقرر ٽائيم تي هٿ کان وٺي ڪلاس روم ۾ آندو ويندو هو ۽ پاڻ اچي ليڪچر ڏيندو. نرمل جي اسڪول جو هيڊ ماسٽر شري "شيوڪ رام" نالي هڪ علم دوست شخص هو.

ان ڪانسواءِ به ڀائر شري ايدنداس ۽ ماڌنداس پڻ ان اسڪول جا بهترين استاد هئا. جيڪي ٻارڙن جي مختلف حوالن سان تعليم ۽ تربيت ڪندا هئا. شهر ۾ بودومل نالي هڪ وڏو زميندار ۽ حڪيم هوندو هو جيڪو پڻ شهر جي تعليمي سرگرمين ۽ ٻين سماجي ڪمن ۾ سهائتا ڪندو هو. شهر جي پر ۾ هن هڪ اعليٰ قسم جو باغ رکرايو هو. جنهن ۾ قسم قسم جا ميوا ۽ گل ٻوٽا هوندا هئا. ان باغ جا اڄ تائين به قتل آثار موجود آهن.(2)

اهڙي ماحول واري آريه سماج ويدڪ وديالي ٺرڙي محبت ۾ نرمل جيوتاڻي چوٿين انگريزي تائين وديا حاصل ڪئي، پڙهڻ ۾ هوشيار، محنتي ۽ سانتيڪو هوندو هو. ٺرڙي شهر ۾ جيئن ته وڌيڪ پڙهڻ جو انتظام ڪونه هو. انڪري اتي چوٿون ڪلاس پاس ڪرڻ بعد ڪيس ميهڙ

هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. جتي سندس هوشيارپ کي نظر ۾ رکندي ڪيس پرنسيپال صاحب پنجون ۽ ڇهون ڪلاس گڏ ڏيڻ جو موقعو ڏنو. جنهن ۾ هن خوش اسلوبيءَ سان پاس ٿي ڏيکاريو.

## پڙهائي ۽ پورهيو:

سندس مائٽ غريب ڳوٺاڻا هئا. جيڪي پاڻ ۾، هن کي پاڙهڻ جي سگهه ئي نه سمجهندا هئا. انڪري سندن مرضي هئي ته هو گهڻو نه پڙهي. انڪري مائٽن جي مسڪيني حال کي نظر ۾ رکندي، هو ننڍي عمر ۾ ئي پڙهڻ جي معاملي ۾ پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ لڳو هو. "اسڪول ۾ في معاف هوندي هئس. لباس سادو پائيندو هو. ڪپڙا پاڻ ڌوئي پائيندو هو. ان ڪانسواءِ هڪ ٻن شاگردن کي پاڙهيندو هو."(3) اهڙي نموني پورهيو ۽ محنت ڪري، هن ميهڙ ۾ پڙهائيءَ جا ست درجا پاس ڪيا.

## نوڪري:

نرمل پڙهڻ ۾ ته هونئن ئي هوشيار هو. جڏهن هن ست درجا پورا ڪيا. انهيءَ وقت هن پنهنجو پهريون فلسفيانه انداز ۾ لکيل ڪتاب "سرگ ڏانهن پنڌ عرف منهنجو موت" ڇپايو. جو پڙهي سيٺين جي دلين ۾ هن لاءِ وڏيڪ عزت پيدا ٿي.(4) سندس ڪيل ان پورهيي کي نظر ۾ رکندي "يڪدم ڪيس ويدڪ ودياليه ۾ ماستر ڪري رکيائون. هو پاڙهڻ ۾ قابل ۽ محنتي هو. پڙهائيندو به نهايت پيار سان هو پر ان ملازمت ۾ گهڻو عرصو رهي نه سگهيو. ڇاڪاڻ ته "هن جو خيال هو ته مان ڪاليجي وديا وٺان" (5)

## ڪاليج جي تعليم:

نرمل کي ڪاليج جي تعليم حاصل ڪرڻ جي دلي خواهش ته هئي، پر غربت سبب اها پوري ڪين ٿئي. اهو هڪ اهم سوال هيو. جيڪو هڪ نيڪوڪار مهاشيه پيرو مل ڄڳتياڻيءَ جي حصي ۾ آيو. ٿيو ائين ته مهاشيه پيرومل ڄڳتياڻي، ڪنهن ڪم سانگي سان انهيءَ (ٽرڙي/ميهڙ)

پاسي ويو. اتي نرمل يڪدم هن سان لهه وچڙ ۾ آيو ۽ پنهنجو حال
سٽاپائينس. نرمل جو شايع ٿيل ڪتابڙو "سرڳ ڏانهن پنڌ عرف منهنجو
موت" اڳ ئي مقبوليت ماڻي چڪو هو. جنهن پيرومل جڳتياڻي سوڏو
ڪيترن ئي ماڻهن کي متاثر ڪيو هو. ڪير نه چوندو ته اهڙا شاگرد اڳتي
وڌن ۽ قوم جو نالو روشن ڪن؟ اهڙي ريت پيرومل جڳتياڻي، هن کي
ڏيارام گدومل قومي ڪاليج حيدرآباد وٺي آيو. حيدرآباد ۾ ڪيس
"ڪانگريس پون" ۾ رهايو ويو. اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ ڪاڪو اتمچند
گدواڻي به ڪانگريس پون ۾ رهندو هو. ڪانگريس پون ۾ رهائش اختيار
ڪرڻ ڪري نرمل جو، ڪاڪي اتمچند سان "اهڙو ته رستو ٿي ويو جو پوءِ
ڪاڪي، ڪٺي پنهنجو "پٽ" ڪيس ۽ سڄي ڪاليج، خواه ڪاڏي خوراڪ جو،
خرچ به پاڻ تي هموار ڪيائين".(6) حيدرآباد ۾ پهريان به سال سندس
معاملو ايئن هلندو رهيو. پر هن خوددار نوجوان کي اها ڳالهه ايئن هلندي
رهڻ پسند نه هئي، انڪري "جڏهن چڱي سڃاڻپ ٿي ويس، تڏهن شاگردن
کي پاڙهڻ شروع ڪيائين ۽ ايئن ماهوار پنهنجو سمورو خرچ ڪڍندو
هو."(7)

قومي ڪاليج ۾ سندس استاد جيٺمل پرسرام، هن نوجوان جي
ڳڻن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو "بي اي ۾ ساهت جو اڀياسي، سنڌي، پارسي،
انگريزي ٽنهي ۾ گوهر، اڪر لکي سونا، شاعر، سو به پڪو" (8)

## ڪاليج سرگرميون.

لڄاري طبيعت هئڻ ڪري، ڪنهن سان ڪا گهٽي ديگهه نه ڪندو
هو. ان ڪري ڪاليج ۾پهرين ته ڪنهن کي پروڙ ئي ڪونه هئي ته، هيءُ
ڪير آهي؟ جڏهن هن پنهنجا شعر قليلي ڪاليج مخزن ۾ شايع ڪرڻ لاءِ
ڏنا. ان ڪانپوءِ ڪيس ڪجهه نوجوان سڃاڻڻ لڳا. ان وقت مهاشيه جيٺمل
پرسرام جهڙو صوفي منش انسان ڪاليج ۾ سنڌيءَ جي پروفيسر طور مقرر

ٿيو هو. جيڪو نرمل جي اوائلي ڪتابڙي "ٽي ساٽي" جي مهاڳ لکڻ ڪري، هن ان اڳ ئي واقف هو. اهو ته "ٿوري ئي عرصي ۾ هن تي مشتاق ٿي پيو."(9) جڏهن هو ٽئين سال ۾ هو ۽ چينمل پرسرام "لطيف باري" نالي هڪ منڊلي قائم ڪئي، تڏهن نرمل کي ان جي پهرئين سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ان ڪري هن جو نالو ڪاليج جي سرگرمين ۾ وڌيڪ مشهور ٿيڻ لڳو. شاعر هئڻ سان گڏوگڏ "لطيف باريءَ" جو سيڪريٽري هئڻ واري حيثيت، سندس حضرت شاهه عبداللطيف سان وڌيڪ انس پيدا ڪرايو. اهڙي ريت شاهه ته، چڻ بر زبان ياد ٿي ويس. "شاهه لاءِ ايترو ته پيار هوندو هوس جو لطيف باريءَ جي سهاري هيٺ، هن پهرين پهرين ايڪسڪرشن پٽ شاهه تي ڪئي"(10)

ڪاليج جي چوٿين سال 1942ع ۾ نرمل جيوتاڻيءَ جي ڪوشش سان "ٽئگور آرٽ سرڪل" برپا ڪئي ويئي. "هن سرڪل جو متو هن "سونهن، سک ۽ سچ" Beauty Love and Truth رکيو. چاڪاڻ ته هن ۾ خود ٽيئي ڳالهيون موجود هيون."(11)

ٽئگور ڪلا ٽولي جا بنيادي مول متا ۽ انتظامي جوڙجڪ هن ريت هئي.

آدرش: سندرتا ۽ ستيه جو درشن.

ڪاريه: ٽئگور اپياس ۽ ساهتيه، ڪلا ۽ سدا چار پرچار.

بانيڪار: پروفيسر خوشيرام نيراج واسواڻي ۽ پروفيسر هريرام لچيرام بناڻي.

منتري: نرمل جيوتاڻي.

اپ منتري: سندر ملڪاڻي ۽ ڪماري ڳا، جڳتياڻي.

ٽئگور اپياس، ساهتيه ڪلا ۽ سداچار پرچار جي سلسلي ۾ هنن جي ڪوشش سان ٽئگور ساهتيه، ٽئگور ڪلا ٽولي نالي ڪتابي سلسلو

جاري ڪيو ويو، جنهن جو رتن پهريون ٽئگور ڪلا ٽولي، نالي سان ڪتابڙو ڪڍيو ويو، جنهن ۾، نوجوانن ۾ ٽئگور جي فن ۽ شخصيت بابت دلچسپي پيدا ڪرائڻ ـ ۽ خاص ٽئگور تي مضمون لکرائي ڏنا ويا ۽ بهتر مضمون لکندڙ وديارٿي نوجوانن کي انعام پڻ ڏنا ويا ۽ ٽئگور جي ياد ۾ نوجوان چترڪارن کان سندر چتر تيار ڪرائي، سڀني کان سندر چتر ٺاهيندڙ کي پڻ انعام ڏنو ويا.

## سماجي سرگرميون:

نرمل ۾ شيوا جو انگ ننڍي هوندي کان ئي سمايل هو. ويتر ڪاليج ۾ ڪيس صحبت بہ اهڙن ئي سماج سدارڪ شخصيتن جي ملي. ان دور ۾ لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن ۾ سخت ٻوڏون آيون هيون. اهڙي مهل ۾ هو يڪدم اٿي پيو ۽ وڃي ٻوڏ جي ستايلن جي تن من سان شيوا ڪيائين. هو هڪ غريب خاندان جو نوجوان هو، پر سندس اندر ۾ جا ڪلا هئي، تنهن کي ٻوڏ جي ستايلن لاءِ استعمال ڪرڻ واري خيال سان هن پيسن حاصل ڪرڻ لاءِ، هڪ ننڍڙو ڪتابڙو "ٽي ساٽي" عنوان سان لکيو ۽ انهيءَ مان جيڪي (پيسا) وصول ٿيس، سي هن ٻوڏ سهائتا فنڊ ۾ ڏنا."(12)

## سياسي سرگرميون:

نوجوان نرمل جي دل ۾ قومي جذبو پڻ، ننڍي هوندي کان ئي سمايل هو. ويتر جو جهمٽمل جهڙو ديس شيوڪ کيس پرائمري تعليم کان مليو. ان جي تعليم ۽ تربيت سبب ڏيارام گدومل قومي ڪاليج حيدرآباد ۾ اچڻ کانپوءِ بہ قومي ڳالهہ سندس اندر ۾ وڌيڪ گهر ڪري ويئي. ان دوران 1942ع ۾ مهاتما گانڌي ۽ ٻين ڪانگريسي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو. سرڪار جي اهڙي عمل تي، سڄي ملڪ ۾ جوش ڦهلجي ويو. جنهن جي اثر هيٺ هي پڻ ٻي ڊپو ٿي، زورشور سان قومي ڪم ڪرڻ لڳو. ايتري قدر جو ان معاملي ۾ "پنهنجي پڙهڻ جو بہ ڪو خيال ڪونہ ڪيائين."(13)

سندس ويجهو دوست ننڌگدواڻي لکي ٿو ته "بي اي جي امتحان ۾ پڪيٽنگ ڪئي ويئي، جتي هيءَ به اسان سان گڏ مارشل لا جو ڪو به خيال نه ڪري، گوا ين ڪائڻ لاءِ تيار ٿي شامل ٿيو."(14) اهڙي طرح سان هن ان وقت کان پنهنجي سياسي سرگرمين جي شروعات ڪري ڏني. ان دور ۾ عوام کي آزاديءَ واري راهه ڏانهن متوجهه ڪرڻ لاءِ مختلف جاين تي هند جي جهنڊي جي سلامي ڏيارڻ لاءِ جلسا ڪيا ويندا هئا. جن ۾ ڪجهه نوجوان هند جي قومي جهنڊي کي سلامي ڏيندا هئا.

## ترم ياترا:

آگسٽ 1942ع کان هند جي آزاديءَ جو آندولن چالو ٿيو. اهڙي وقت ۾ محب وطن، قومي پروانا ڪيئن ٿي خاموش ويهي سگهيا. ٻين ڪيترن سائين سميت نرمل جيوتاڻي به ان يڌ ۾ ٽپي پيو. ان سلسلي ۾ "نومبر 1942ع ۾ "آزاد ميدان" تي ننڌگدواڻي ۽ ٻين نوجوانن سان گڏ نرمل جيوتاڻي به جهنڊي جي سلامي ڪرائيندي گرفتار ڪيو ويو."(15)

نرمل "جيل جي زندگيءَ ۾ اهڙو ته سلڇڻو ٿي هليو جو جيل جا عملدار به هن تي مشتاق هوندا هئا. هو سڀني سان نهايت قرب مان ڳالهائيندو ۽ ملندو جلندو هو. ايتري قدر جو خود غرضي ڇڏي جيڪي به ٻين کي کپندو هو، سو به ڏيندو هو."(16) سندس اهڙي روش سبب جيل اندر ٻيا عام توڙي خوني قيدي ۽ گرفتار ڪيل حر به کيس بيحد پيار ڪندا هئا هو پنهنجي رويي سبب سڀني کي جلديءَ ۾ پنهنجو ڪري ڇڏيندو هو. صفائيءَ جو خاص خيال هوندو هوس. پنهنجو ڪمرو بلڪل صاف ۽ سُندر رکندو هو. گندگي بنهه ڪونه وڻندي هيس.

ان وقت حيدرآباد جو جيل سپرنٽينڊنٽ مسٽر "ڪوپر" نالي انگريز هو. جيڪو پڻ کيس خوب پائيندو هيو. هو وقت به وقت سائس اچي ملندو ۽ گهڻي وقت تائين ڳالهيون ڪندو رهندو هو ۽ هر طرح جون سهوليتون

آچيندو هوس. نرمل مسٽر ڪوپر ڪي پنهنجا تخليق ڪيل شعر ڏيکاريندو هو، جيڪي هو پڙهي بيحد خوش ٿيندو هو. هو ڳالهائيندو تمام ٿورو هو. البت جيل زندگيءَ کي سڦل بنائيندي جيل اندر به شعر لکندو رهندو هو. سندس جيل جي ساٿي هيري ڪي جڳتياڻي لکيو آهي. ”جيل جي احاطي اندر پسار ڪندي ڪندي شعر رچيندو هو. هلندي هلندي اچانڪ بيهي ويندو هو ۽ آسمان طرف نهاري، چپن ۾ ڪي جو ڪي چوندو هو ائين سمجهڻ ۾ ايندو هو ته شايد قدرت سان رهاڻيون ٿو ڪري.“(17) اتي رهندي جيل زندگي سان لاڳاپيل طويل نظم ”باندي يا بندن ۾“ پڻ لکيائين.

شعر شاعريءَ کان سواءِ هو پنهنجي دوستن ۽ ٻين قيدين جي پنهنجي سُندر آواز ۾ مٺن ٻولن سان دل وندرائيندو هو. جڳتياڻي لکي ٿو: ”شام ٿيندي هئي ته هرڪو پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ اڪيلو بند ڪيو ويندو هو. پلا سياري جون راتيون لنبيون. وقت ڪيئن نبري ان ڪري هو روز نئين آڪاٽي ٻڌائيندو هو. سُرُ به مٺو تاثير پريو هوس، سو مست ڪري ڇڏيندو هو. آواز ۾ ڪافي درد هيس.“(18)

ان ڪيس ۾ کيس 6 مهينا جيل ۽ ڏهه ڦٽڪا سزا ڏني وئي، جيڪا هن ڳڀرو نوجوان کل خوشيءَ سان برداشت ڪئي. ان قيد ڪسٽ منجهان کيس 11 اپريل 1943ع تي آزاد ڪيو ويو. ڦٽڪا ۽ جيل زندگي، سندس من کي لوڏي نه سگهي. جيل مان نڪرڻ بعد ڪجهه وقت لاءِ ڳوٺ هليو ويو. ڳوٺان واپس ٿيڻ تي هن وري به قومي معاملن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. اهڙي ريت صرف پنجن مهينن جي وقفي کان پوءِ وري به جهنڊي جي سلامي ڪرائڻ ڪري 9 آگسٽ 1943ع تي ٻيهر کيس ڪاليج مان ڪن ٻين شاگردن سميت گرفتار ڪيو ويو. هن ڀيري کيس چار مهينا چوڏهن ڏينهن سزا ڀوڳڻي پيئي. جنهن مان 23 ڊسمبر 1943ع تي کيس آزاد ڪيو

ويو.

جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ هي ڪراچي سنڌ ڪاليج ۾ بي اي جو آخري سال ڏيڻ لاءِ ويو. اتان 13 جنوري 1944ع تي حيدرآباد آيو جتي اچڻ سان ڪيس تپ ٿي پيو.

## وفات:

محسوس ٿئي ٿو ته ٻئي ڀيري واري جيل نرمل جي سُندر سرير کي ڪائي ڳجهي جهڙپ ڏيئي ڇڏي هئي. جنهن ڪري آزاد ٿيڻ کان پوءِ سخت ٿي بيمار ٿي پيو. بيماري به اهڙي جنهن ڪيس بستري داخل ڪري ڇڏيو. ان وقت هيرآباد ۾ ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهيل هو. اتان ڪيس سندس دوست نندگدواڻيءَ جي گهر نيو ويو جتي سندس خوب شيوا ڪئي ويئي. پروفيسر ڪيسواڻي لکي ٿو: "جنهن پريم سان سندس پريتم نندگدواڻيءَ ۽ سندس پريم سروپ گٽڪاري ماتا هن جي شيوا ڪئي سا وسرڻ جي ناهي، اها ڪمال جهڙي خدمت هئي. وڏيڪ نه چوندس، عمر جي انت تائين اهو نشڪام پريم جو مثال منهنجي اندر اڪريل رهندو."(19) سندس شيوا ۾ نه رڳو نند ۽ سندس ماتا پر نرمل جا ٻيا دوست پڻ پيش پيش هئا. شيوا ۾ ڪير به پوئتي ڪين پيو. موت جي اجل، نرمل سرير واري نرمل جيوتاڻيءَ کي نهوڙي وڌو جيتوڻيڪ سندس پريمين هر طرح جا حيلا هلايا.

دعائن ۽ دوائن تي لڳو جيڪي سو تن لاتو،
پڙهيون پوٺيون ڪنئين ڪونڌر نه ٿيو تر جو تفاوت ڪو.

(عزيز)

نندگدواڻي جي گهر ۾ رهندي، نرمل جي سيوا ۾ ڪير به پوئتي ڪين پيو. بخار هوندي هڪ ڏينهن اڌ رات جو هو گهر مان غائب ٿي ويو. بخار جي شدت سبب نيم بيهوشيءَ واري حالت ۾، هو ٿياسافيڪل لاج (بسنت هال) هليو ويو ۽ ان جي شاورَ هيٺان وڃي شنان ڪيائين. صبح جو گهر ڀاران جي سخت ڳولا کان پوءِ ٿياسافيڪل لاج ۾، بي هوشيءَ واري

حالت ۾ مليو. جتان کيس گهر ڪٺائي آيا. ڊاڪٽر ڊبل نمونيا ظاهر ڪئي ۽ تمام گهڻي پرهيز ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو. گهر ۾ اتين هن جو ڏاڍو خيال رکيو پر سندس حالت سڌرڻ بجاءِ، ماڳهين بگڙندي ويئي، ڦڪين جو ڪو فرق ڪو نه ٿي ٿيس. نيٺي ننڊ حرام ٿي ويس. بي آرامي ۾ شدت ڏينهن به ڏينهن وڌندي ويس. سندس قريبي دوست هيرو ڪي جڳتياڻي آخري ڏينهن واري وارتا بيان ڪندي لکي ٿو: "پڇاڙيءَ ڏينهن گهڻي پيڙا ڏنائين، سارو وقت سندس پر ۾ به ٿي جٺا وهندا هئا. پڇاڙيءَ واري ڏينهن اٽڪل 2 بجي ڌاري اچانڪ هڪ منٽ لاءِ، کيس سوجهي آئي، اسين سندس چوڌاري ويٺا هئاسين، اوچتو چوڻ لڳو، "چوطرف سک شانتي آهي! گوڙ گمسان بند ٿي ويو؟"

"ها مون وراڻي ڏني.

"شعر امر رهندو؟" هن حيرانيءَ مان پڇيو.

"ها امر رهندو". مون پابوهه مان کيس جواب ڏنو. بس، جواب ٻڌڻ لاءِ ڪو آتو هو. وري بي سرتيءَ ۾ اچي ويو. اسين ويٺل پاڻ تعجب ۾ پئجي وياسين، ته هي ڪهڙو اسرار ٿيو. اٽڪل اڌ ڪلاڪ بعد سندس روحاني پکيئڙو پرواز ڪري چڪو. پنهنجي ڏيهه ڏي."(20)

## سندس آخري رسمون

انهن ڏينهن ۾ حر تحريڪ جي اثرن سبب حيدرآباد سان مارشل لا لاڳو هو. ڪيترن ئي سالن کان ڪنهن ڪو جلوس نه ڪڍيو هو. سختي ايتري قدر ته هئي جو جنازو ڪڍڻ لاءِ به سرڪار کان اجازت وٺڻي پوندي هئي. اهڙي صورت هوندي به نرمل جي دوستن جو خيال هيو ته هن نوجوان ڪي وڏي مرحبا ڏيئي سندس ارٿيءَ کي ڌام ڌوم سان کنيو وڃي. اهڙي دل ڏکوئيندڙ واقعي تي ڪيترن شاعرن شعر لکيا. ماستر لعل چند لکيو:

فرض پنهنجو پورو ڪري، نرمل نباهي ويو هليو
دنيا فاني هيءَ ڇڏي، نرمل نباهي ويو هليو.

اهڙي طرح نرمل جي ياد ۾ سڀ اسڪول بند ڪرائي هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. سنڌس ارٿيءَ کي قومي جهنڊن سان سينگاريو ويو. ان کان اڳ ڪنهن جي ارٿيءَ سان ايڏا ماڻهو ورلي شريڪ ٿيا هجن. نرمل جي ارٿيءَ سان ٻار ٻچا زالون مرد، نينگر ۽ نينگريون شامل هئا. هن جي ديهانت تي هر ڪنهن ٿي رُنو، ٻڍن ۽ ٻارن ورلاپ ڪيا. حيدرآباد جي نازڪ حسن به هنجُون ٿي هاريون. آس پاس درد جي لهر ڇانئجي ويئي."(21) نرمل جي وڇوڙي تي سيٺي ماستر لعل چند جي مٿي ذڪر ڪيل شعر جو راڳ ڳائيندا رهيا. اهڙي ريت ارٿيءَ کي سڄي شهر جي پرڪرما ڏياري ويئي. اهڙي ماحول ۾ سيني جي دل ڏڪايل هئي، سيني جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. آخرڪار شمشان ڀوميءَ ۾ قومي تراني بعد سنڌس اگني سنسڪار ڪيو ويو ۽ پوءِ هر ڪو ڏکاري دل سان پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن هليو ويو.

سنڌس هم ڪلاسي دوستن ڪاليج مئگزين قليلي 43-1944ع واري پرچي ۾ کيس ياد ڪندي لکيو: "نرمل جيوتاڻي جي نازڪ ۽ اڻ مندائتي قضئي ڪري اسان جي ڪاليج هڪ بي بها گوهر ۽ املهه زيور وڃايو آهي. ويچارو ڪونڊر ڪانگريسي نمونيا جي نحس بيماريءَ ۾ هڪ هفتي جي هلاڪيءَ بعد ويهن ورهين جي وهيءَ ۾ پرلوڪ پڌاريو. هو ڪاليج جي وديارٿين جو سرومڻي هو ۽ سنڌس لاڏاڻي تي اسان مان سيني کي اونهو جگري گهاوُ رسيو آهي. سنڌس جيوت جي تصوير اسان جي اکيان ڦرندي رهندي ۽ سنڌس اخلاقي ۽ آتمڪ جيوت اسان جي سچي رهبري ڪندي ايندي... اسان لاءِ انهيءَ ۾ ئي آٿت آهي ته نرمل امرتا جو جامو پهري، وڃي اُتي آرام گير ٿيو آهي. جتي نرمل نور ۽ ابدي آنند آهي، جتي اٽل حياتي آهي ۽ مماتيءَ جو نشان به ڪونهي، شل سنڌس آتما هميشه لاءِ ايشوري نورمحل ۾ اوج پدوي ماڻيندي رهي!"

ڪاڪو ڪلياڻ آڏواڻي نرمل جي نرملتائي کي نظر ۾ رکندي کيس خوشبودار گل سان تشبيهه ڏيندي لکي ٿو: "دنيا جي چمن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا گل پيدا ٿين ٿا، جي پنهنجي رنگ ۽ خوشبوءِ سان گهڻن جون دليون موهيو ڇڏين، باغبان ازلي به اهڙن گلن تي عاشق ٿو رهي، ۽ انهن کي ٿوري مدت لاءِ حسن نمائيءَ جو وجهه ڏيئي، پوءِ پنهنجي گلستان جي سينگار لاءِ هتان کنپيو وٺي. گل پنهنجي پنيان به پنهنجي سڳنڌ جي ياد ڇڏيو وڃن، جا ڪانئن پوءِ ڪيترن بلبلين جي دلين ۾ هميشه تازي ٿي رهي. اهڙن گلن مان هڪ نرمل جيوتاڻي هو."(22)

پروفيسر لوڪومل ڪيسواڻي لکي ٿو: "هن جي دهانت تي هر ڪنهن ٿي رنو، پڊن ۽ ٻارن ورلاپ ڪيا. حيدرآباد جي نازڪ حسن به هنجون ٿي هاريون آسپاس درد جي لهر ڇانئجي ويئي. اها حقيقت ڏسي مان حيران ٿيس، نرمل ۾ ڪا سوڪير اندر جي جوت هئي جنهن هن جي دهانت وقت اهڙو سوز اٿاريو ۽ هر ڪنهن حاضرين جي اکين مان آنسو وهايون."(23)

پروفيسر ڪيسواڻي جي مٿي ذڪر ڪيل صورتحال جي مسٽر پهلاج هينين سٽن ۾ منظرڪشي ڪئي.

رنو لوڪ لکن ٿي، ڪديا پار پکين پي،
ڇڙهيو ڏنڌ اکين تي، پريتم جي پڇاڻا.

نرمل جيوتاڻي جي وفات بظاهر طبعي طرح 1943ع ۾ ٿي، پر ان وقت واري سياسي ماحول ۾ سرڪار جو سياسي ڪارڪنن ڏانهن جيڪو رويو هيو. تنهن کي ڏسندي ان ڳالهه کي رد نه ٿو ڪري سگهجي ته هن نوجوان کي جيل وارن ڏينهن ۾ جيڪي تڪليفون ڏنيون ويون، انهن جي اثر کيس اهڙو ته نهوڙي نيو، جو سندس صحت سڌري نه سگهي ۽ هن امر لات آلاپيندڙ جديد گيت جي پلوڙ شاعر کي جيل مان نڪرڻ کانپوءِ، صرف هڪ مهيني اندر ايشور پاڻ ڏانهن گهرائي ورتو.

جوڙي ورتي، جنهن جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ شري هريسندر روپچند، ڪي. ايل. واسواڻي، وشن آءِ. جڳتياڻي، حشو ايچ ميلواڻي، روچي پي آسراڻي، ڪماري پاربتي ايمر سپاهيملاڻي، ڪماري پدما جي- ميرچنداڻي شامل هئا. جڏهن ته شري هيرو ڪي. جڳتياڻي، ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري هو.(24) هن سوسائٽيءَ پاران نرمل جو ناول بينا "نرمل يادگار پستڪ" طور ٻيهر شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ نرمل جو هڪ ننڍڙي نظم جو ڪتابڙو "ٻنڌن" پڻ شامل ڪيو ويو. جيڪو اڳ ڪٿي شايع نه ٿي سگهيو هو.

ننڊگدواڻيءَ نرمل جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکيو آهي ته "جنهن به قوم ۾ نرمل جهڙا شاعر پيدا ٿين ٿا ۽ زندگيءَ جو راز ڏيکارين ٿا. اها قوم هميشه زنده رهندي. انهيءَ قوم جي تهذيب ۽ سڀيتا امر آهي پر جي انهيءَ راز کي پروڙي ان موجب عمل ڪريون." ان ڳالهه جي مدنظر مون هتي اها ڪوشش ڪئي آهي ته نرمل جي زندگيءَ واري راز کي پاڻ پروڙي ۽ پوءِ ان جي نثر توڙي نظم ۾ اڻاريل آواز کي سنڌ جي نوجوان نسل تائين پهچايان. ان سلسلي ۾ نرمل جي نثر توڙي نظم جا مجموعا تيار ڪيا پيا وڃن. نرمل جو شعري مجموعو "ڪلام نرمل جيوتاڻي" آخري مرحلن ۾ آهي.

حوالا

1- ڪيسواڻي، لوڪومل، پروفيسر: سنڌي شعر جي ڪسوٽي، ڇاپو پهريون، آفتاب پريس حيدرآباد، 1981ع، ص - 11.

2- رٽائرڊ استاد ڏٽي بخش ناريجي سان ڪيل ڳالهه ٻولهه.

3- گدواڻي، ننڊ: نرمل لاٽ، ڇاپو پهريون، نرمل پبليڪيشن سوسائٽي حيدرآباد، 1944ع، ص - 5.

4- ساڳيو حوالو.

5- ساڳيو حوالو.

6- ساڳيو حوالو، ص

7- ساڳيو حوالو.

8- ساڳيو حوالو، ص - 3.

9- ساڳيو حوالو، ص - 6.

10- ساڳيو حوالو.

11- ساڳيو حوالو.

12- ساڳيو حوالو، ص - 7.

13- ساڳيو حوالو.

14- ساڳيو حوالو.

15- ڪيسواڻي، لوڪومل پروفيسر: ساڳيو حوالو، ص - 100.

16- ساڳيو حوالو.

17- جڳتياڻي، هيروڪي: نرمل جيوتاڻي جو جيون چرتر، (پر) بينا، ڇاپو پهريون، نرمل پبليڪيشن سوسائٽي، بمبئي، ص - iv.

18- ساڳيو حوالو.

19- ڪيسواڻي، لوڪومل پروفيسر: ساڳيو حوالو، ص - 101.

20- جڳتياڻي، هيروڪي، ساڳيو حوالو، ص - v.

21- ساڳيو حوالو، ص - vi.

22- آڏواڻي ڪلياڻ، مهاڳ، بينا، ڇاپو پهريون، نرمل پبليڪيشن سوسائٽي بمبئي.

23- ڪيسواڻي، لوڪومل پروفيسر: ساڳيو حوالو، ص - 101.

24- ڏسجي ڪتاب، بينا، بمبئي، ڇاپي جو بيڪ ڪَوَر.

ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي

# حضرت مخدوم غلام حيدر صديقي هالائي
## (1898ع - 1953ع)

حضرت مخدوم غلام حيدر عليه رحمت جن جي سوانح حيات ۽ خدمتن بابت لکڻ کان اڳ اسان کي سروري خاندان جي پنج سئو سالا شاندار تاريخ جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. جنهن ۾ هن سڳوري خاندان جو هڪ هڪ فرد رهبري ڪندڙ ۽ خدا جي بندن سان محبت ۽ خدمت ڪندڙ پئي رهيو آهي. سروري خاندان جو مثال ائين آهي جيئن رُڃ ۽ ويراني ۾ خيابان، آب حيات جا آبشار.

مخدوم غلام حيدر رح جي نسب جو سلسلو حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان وڃي ملي ٿو. پاڻ سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جي امير ڪاروان حضرت مخدوم نوح سرور رح جي خاندان جي عالي مرتبت شخصيت آهن. ڪافي عرصو سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر رهيا.

اڄ جو نوجوان نسل، تنهن بلاشڪ حضرت مخدوم غلام حيدر رح کي ڪون ڏٺو پر ائين چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته اڄ جو نوجوان خصوصاً هالا جو نوجوان جيڪي ڪجهه به آهي، سنڌس عزت ۽ مقام، روزي ۽ روزگار، سفيدپوشي ۽ ـــ ي مڇي، تنهن جا ذريعا ۽ اسباب پيدا ڪندڙن ۾ جديد هالا جو معمار حضرت مخدوم غلام حيدر رح سرِفهرست آهي.

مخدوم غلام حيدر رح کي صرف هڪ تعليمي خدمتون ڪندڙ هستيءَ جي حيثيت ۾ متعارف ڪرائڻ، منهنجي خيال ۾ اهو مخدوم

مغفور جن جي خذمتن جو اٿپورو ۽ ناڪافي تعارف آهي.

سروري خاندان جا سڀ بزرگ پنهنجي پنهنجي دور ۾ عظيم الشان، ديني ۽ تعليمي خدمتون انجام ڏيندا آيا آهن. هو خلق جي خدمتن جي نتيجي ۾ ئي مخدوم بنيا.

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب المولىٰ
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ ڪو وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

سروري خاندان جا افراد مجسمئہ خدمت، سراپا مروت ۽ اخلاق آهن. سندن حضر ۽ سفر ميل ملاقات، اٿڻ ويهڻ، سياسي ۽ سماجي اقدام سڀ ڪنهن نہ ڪنهن طرح انساني خذمت جا خوشگوار نتيجا پيدا ڪندڙ آهن.

سروري خاندان جي هرهڪ فرد جي اٿڻ ويهڻ ۽ نشست و برخواست ۾ هميشہ اعتدال، وقار ۽ توازن موجود رهي ٿو. خانداني روايات جي خوشبوءِ اچي ٿي ۽ سندس مجلس ۾ مان دانائي ۽ ڏاهپ نظر اچي ٿي. هن درڪان ڪو بہ مايوس ٿي نہ ويو پرسڪ ۽ سلامتيءَ جا جهول پري ويو.

ڏمرجي تہ بہ ڏئي، پرچي تہ پاڃ پري،
جُنگ جڪري ڪي ٻئي چڱايون چت ۾.

منهنجون يادگيريون مون کي 45 سال کن پوئتي وٺي ٿيون وڃن، جڏهن منهنجي استاد محمود ابڙيچي (مرحوم) جي مهربانيءَ سان مون کي حضرت مخدوم غلام حيدر رح جن جي قدمبوسيءَ جو شرف حاصل ٿيو.

نوراني صورت واري چهري تي شفقت ۽ محبت جا خزانا ڏٺم. پاڪيزگيءَ واري ڏيا ۽ حشمت، لبن تي وري فياضانہ شفقت ڏٺم، سفيد لباس، سفيد سونهاري، سفيد پڳ ۽ ننڍڙي تسبيح هٿ ۾.

قاضي عبدالحي سليم هالائي لکن ٿا تہ: "جڏهن حضرت بيبي

عائشہ سڳوري رضي الله تعاليٰ عنها کان حضور صلعم جن جي اخلاق حسنہ بابت پڇيو ويو تہ ٻيٻي سڳوري فرمايو تہ "وڪان خلقه القرآن" يعني تہ سندسن اخلاق ۽ سيرت پاڪ قرآن پاڪ جي مطابق هئا. يعني جيڪي قرآن شريف ۾ لکيل آهي اهوئي حضور صلعم جن جو عمل هو."

انهيءَ سنت مطابق جيڪڏهن ڪو مونکان مولوي مغفور مخدوم غلام حيدر رح جن جي سيرت ۽ اخلاقن بابت پڇي تہ مان بہ اهوئي جواب ڏيندس تہ "سنت رسول صلعم جي پيروي سندن سيرت ۽ اخلاق هو."(1)

هميشہ باوضو رهڻ ۽ ڪثرت سان درود شريف جو ورد ڪرڻ سندن معمول ۾ شامل هو.

"دين خواه دنيا جا امور سندن پيش نظر هئا. مسجد کان اسيمبليءَ تائين سندن دسترس هئي. سندن طبع نفيس پر نهايت عميق ۽ نظر وسيع پر معاملہ فهم هئي. اهوئي سبب آهي جو هن عظيم انسان جي ابرو جي اشاري سان سنڌ جي سياست وابستہ هئي. جلال ۽ جمال علم ۽ ڪمال ۽ اعتدال پسند سياست جي هن جامع شخصيت جي ارادي ۽ اشاري سان سنڌ جون وزارتون ٺهيون ۽ ڊهيون.(2)

"نگاهہ مرد مومن سي بدل جاتي هين تقديرين"

مخدوم صاحب کي اهو بہ فڪر هوندو هو تہ سندن تر ۾ ڪيترا يتيم آهن، ڪير بيوهہ ۽ نادار آهي، ڪجهہ عليل ۽ مفلس آهن. پورو تفصيل وٽن موجود رهندو هو. سندن اعتماد جوڳا ملازم، معاون ۽ مصاحب هر وقت ان ڪوشش ۾ هوندا هئا تہ انهيءَ لسٽ جي صحت ۽ سچائيءَ ۾ ڪا ڪمزوري نہ هجي. ڀراٽين ۽ شڪستہ مسجدن جي، مرمت ڪرائڻ بہ سندن معمول ۾ شامل هو.

پروفيسر محبوب علي چنا جن لکن ٿا تہ "مخدوم غلام حيدر رح جن جي تصنيف ۽ تاليف بہ خالص ديني خدمت لاءِ هئي. سندن تصنيفات

۾ اسلامي تصوف (1936ع) معراج محمدي، همدرد پريس هالا، 1355هه، سوانح عمر حضرت مخدوم نوح رح (1932ع)، "اسوه محمدي" (1935ع)، نبوي اخلاق (1935ع) شامل آهن. تنهن کان سواءِ سندن هدايتن ۽ نگرانيءَ هيٺ، 1946ع ۾ مشهور اديب ۽ عالم قاضي عبدالحي سليم هالائيءَ "سفينته النوح عرف سکنيته الروح" عنوان سان هڪ ضخيم ڪتاب مرتب ڪيو جيڪو اڃا قلمي صورت ۾ آهي. حضرت داتا گنج بخش رح جي شهره آفاق تصنيف ڪشف المحجوب فارسي زبان ۾ لکيل هميشه سندن مطالعي هيٺ رهندو هو. جنهن جو سنڌي ترجمو تازو سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو آهي.

ان کان علاوه بيا به ڪجهه ڪتاب پنهنجي خرچ سان ٻين عالمن کان لکرائي ۽ ڇپرائي مفت تقسيم ڪرايائون.

جيئن ئي ڪو مسافر قومي شاهراه تان لهي هالا جي شهر ۾ "باب نوح" کان داخل ٿئي ٿو ته کيس اسڪولن ڪاليجن هاسٽلن مدرسن، مسجدن، مسافرخانن هنرگاهن ۽ درگاه جو هڪ طويل سلسلو نظر اچي ٿو. اڌ صديءَ جي تعليمي خدمات، هن ترجي معاشي ۽ سماجي زندگي ۾ هڪ خوشگوار انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. جنهن جو لازمي نتيجو منجهن سماجي ۽ ذهني بيداري جي صورت ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي. اهي سڀ مخدوم غلام حيدر رح جي علم پروريءَ جا زنده ثبوت آهن.

نادار ۽ ضرورتمندن ۽ پرديسي شاگردن کي ڪتاب وٺي ڏيڻ ڪپڙا سبرائي ڏيڻ، سياري ۾ سَوَڙَ مهيا ڪرڻ، فيون ۽ اسڪالرشپ ڏيڻ، دوا درمل لاءِ پئسو ڏوڪڙ ڏيڻ، هاسٽل ۾ بنا معاوضي مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ، ويندي موڪلن ۾ ڳوٺ وڃڻ لاءِ ڀاڙو به ڏيڻ، مخدوم غلام حيدر جي پسنديده مشاغل ۾ شامل هو. جنهن جو ذڪر پروفيسر محمد بچل پنهور ۽ بورڊ آف روينيو جي ميمبر جناب عبدالحڪيم ڪوسي پنهنجي تقريرن ۾

آتم ڪهاڻيءَ ۾ واضح طور لکيو آهي.(3)

سندن فڪر ۽ سوچ موجب سنڌ جي ماڻهن جي سياسي سماجي ۽ معاشي پستيءَ جو علاج هتي جي ماڻهن جي تعليمي پسماندگي ختم ڪرڻ سان ئي ممڪن هو. مخدوم صاحب جن جي سياست ۾ اچڻ جو سبب به اهوئي هو ته هن خطي جي عوام جو آواز اسيمبلي ۽ ارباب اختيار تائين پهچائي، ان جو حل حاصل ڪجي.

مخدوم غلام حيدر جي تعليمي سرگرمين جو بس اهوئي پس منظر هو. اهو زمانو آزاديءَ جي تحريڪن جي عروج جو زمانو هو. ۽ قيام پاڪستان جو اوائلي دور هو. جڏهن سنه 1940ع ۾ مخدوم صاحب جن هالا ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ۽ 1942ع ۾ هتي انگريزي اسڪول شروع ٿيو. جيڪو سنه 1943ع ۾ هاءِ اسڪول جي درجي تي پهتو. 1944ع ۾ هاءِ اسڪول جي بورڊنگ هائوس تعمير ڪرايائون.

انهن ئي ڏينهن ۾ درگاهه شريف تي هڪ تمام وڏو ڪشادو ورانڊو جوڙايائون ۽ وضو لاءِ معقول انتظام ڪرايائون. تنهن ڪري گرمين خواه سردين ۾ زيارت لاءِ ايندڙن لاءِ، مريدن لاءِ ۽ نمازين لاءِ گهڻو سک ۽ سهوليت ٿي. هڻ جو پورهيو ڪندڙ ڪورين جي عزت افزائي ۽ معاشي بهبوديءَ لاءِ سندن سرپرستي ڪيائون.

1945ع جي شروع ۾ حضرت مخدوم طالب المولىٰ جن جي صلاح مشوري سان پاڻ "ايڊيوڪيشن سوسائٽي هالا" جو پايو وڌائون ۽ هن ئي سال هاءِ اسڪول جي وڏي مسجد ۽ مدرسو جڙي راس ٿيو. "ايڊيوڪيشن سوسائٽي" جي مدد سان سندن تعليمي سرگرميون اڃا به تيز ٿينديون ويون جو سنه 1947ع ۾ هالا ۾ سروري ڪاليج جي عمارت جي تعميرات جو ڪم شروع ٿيو ۽ چئن سالن جي عرصي ۾ سروري ڪاليج جي بلڊنگ تيار ٿي وئي ۽ درس و تدريس جو آغاز ٿيو. پوري هڪ سال کان

پوءِ 1952ع ۾ طالب المولیٰ نالي هڪ وسيع هاسٽل تعمير ٿي.

محمد اسماعيل عرساڻي جن لکن ٿا ته "ڪاش جيڪڏهن زندگي مرحوم مخدوم غلام حيدر جن کي مهلت ڏني ها ته هالن جي شهر ۾ هڪ ديوبند ثاني مدرسو ڪم ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ها. جتي جا پاڙ سند يافته هئا. هن عظيم درسگاه جي ابتدائي رٿا سندن هٿن ۾ مڪمل ٿي چڪي هئي.(4)

خدا جو شان آهي جو مخدوم غلام حيدر جي هن ديني خواهش جي دعا کي ڌڻي سڳوري مستجاب فرمايو ۽ ٻن ٽن سالن کان هالا پراڻا جي ناڪي وٽ هڪ تمام وڏو ديني مدرسو شايان شان نموني ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن ۾ هالا جي ديندار پائرن خواه بيرون ملڪ نوڪري ڪندڙ هالا جي ماڻهن جو مالي امداد به شامل آهي.

"قل سيروفي الارض تي سندن هميشه عمل هو، بيمار جي مزاج پرسي ڪرڻ لاءِ لنگهي ويندا هئا. ڪنهن وٽ مستند ديني ڪتابن جو ڏس پين ته به ڏسڻ ويندا هئا. ڪٿي بزرگن جي ملاقات لاءِ به ويندا هئا ۽ اهل الله جي زيارت لاءِ سفر ڪندا رهندا هئا. عارفن جي آستانن تي زيارت لاءِ ويندا هئا. غريب جي شادي ۾ شرڪت ڪري مسڪين جو مان مٿانهون ڪندا هئا. اهي سڀ سفر سنت نبي صلعم سمجهي ادا ڪندا هئا.

هڪ بزرگ لکي ٿو ته "هڪ پيري قلهڏين کان ٿي موٽيس ته مخدوم غلام حيدر صاحب جن جي منزل هڪ هنڌان ٿئي هنڌ ٿي وئي، پهريائين ڇهه اٺ سينگاريل پوءِ وري ڇهه گهوڙا سونن سنجن سان. ان کان پوءِ هڪ عاليشان سجايل گهوڙي تي هڪ ڪاڪاڙ ٻوتاڙ شيدي ڪمر سان ترار ٻڌل سيٽيو وينو هو. ان کان پوءِ مخدوم صاحب جن اٺ تي سوار هئا. ڪين اچي دستار، ڪارو ڪوٽ ۽ سنڌي جتي پيل هئي، پوءِ هو لشڪر ائن ۽ گهوڙن جو سوار ۽ پيادا به ٻه چار سئو هئا.

پاڻ مرحوم خانصاحب سائينداد خان جي دعوت تي ٿي ويا. مون به هڪ پاسو وٺي بيهي زيارت ڪئي. دل ۾ ڪافي دهشت پيدا ٿي، چيم ته جنهن شخص جو ظاهر ۾ ايڏو وڏو شان ۽ دبدبو آهي، سو باطن ۾ به اهڙو هوندو. ورنه ماڻهن کي ڪهڙي پئي آهي جو ڏر تتيءَ جو ٽاپا کائيندا وتن. ائين به نه آهي ته هت لونگي پڳ ملندن يا جي نه هلندا ته جيل ۾ پوندا. نه نه جاتم ۽ سوچيم ته اها ڏيا، ڏينهنِ ڪان هلندي ٿي اڃي ۽ پويان به هلائيندا اچن."(5)

مرحوم مخدوم غلام حيدر صاحب نهايت بيدار مغز، معامله شناس، ذهين ۽ وڏو مفڪر هو. دين ۽ دنيا جا امور سندن پيش نظر هئا. مسجد کان وٺي اسيمبليءَ تائين سندن نگاه هئي، تسبيح ۽ مصلي کان وٺي سياسي ۽ قومي ڪمن تائين سندن دسترس هئي. علم و مطالع، وضعداري، خدمت خلق، جود و عطا، سياست ۽ رياست جا مسئلا، خانقاه ۽ مريدن جا مسئلا ۽ سندن نگهداشت، متعلقين خواه غير متعلقين جي خبرگيري، هاءِ اسڪول ۽ سروري ڪاليج جي تعميرات ۽ توسيع، شهرين جا مسئلا ۽ ضرورتون، هالا ميونسپالٽيءَ جو نظام سنڀالڻ، غريب پروري آهي سڀ امور هڪ ئي شخصيت ۾ جمع ٿيل هئا."

"طبع نفيس پر نهايت عميق، نظر وسيع پر نهايت معامله فهم اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ساري سياست جو مرڪز ۽ محور فقط هيءَ شخصيت هئي. هن عظيم انسان جي اشاري سان سنڌ جي سياست وابسته هئي. جلال ۽ جمال، علم ۽ ڪمال، فضل ۽ سياست جي هن جامع شخصيت جي اشاري سان سنڌ جون وزارتون ٺهيون ٿي ۽ ڊهيون ٿي."

اڄ سنڌ ۾ اهڙي شخصيت جو مثال نظر نٿو اچي. سادي وضع سفيد پڳ، سفيد شلوار، سفيد سونهاري، سنڌي جتي يا ڪڏهن ڪڏهن ڪارو سليپر پهرڻ، ڪڏهن سفيد پهراڻ پائڻ، ڪوٽ يا شيرواني پائڻ، هٿ

۾ تسبيح، هميشہ باوضو رهڻ ۽ درود شريف ڪثرت سان پڙهڻ، گهٽ ڳالهائڻ ۽ وڌيڪ پڙهڻ سندن عادتن ۾ داخل هو.(6)

سنڌ جا ماڻهو ۽ خاص طور هالا جا رهواسي مخدوم غلام حيدر کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. جيڪو سنڌ ۽ سندن اولاد جو محسن هو. هيءُ بي مثال هستي جنهن جي دل علم جي روشنيءَ سان منور هئي زنده جاويد رهندي.

گوليان ۽ گنديان، ويا ويراڳي نڪري،
صحبت جا سنڌيان، آءُ نہ جيئندي ان ري.

(شاهہ)

## حوالا:


1– سليم هالائي قاضي عبدالحئي: مقالو "باني سروري ڪاليج، سروري مخزن 66–1965ع، ص 14.

2– مولانا غلام محمد گرامي: مقالو مخدوم غلام حيدر رسالو شاعر رفيق حيات نمبر.

3– پروفيسر محبوب سروري: مقالو "بہ پيرا شاباس"، محبوب سروري هڪ نثرنويس مرتب شاه محمد 1992ع، ص 121.

4– عرساڻي محمد اسماعيل، مقالو مخدوم غلام حيدر، تماهي مهراڻ، 1989ع، ص 116.

5– سيد عطا حسين شاه موسوي: "هالا هاءِ اسڪول مخزن سال 1957ع، ص 31.

6– گرامي، غلام محمد، تماهي "رفيق حيات نمبر "شاعر"، تماهي هالا نوان.



سنڌي شعبي جا استاد ۽ ايم فل جا شاگرد



سنڌي شعبي جون ايم فل جون شاگرديائيون پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه سان گڏ